


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وصال جا آخري ڏينهن

(شاعري)

عزيز گوپانگ

معصوم سانگهڑائي اڪيڈمي
سانگهڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو :	وصال جا آخري ڏينهن
صنف :	شاعري
ليکڪ :	عزيز گوپانگ
ڇاپو :	پهريون، مارچ 2007ع
ڇپيندڙ :	آزاد ڪميونيڪيشن، ڪراچي
ڇاپيندڙ :	معصوم سانگهڑائي اڪيڈمي، سانگهڙ
ڪمپوزنگ :	راڻو ميگهواڙ، سورج پرنٽرس، حيدرآباد
قيمت :	ٻه سؤ رپيا

Vissal Jaa Aakhree Deenhn

(Poetry)

Written by: Aziz Gopang

Published by: Masoom Sanghrai Academy, Sanghar

Printed by: Azad Communication, Karachi

Composed by: Rano Meghwar, Soorij Printers, Hyderabad

1st Edition: March 2007

Price Rs: 200/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

پنهنجي پاران	13
مهاڳ	19
غزل	25
اچو تہ زندگيءَ جو سامان هٿ ڪريون	27
اقرار ۾ انڪار ۾ منجهي پياسين	28
پيار جو اڄ پيمانو پکو ڪر	29
جڳ واسطي هِن جهان واسطي	30
اي ! دل هاڻي تون مسافري ڇڏي ڏي	31
پکي جيئن ڪو آکيري ۾ لڏي	32
گهٽو ٽيو اي دِل! هاڻي جلڻ ڇڏي ڏي	33
افسوس جي تہ انتها ٿي وئي!	34
اکڙين جي سَدا آڏا رگذري	35
هُيو گم تو ۾ گهر ۾ شهر ۾ ڪوئي	36
شوق آوارگي ۽ هي تنهائي	37
نہ همدرد نہ ڪوئي غمخوار اسان جو	38
ياد اڃي ٿي ليڪن	39
توکي ويڃايو اسان	40
جَذبو اسان کي ڪُومل گُهرجي	41
هُوءَ بنجي شاعري ويندي	42
زندگي معنيٰ رکي ٿي	43
هُوءَ ياد آئي ۽ بس	44
پڇي راس ٽيل هُوءَ فصل وانگي	45
جا پي رُت بهاري هُئي	46
صياد ڪٿي! ستمگري ڪٿي آهي؟	47

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مري وڃجي هُن لاءِ، پيار ايڏو به نہ هو 48
زماني مٽان عشق جو بار ايڏو به نہ هُيو 49
هُوءَ وڃڻي ۽ زندگي لرزي اُٿي 50
دِل جي حوالي ٿي وياسين 51
ويئي هُئي لَٽجي دل، درد جي بارسان 52
حَق اسان جو ڳلن تي اوهان جي 53
زندگي هي عذاب آهي 54
اُوهان جي اسان کان پرده داري هُئي 55
چٽيل پن ۾ جيڪا ڪاڻ آهي 56
هِجر، وصل نہ پريشاني رهي ٿي 57
قصا ختم اسباب ختم 58
پاڻ مٽان ائين نہ ستمگري ڪَر 59
هُوءَ بڻجي شاعري ويندي 60
رستن تي پَن ڇَڻ ڪي رقص ٿي پيئي 61
ڦُڙي ڦُڙي دِل مٽان وسي ويئي 62
تُون نہ تُنهنجي جُستجو رهي 63
هُوءَ وڏي ويئي، ۽ اسان رستي ۾ رهجي وياسين 64
هُوءَ جڏهن به پنهنجي پَر مان گُذري هُئي 65
زَخم نہ ترڀيا جي دِل نہ رهي 66
اوهان سان اگر پنهنجي شناسائي آهي 67
عشق ۾ محمود کو ايازنہ هُجي ٿو 68
مُشڪلون سيئي آسان ٿي وڃن ها 69
دِل کي پَنهنجي بيهڻ جا هُيا اسباب هزارين 70
نيٽن ۾ آباد گلاب رهن ٿا 71
رڻ مٽان رِم جِهم هوندي 72
برکا رُت ۾ پَرجي آيا، وسيا پَر ڪونہ ! 73
اُچاريوسين هُن کي ڪلمات وانگي 74
انتظار چاهي دلدار جا آهي؟ 75
بَرسات ۾ ياد اوهان جي ڏياري ٿي 76
حياتي هِن مُختصر ۾ 77

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ جا اسان جا اڳھ پارپڇي ٿي 78
اي خزان ايڏي مهربان نہ ٿي 79
اسان کي بہ پياريو، جياريو 80
سورهين سال ۾ شمار ٿي ويئي 81
مون کان نہ گذار، ڏار، يار 82
زندگي کي معنيٰ مِلي نہ سگهي 83
يادون شعر ٿي ويون آهن 84
اکڙين جي آستان ۾ رَهي ٿي 85
تو وٽ درد جو نہ ڪوئي درمان رهيو 86
زندگي هاڻ مسئلو ناهي 87
ڪک پَن ٿي ويو مَن منهنجو 88
پاڻ نہ پڇيو ڪڏهن پي شُجرو تُنهنجو 89
نغما لکياسين ڇو گلن متان 90
سُندر سَپني جهڙي تُون 91
اڄ ڪيڏانهن مان وَري وڃان 92
شَهر ۾ اوهان جي قانون جَهنگل 93
رنج، گِلا ڪا شڪايت نہ رهي 94
دل کي جو هاڻي قرار ناهي 95
گُل سان جيڪو بہ دوستي رکي ٿو 96
خواب جاڳن ٿا ۽ رات جاڳي ٿي 97
توسان ملڻ بہ ڏکيو ٿي پيو 98
گُل کي دِل ۽ دِل کي گُل لکان ٿو 99
راهہ ويندي جو نهاري وئي 100
تنهنجي گهر جو رستو پُلجي ويس 101
تُنهنجي چاهہ جي ڪوٽ ۾ زمانا قيد 102
گيت هي رُسي وڃن تہ مري پوان 103
هُن راه و رسم رکي ٿو 104
هي دل ديواني، دنيا سياڻيءَ ۾ 105
اڄ تہ نئون ڪو وهنوار سکي اچون 106
توکي ڏسي، ويس گذري، بي ڌياني ۾ 107

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابن جو ديرو جوڙ 108
تُنهنجي بي وفائيءَ جو سلسلو هيو 109
عشق جو تون امتحان نہ وٺ 110
دوستيون دشمنيون هڪجهڙيون 111
جيئن صحرا ۾ ٿو ڪوئي گُل ڦُٽي 112
جڏهن بہ مان پئہ ڪِليس گهٽو 113
سياڻي دنيا، ديواني دل 114
اي دوست! آسان زندگاني ڪري وڃ 115
ڳوٺ پنهنجي جون سڀ ڳهٽيون 116
هي خزان ۾ ڪهڙي ٿي بهار اچي 117
ڪنهن پَر نہ زندگي عذاب آهي 118
بَدن جي انڌيري سُهائي ڪَري ويئي 119
بهار جو پهريون گلاب لڳين ٿي 120
وڻ ڪن ٿا اڪثر ڳالهيون 121
منهنجي خوابن جو سدا هي سلسلو روڪي 122
آڳم آڳم سانوري 123
هر قميت تي احوال سربستو ڪبو 124
چنڊ، چاندوڪي گُل ۽ مان 125
اکين کي بي درد هٿ گهرجي 126
زندگيءَ کي هُيا اسباب هزارين پَر ڪٽي! 127
دِل پنهنجيءَ سان هاڻي نہ حُجت ڪبي 128
راتين جي سرگوشي جُگنو بُدَن ٿا 129
دُنيا ۽ دُنيا جي ڪم ڪار ۾ 130
ٿڃي ڪيئن مصلوب، سِکڻ هلئون 131
محوِ گفتگو رهي ٿي 132
راهہ و رسم بہ نٿي رکين 133
پَرچڻ لاءِ چگو تُنهنجو رُسڻ لڳي ٿو 134
ڪيڏا رنگ انڌيري ۾ 135
تمثيل هُئي، هُو استعارو هُئي 136
آهي زندگي مختصر جو غم! 137

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم ۾ لٽل پکين جي ننڊ	141
بغداد	142
عراق	143
دارالامان	144
ڇا ان سان تنهنجي واقفيت آهي!	145
هي اڇي ڏاڙهي پٽهين جي	146
چنڊ اسان لاءِ ڦول ستارا	147
خوابن جا اٽيل ريشمي ڏاڳا	148
بي سبب بي ترتيب نقش چٽيون ها	149
خوشبو ڪاري ناهي ٽيندي	150
گمان ۾ آباد محبت جو ديس	151
تالا نہ پوندا سرِ شام گهرن تي	152
تبديلي	153
آخري شام جي هڪ اداس لولي	154
چنڊ جا اڪيلا نيٺ ۾ هڪ مشهور تنهائي	155
عقيدي جي ورقن ۾ قيد ڪيل مور جي پرن جهڙي چوڪري	156
شهيد ٽي ويل خاموشي	157
هڪ سوال پکين کان ٻه پُڇو	158
هڪ گنهگار گُل جو آباد ڪيل چمن	159
مُنهنجي مِني امان	160
پَرتيستائين زندگيءَ جو ڇا ٽيندو؟	161
بي انصافيءَ جي نڪتل "بليڪ اينڊ وائيٽ" تصوير	162
زمين تي ائين ئي ڪُجهه ٽيندو رهيو آ!	163
زخم متان ظاهر ٽيل دوا جي رازداري	164
ديواني ٽيٺ جو مڪمل خواب	165
زندگيءَ جي گُلدان ۾ مُرجهائجي ويل گُلاب جا گلاب	166
غير سنجيده دِل جو سنجيده عشق	167
بيگانگيءَ جو اعتراف ديوانا ڪندا آهن	168
هڪ مسافر جي آتم ڪهاڻي	169

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڇوڙي ۾ خواب جو سمارو	170
وصال جا آخري ڏينهن	171
دل کان ساقيءَ جا ستم وسري ويندا آهن	172
هڪ خواب جو اُداس روپ	173
هڪ گڏيل مرثيو	174
مؤسمِ خار ۾ دِل جِي اڪيلائي	175
اڻ پوري هُجڻ جو هِڪ پورو احساس	176
دل اسان جي دارا ۽ دنيا اورنگزيب	177
رومينٽڪ رِوينج	178
بندوقن جي ٽڪائن ۾ گم ٿي ويل ڪَتن جي خاموشي	179
رابيل	180
خوابن جي ٽڪاوٽ جو نالو محنت آهي	181
مجبور عشق جي بيپرواهي	182
طرابلس	183
اقرار جي گذري ويل مؤسم	184
جوانيءَ جو نوحو	185
مؤسمِ گُل	186
پرواني جو جگر شمع نٽي ماپي سگهي	187
عشق پنهنجو سرمد ۽ دار تُنهنجو در	188
بهار لاءِ ڇڏيل هِڪ ڇِڻي	189
نگاهُن ۾ پٽڪندڙ هجر جي رُسوائي	190
جوانيءَ جي تمنا ۾ زنده رهندڙ درد	191
فلسطين	192
گناهه جا سونهري ڪيت	193
رستي تي قتل ٿيل خوشبو	194
حياتِ جاودان لاءِ وڙهيل بيڪار جنگ	195
شاعري ٿي ويل هِڪ چوڪري	196
زندگي گذارڻ جو هِڪ نئون سبق	197
مُحبت جي سزا زندگي آهي	198
نامهربان نگاهن ۾ ٻُڏي ويل زندگي	199

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ جوابدار قبيلي ڏانهن تاريخ جو سمن 200
سوالن کان پناهه ڳوليندڙ زندگي 201
هڪ ناخوشگوار دُعا 202
جواني ۽ جي اڏوري خواب مان جاڳيل حياتي 203
خون جن جي سان، گهٽيون مقتل جون مهڪي اُٿيون 204
مرده راتين ۾، زنده خواهشون 205
نامُرادين جي باهه ۾ سڙندڙ خواهشن جو صندل 206
سمائي ۽ کان خالي هڪ سپني جو ڏک 207
پنهنجي ذات سان جوڙيل هڪ لاتعلقي ۽ جو رشتو 208
اچو ته بهارکي موسمِ گُل لکون 209
هڪ اعتبار جيڪو ايمان ۾ تبديل ٿي ويو 210
هڪ سفر جي ڪٿا 211
خواب ۽ ساڃيان جي فرق واري هڪ پريشاني 212
بيوفائي ۽ جو ياد ڪيل نصاب 213
انصاف جي ڳولا ۾ نڪتل هڪ ايف آءِ آر 214
اظهار 215
امڙ جي جهول ۾ وساريل ننڊ 216
هڪ رشتي جي نئين تشريح 217
پيار حقيقت کان بـ خوبصورت ٿئي ٿو 218
بيوفائي موٽ جو پيغام آهي 219
آزادي حاصل ڪندڙ هڪ نظم 220
خوابن جي صُورتخطي 221
ڪئميرا جي اک ۾ رهجي ويل سنڊ 222
ڪجهه ڳالهين جي خبر دلين کي ناهي هوندي 223
دِل جي نوڪري ڪندڙ هڪ ملازم جو غم 224
خود ڪشي ۽ جا خواب وساري ويڻل هڪ دريا جي رُسوائي 225
شناختي ڪارڊ جو نمبر ڪير ياد رکي 226
پسيل ماڃيس سان آزادي ۽ جي آگ نٽي ٻاري سگهجي ! 227
ذوالفقار علي يٽو 228
ويس دارا جو وٽي 229

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مؤسمن وانگي دليون	233
گُل تو نہ پَتيا	234
آئون تو بنان، ڪيان تہ چا ڪيان ؟	235
مونکي تُون نہ وِسارگوري! مونکي تون نہ وِسار	236
هُئي ڪائنات هي ڪا محوِ گردش	237
تُون اَپريل جي بَهار مِثي	238
چنڊ ڪِڙي ئي نڙو	239
پنهنجي سُونهن کي تون رئي ۾ نہ لڪاءِ	240
بَدن تُنهنجو شيشي جهڙو نميل	241
اي دل! دير ٿي ويئي گهڻي آ	242
ڪياماڙيءَ تي ڪهڙو	243
منهنجي شعرن جو فصل ڦُٽي ٿو	244
سارين جي سُرهاڻ	245
سانوڻ آئي هيل	246
هڏن مان اڪثر آهي ڪري پوندي	247
عشق عبادات ڪري آيو	248
اوهان جي واهيري آيا آهيون	249
چا لاءِ هُيو هُو خاڪ بَرِ سَرِ شام	250
دل بيڪس بنجي ويئي	251
ويئي ڦهلجي خوشبوءَ جيان سنسار ۾	252
تو بنان تڙپي اُٿي	253
سورج، چنڊ، ستارا جرڪن	254
بَدن جي ڪمان ۾ هُوءَ تير جيان تاڻيل	255

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

مان پنهنجي شاعريءَ جو هي پهريون مجموعو ارپيان ٿو:

- پنهنجي مِٽيءِ ماءُ کي، جنهن پنهنجين دعائن سان مون ڏانهن وڌندڙ هر ڪوسي واءُ جو رستو روڪيو ۽ پنهنجي اٽاهه محبت جي ڇانوري ۾، منهنجي جڏيءَ جيءَ کي جاءِ ڏني.
- پنهنجي بابا سائين ڊاڪٽر محمد صالح گوپانگ کي، جنهن جي هم گير شخصيت ۽ اعليٰ سماجي توڙي ادبي ادراڪ ۽ ساڃاهه جو ڪجهه حصو مون کي وراثت ۾ مليو.
- پنهنجي ننڍي پياءُ امداد گوپانگ کي، جنهن سان اگر ڪنهن ڏينهن ملاقات ناهي ٿيندي ته لڳندو آهي، اُهو ڏينهن منهنجي زندگيءَ ۾ آيو ئي ناهي.
- پنهنجي پيٽ ڊاڪٽر زبيده الطاف کي، جنهن جي سياهُ ۽ اکين ۾ مونکي امڙ جو عڪس نظر ايندو آهي.
- پنهنجي پُٽن ڪاظم رضا ۽ حسن رضا کي، جن سان پنهنجي پيار جي تشريح ۽ اظهار لفظن ۾ نٿو ڪري سگهان.
- پنهنجي دوست معصوم سانگهڙائي کي، جنهن جهڙو اَمُلهه انسان مون پنهنجي سموري شعوري زندگي ۾ نه ڏٺو آهي ۽ نه ئي ٻڌو آهي. هُن جي دوستيءَ دؤران منهنجي نه رڳو اعليٰ انساني قدرن سان شناسائي ٿي پر محبتن ۾ ويساهه به وڌيو.
- ۽ پنهنجي دل کي، جنهن جي بار بار عشق ڪرڻ واري عادت مونکي زندهه رکندي اچي.

ـ عزيز گوپانگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

مون شاعري ڪڏهن کان شروع ڪئي اهو چڱيءَ طرح ياد ناهي، پر ايترو ضرور ياد آهي ته جڏهن مُنهنجو پهريون شعر هڪ اخبار ۾ ڇپيو ۽ منهنجي بابا سائينءَ[1] جي نظر مان گذريو هو ته هُن اُها اخبار گهر آڻي امڙ جي اڳيان ڏٺو ڪري ڪيس چيو هو ته "حيدر[2] پنهنجي لاءِ ڪنبن وارو رستو چونڊيو آهي!"

پنهنجي واسطي، بابا سائينءَ جو چيل اهو جملو سموري حياتي پڙاڏو بنجي مُون سان گڏ رهيو آهي. مون پنهنجي والد صاحب جي انهيءَ جملي جي صداقت ۽ گهرائيءَ کي هر اُنهيءَ لمحي وڌيڪ محسوس ڪيو آهي جڏهن دِل يا دُنيا جي ڪنهن به معاملي مُنهنجي حساس طبعيت کي بي چٽن ڪيو آهي، حساسيت لڙڪ کي جنم ڏيئي ٿي، پو اُهو لڙڪ ڪِتي ڪهاڻي بنجي ٿو، ڪِتي تصوير ته ڪِتي وري شعر جو رُوپ وٺي ٿو.

حساسيت هڪ اهڙي ڪيفيت يا خوبيءَ جو نالو آهي، جيڪا جنهن به ماڻهوءَ ۾ هجي ٿي. ان کي ٻين هزارن توڙي لکن ماڻهن کان مختلف بنائي ٿي. حساس طبعيت رکندڙ اهڙن ماڻهن جو قبيلو اديبن، شاعرن، موسيقارن مصورن تي ٻڌل هُجي ٿو اِهو شايد اتفاق ئي آهي ته مون پنهنجو پاڻ کي روحاني توڙي عملي طور تي اِنهيءَ قبيلي جو حصو ئي تصور ڪيو آهي.

ڪنهن به شعري توڙي ٻي صِنف تي ٻڌل لکڻين جي مجموعي جي شروع ۾ صاحبِ ڪتاب پنهنجي ذات يا لکڻين بابت ٻه اکر اظهار ڏيندو آهي، اِها هڪ اهڙي روايت آهي جنهن سان ليکڪ کي پنهنجي ذات جي باري ۾ پڙهندڙن سان پنهنجا ويچار وڊڻ جو موقعو ملي سگهندو آهي، پر منهنجو ذاتي خيال اِهو آهي ته پنهنجي باري يا پنهنجي ذات سان درپيش مسئلن ۽ ڪيفيتن جو ذڪر ڪرڻ کو گهٽو

---

(1) ڊاڪٽر محمد صالح گرپانگ، سنڌ جو نامياروَ اُستاد ۽ تعليمدان، جنهن 27 فيبروري 2005ع ۾ وفات ڪئي.

(2) حيدر بخش، ليکڪ جو اصل نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضروري ناهي، اختصار کان ڪم وٺندي مان فقط اُنهن محرڪات جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس جيڪي مُنهنجي خيال کي شعر ۾ تبديل ڪرڻ جا سبب بڻيا آهن.

اُنهن سڀني معاملن ۾ رشتن ڏانهن منهنجو رويو بنهه شديد رهيو آهي جن جو واسطو ڪنهن نه ڪنهن صُورت ۾ منهنجي ذات سان هجي ٿو. دوستي هُجي يا شناسائي، اوپرائپ هُجي يا پنهنجائپ، مون هر رشتي کي اُن جي معيار ۽ مرتبي آهر نيايو آهي، شاعريءَ ڏانهن مُنهنجو رويو محبت واروئي رهيو آهي، مون زندگي ۾، رڳو هڪڙي ست به اذيت ۾ ناهي لکي. خيال ڪيڏو به سٺو چونه هُجي، لفظ ڪيترا به دلڪش چو نه هُجن، جيڪڏهن منهنجي مزاج کي ناگوار هُجي ٿو ته مان شعر لکڻ جي بجاءِ ٽي. وي تي خبرون ڏسڻ کي ترجيح ڏيندو آهيان، منهنجو ايمان آهي ته جيڪڏهن لفظن کي زبان هجي ها ته اڄ انهن سان زيادتي ڪندڙ ڪيترائي شاعر زوري لکڻ جي ڏوهه ۾ سزائون ڪاٽي رهيا هجن ها!.

شعر لکڻ جي حوالي سان ڪيترائي مفروضا ۽ ڏندڪٿائون ٻُڌڻ ۾ ايندیون رهن ٿيون، ڪُجهه شاعر چون ٿا ته شاعري نازل ٿيندي آهي، ڪجهه شاعرن جو خيال آهي ته اُها مُڪمل شعوري ڪوشش جو نتيجو هجي ٿي ۽ ڪجهه شاعر اهو به چون ٿا ته شاعري عشق سان مشروط آهي. يعني عشق ڪرڻ شاعري ڪرڻ لاءِ لازمي شرط آهي. جڏهن ته مُنهنجو تجربو شاعري بابت اهڙن مفروضن کان بنهه مختلف ۽ حيران ڪندڙ آهي. مون غزل يا نظم ته ڇا ڪڏهن هڪڙو لفظ به الهامي ڪيفيت ۾ ناهي لکيو، الهام ۾ ڇيل يا لکيل ڪوبه خيال يا تصور، ماڻهوءَ جي داخلي سوچ يا ڪيفيت کان وڌيڪ هڪ پُراسرار طاقت جي رد عمل طور وجود ۾ اچي ٿو. جڏهن ته منهنجي شاعري ۾ ڪٿي به الهامي رُوح نه پر منهنجن احساسن ۽ جذبن جو عڪس ئي ڪارفرما آهي. ساڳي ريت مڪمل شعوري ڪوشش سان سماج جي ڪنهن ٻرندڙ مسئلي تي ڪالم ته لکي سگهجي ٿو پر شاعري ڦٽي ڪري سگهجي، ۽ جيستائين شاعري لاءِ عشق جي شرط جو تعلق آهي ته اها ڳالهه به مان سمجهي ناهيان سگهيو، جيڪڏهن شاعري ڪرڻ لاءِ عشق ڪرڻ واري پابندي درست هُجي ها ته پوءِ دُنيا جو هر ماڻهو شاعر ضرور هجي ها. جو ته مان انهيءَ ڳالهه ۾ يقين رکان ٿو ته عشق کا ادبي سنگت ڪونهي جنهن ۾ رڳو شاعر ئي داخل ٿي سگهن، عشق هڪ آفاقي ڪيفيت جو نالو آهي، جنهن مان هر جوان دل گذري ٿي. دُنيا ۾ اهڙن ڪيترن ئي ماڻهن جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا جيڪي پنهنجي عشق ۽ ان جي عظيم ادائگي جي بنياد تي تاريخ ۾ اَمر ٿي ويا، پر اُنهن پنهنجي پوري جمار ۾ هڪ شعر به ڪونه لکيو هو ۽ ساڳي ريت مون کي اهڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيترن ئي شاعرن جي بہ خبر آهي جيڪي شاعر تہ بلاشڪ سُڏا آهن پر انهن وٽ عاشقي ڪنهن فضيلت پربي جذبي جي حيثيت ۾ نظر ڪانہ ٿي اچي.

انهيءَ سموري پسمنظر ۾ جيڪڏهن مان پنهنجي شاعر هُجڻ واري لقاءِ يا شاعري ڪرڻ واري عمل تي نظر وجهان ٿو تہ بنهہ عجيب تجربا ياد پون ٿا. مون شاعري نہ عشق جي نتيجي ۾ ڪئي آهي، نہ مڪمل شعوري ڪوشش سان ۽ نہ ئي ڪنهن الهامي عذاب جي بنياد تي. اوهان پڙهندڙن کي حيراني ٿيندي تہ منهنجي شعرن لکڻ جا سبب پڻ ايترائي آهن جيترو اُنهن جو تعداد! مون ڪڏهن اوچتو سگريٽ ختم ٿي وڃڻ واري حالت ۾ شعر لکيو آهي تہ ڪڏهن وري ڪنهن بہ سبب جي ڪري دِل ۾ پيدا ٿيندڙ آسودگي جي احساس ۾، شاعري لکڻ لاءِ مون وٽ ڪابہ نصابي پابندي ناهي رهي. ڪڏهن ڪا فلم متاثر ڪندي آهي تہ شعر جوڙي ونڊندو آهيان، ڪڏهن ڪنهن ڪتاب ۾ متاثر ڪندڙ جملو وغيره شعر لکڻ جو مواد ذهن ۾ پيدا ڪندو آهي تہ ڪڏهن وري ڪنهن جي خوبصورت شاعري يا گائيڪي شعر چوڻ لاءِ آماده ڪندي آهي. مطلب تہ منهنجي شاعريءَ جا محرڪ منهنجي روزاني زندگيءَ جا اُهي معاملا آهن، جن مان ڪجهہ مونکي خوش رکندا آهن تہ ڪجهہ وري رنج. مطلب تہ ماضيءَ جون يادون، حال جا روزاني ونهوار، ۽ آئيندي جا خواب ۽ خيال منهنجي شاعري جا اصل محرڪ آهن.

اوهان پڙهندڙن کي منهنجي شاعريءَ ۾ علم عروض جي پابندي کا وڌيڪ احساس جي اهڙي آزادي ملندي جنهن جو واسطو سڌي طرح منهنجي داخلي ڪيفيت سان آهي ۽ انهن جي مڪمل ذميواري بہ مان پاڻ تي کڻان ٿو. عُمر جي چوئيتاليهہ سالن ۾ مون جيڪا بہ شاعري ڪئي آهي اُها هن مجموعي ۾ شامل آهي، گهٽو ممڪن آهي تہ ڪُجهہ اسم مون کان گم ٿي ويا هُجن. جنهن جو مون کي ڪوبہ غم ناهي. ها البت اهو لکڻ ضروري سمجهان ٿو تہ منهنجي شاعري ۽ اُن کي پيار وچان پڙهندڙن جي وچ ۾ نقادن جي ڪابہ گنجائش ناهي چو تہ مان سمجهان ٿو تہ شاعري مٿان تنقيد ڪرڻ دِل جي مؤسمن مٿان تنقيد ڪرڻ جي مترادف هجي ٿي.

منهنجي شاعري خوبصورتين، حادثن، نظارن، يادن، احساسن، وفائن ۽ بيوفائين جي ردعمل ۾ تخليق ٿي آهي، ۽ اُن جي هر خوبي توڙي خامي جو مان ئي وارث آهيان، مان ڪڏهن بہ پنهنجي ڪنهن شعر يا اُن ۾ استعمال ٿيل هڪ بہ لفظ تان دستبردار نہ ٿيو آهيان ۽ نہ ئي وري ڪڏهن ٿيندس.

مُنهنجو ادبي سفر سانگهڙ ۾ شروع ٿيو، سانگهڙ جتي مان پلجي وڏو ٿيس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم حاصل ڪئي، دوستيون رکيون، واعدا ڪيا، واعدا ورتا ۽ اُنهن واعدن جي رِڌ ۾ جوانيءَ ۾ ڊوڙندو رهيس. مان پيدا ته ضلعي نوشهري فيروز جي تعلقي ڪنبرياري ويجهو ڳوٺ حاجي خان گوپانگ ۾ ٿيس ۽ پهريون درجو ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪيو، پر جيئن ته اُنهن ڏينهن ۾ والد صاحب جي نوڪري سانگهڙ ۾ هُئي ۽ اُنهيءَ سانگي گهر پاتين کي لڏائي سانگهڙ وٺي آيو، جتي هُن پنهنجو هِڪ ننڍڙو گهرڙو به ناهي ورتو هو. آکيري مثل انهيءَ گهر ۾ اسان ڇهه ڀائر پنجن پينرن جي ساڻ سان ڪلندي ڪڏندي، وڙهندي پرچندي، اسڪول ويندي ۽ گسائيندي وڏا ٿياسين. سانگهڙ ۾ ڏهه ٻارنهن سال رهياسين، اُنهيءَ سموري عرصي دوران اسان کي ڪڏهن به ڪنهن به مرحلي تي اِهو احساس نه ٿيو ته اسان هتان جا مقامي رهاڪو ناهيون، سانگهڙ جيئن ته حُرن جي اڪثريت وارو شهر آهي، اِن ڪري اسان کي ڪين ويجهي کان ڏسڻ ۽ پرکڻ جو ڀرپور موقعو مليو، حُر ذات پات جي تضاد ۽ فرق کان گهڻا مٿانهان ٿين ٿا. سانگهڙ جو هِڪ پورو نسل والد صاحب جو شاگرد ٿي رهيو آهي، انهيءَ ناتي حُر جماعت اسان جي خاندان کي هِڪ استاد جي خاندان جي حيثيت سان گهڻي عزت ۽ تڪريم سان ڏسندي هُئي، سانگهڙ جي ماڻهن سان اسان جو ادب ۽ احترام وارو اُهو رستو اڄا به قائم آهي.

سانگهڙ ۾ پڙهڻ دوران مون کي ڪُجهه اهڙن استادن جي رهنمائي به حاصل رهي، جن کي سنڌي ٻولي، قوم ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان وڏو موهه هُيو، اُنهن استادن جي تربيت ۽ تعليم مُنهنجي سوچ ۾ بنيادي تبديلي آندي، سائين محمد عُمر چنڙ، سائين محمد حسن بچاڻي، سائين غلام نبي مهر، سائين منير سولنگي، سائين الهه جُڙيو چاڪراڻي، سائين امام علي شاهه، سائين عبدالواحد لانڊر، سائين مير محمد ساند ۽ ڪُجهه ٻين استادن جي تعليم جا منهنجي ذات تي گهرا اثر مرتب ٿيا ۽ مان عام شاگردن وانگر اکرن جي جهنجهٽ ۽ ڇار ۾ قاسڻ بجاءِ اُنهن جي رُوح کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اڳتي هلي پاڻ کي هِڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ دريافت ڪيو.

مون لکڻ جي شروعات ڪهاڻين سان ڪئي، اُنهيءَ جو سبب اِهو هو ته مُون اٽين، نائين درجي تائين سنڌ ۾ لکيون ويندڙ تقريباً سڀ ڪهاڻيون پڙهي ورتيون، ستر واري ڏاهاڪي جي آخر تائين سنڌي توڙي اردو جو ڪوبه اهڙو ڪهاڻيڪار يا افسانه نگار ڪونه هو، جنهن کي مون پڙهي پورو نه ڪيو هُجي. نراسيت توڙي انقلابي سوچ تي ٻڌل ديسي توڙي پرڏيهي ادب کي تن چئن سالن ۾ پڙهي پورو ڪيم. ٻن الڳ الڳ سوچن ۽ نظرين تي ٻڌل ادب جو مُنهنجي ذات تي هِڪ جيترو ئي اثر ٿيو. اِهو اهڙو دؤر هو جڏهن ٻاروتڻ آگر ڇڏائي مون کان پري ٿي ٻيٺو ۽ مون اڪيلي، حيران ۽ اُداس جوانيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پير پاتو. عُمر جو اِهو حصو اهڙو هُجي ٿو جڏهن ماڻهوءَ جو اختيار پنهنجي سوچ ۽ عمل متان گهٽو مضبوط نٿو رهي ۽ ان جي بگڙڻ جا موقعا چگي بنجڻ جي مقابلي ۾ وڌي وڃن ٿا. مان مزاجاً آوارگي پسند ۽ قدري بي چيو نوجوان هوس، تعليم ۽ هم نصابي سرگرمين ۾ نمايان هجڻ جي باوجود منهنجو روزاني زندگيءَ جو معمول گهمڻ ڦرڻ، فلمون ڏسڻ ۽ راندين رهڻ ڏي وڌيڪ مائل هو، اِهوئي وقت هو، جڏهن منهنجي دوستي هڪ اهڙي نوجوان سان ٿي جنهن جو نالو فقير عبدالقادر مهر هو، جنهن کي اڄتي هلي دنيا معصوم سانگهڑائيءَ ي نالي سان سڃاڻڻ لڳي.

معصوم سانگهڑائي، ڪمال جو ذهين، شعوري طور تي نهايت پختو ۽ انتهائي دِل آويز دوست هو، سندس صحبت جي اثر هيٺ، منهنجي ذات ۾ پلجندڙ منفي لاڙا ختم ٿيندا رهيا ۽ مان هڪ سنجيده ليکڪ جي صُورت ۾، سانگهڙ جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ سڃاپجڻ لڳس. معصوم سانگهڑائي جي دوستي ۾ رهندي مون سانگهڙ ۽ جهول ۾ ٿيندڙ ادبي سنگتن جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي، جتي منهنجي ملاقات اسحاق مگريي، ساگر ناريجي، قلندر بخاري، عاشق سولنگي، بخشڻ مهراڻوي، ياد لغاري، ميوي خان موج، مير ضيغم تالپر، عاجزمنگي، عاجز اڇڻ، معصوم هالائي، بادل ٽري، آفتاب نظاماڻي ۽ سائين الهه ورائي بهڻ صاحب جهڙن سنجيده اديبن سان ٿي، اُنهن گڏجاڻين دؤران هڪ ڀرپور تنقيدي نشست جو پڻ اهتمام ڪيو ويندو هو. تنقيد جيئن ته بي رحم ۽ سخت ڪئي ويندي هُئي، اِن ڪري پهريون دفعو لکي ايندڙ اديب ٻيهر ڏسڻ ۾ گهٽ ايندا هُئا. سيننڙ دوستن ۾ هڪ اهڙو دوست به هوندو هو جيڪو پنهنجي نرم لهجي ۽ سُلجهيل سَياڻ سان نوجوان لکندڙن جي حوصلہ افزائي ڪندو رهندو هو، هُن جي رهنمائي ۽ حوصلہ افزائيءَ جي بدولت سانگهڙ ۾ ادب جي شمع ڪڏهن جهيٽي ته ڪڏهن تيز آخر تائين ٻرندي رهي ۽ اُجهائي ڪڏهن به ڪانه. اُهو دوست سائين الهه ورايو بهڻ کان علاوه ٻيو ڪير پئي ٿي سگهيو.

مُون، ڪهاڻين سان گڏ ڪچي ڦڪي شاعري ته ستين، انين درجي کان ئي شروع ڪري ڏني هُئي، پر اڄتي هلي اهڙو وقت به آيو جڏهن مون کي شعوري طور تي، ٻنهي صنفن مان ڪنهن به هڪ صنف جي چونڊ ڪرڻي پيئي، ۽ پوءِ مون پنهنجي اظهار جو وسيلو شاعريءَ کي بنايو، جيڪو تادم جاري آهي.

مُون پوري ڇمار ۾ اِها ئي شاعري ڪئي آهي، جيڪا اوهان جي هٿن ۾ آهي، سال پر ۾ ڏهن پندرنهن اسمن کان وڌيڪ ناهيان لکي سگهيو، وڃن پنجويهن سالن جو پورهيو، غزل، وائي ۽ نظم جي صُورت ۾ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو اٿم. گهٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممڪن آهي تہ ڪُجھ اسر گم ٿي وڃڻ سبب ھن ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ کان رھجي ويا ھُجن، پر ان جو ڪو غم ڪونھي.

آخر ۾ مان غير رسمي لفظ استعمال ڪندي، سائين الھ ورائي بھڻ جا ٿورا، دِل جي گھرائين سان مڃڻ چاھيندس، جنھن پنھنجي مصروف وقت مان ڪُجھ لمحا ڪڍي منھنجي شاعريءَ کي نظر مان ڪڍيو ۽ اُن مٿان مھاڳ لکي ڏيڻ جي تڪليف ڪئي. اِھا منھنجي دِلي آرزو ھئي، جنھن کي پورو ڪري سائين الھ ورائي بھڻ، مونکي ۽ منھنجي شاعري کي مان ڏنو آھي. ھِن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ فني سھائتا لاءِ دوست راڻي ميگھواڙ جو سھڪار ساراھڻ جوڳو آھي، گڏوگڏ پنھنجن دوستن علي آڪاش، ادريس جتوئي ۽ حسن مجتبيٰ جي محبت ۽ ياد رھندي، جن منھنجي شاعري تي ۽ مُون مٿان پنھنجا مختصر رايا ڏنا. اھڙي موقعي تي سنڌيڪا اڪيڈمي جي چيئرمين ۽ پنھنجي محُسن دوست، محترم نور احمد ميمڻ جا وڏّ ۽ سدا رھڻ جوڳا آھن، جنھن شاعري کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ واري، منھنجي ديرينہ خواب کي تعبير ڏني ۽ اُن جي ڇپائي جي مڙني مرحلن واري ذميواري اڪيلي سر نيائي.

عزيز گوپانگ

10 ـ مھراڻ ھومز،
ستيزن ڪالوني، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

عزيزم "عزيز گوپانگ" جو اصرار آهي ته سندس هن شعري مجموعي "وصال جا آخري ڏينهن" جو مهاڳ هر صورت آئون لکان. جڏهن ته علمي طور آئون اهو ست نه ٿو ساريان، چاکاڻ جو منهنجو مطالعو، موجوده دور ۾ ٿيندڙ شاعريءَ بابت نهايت کمزور ۽ ناڪافي آهي.

"عزيز گوپانگ" منهنجي سينئر سائين مرحوم ڊاڪٽر محمد صالح گوپانگ جو لاڏلو فرزند ارجمند آهي. سائين گوپانگ صاحب، اعليٰ قسم جو ادبي ذوق رکندڙ، ادب جو وسيع مطالعو رکندڙ ماهر تعليم ۽ هڪ مثالي استاد ٿي گذريو آهي. سندس آس اها هُئي ته عزيز گوپانگ (حيدر بخش) ڊاڪٽر ٿئي. پر هن يار ان جي اُبتڙ وڃي پنهنجي مَن- چاهي وات ورتي ۽ شعر و سخن جي دنيا کي وڃي آباد ڪيائين، اهو به اهڙيءَ ريت جو سندس هڪ غزل جي مصداق، "دل جي حوالي ٿي وياسين. رستن تي ئي رلي وياسين" مطلب ته شعر و سخن جي جهان جي سير و سياحت ۾ مصروف ٿي ويو. ظاهر آهي ته شعر و سخن جي راهه ۾ خيال يا جذبي جي ڪا حد يا سرحد نه هوندي آهي نه ڪو شاعر جي خوابن جو جهان ڪو محدود هوندو آهي. ساڳئي وقت شاعريءَ جي نصاب ۾ عشق جو عنوان يا مضمون مرڪزي حيثيت رکي ٿو، تنهنڪري رسمِ عشق نيائڻ بہ ادي عزيز گوپانگ لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي ۽ پوءِ ظاهر آهي ته عشق و عاشقيءَ ۾ ڪاميابي، ناڪامي ۽ نيڪ نامي ڪا معنيٰ ڪونہ ٿيون رکن. هن راهه ۾ ته دل ڇريءَ جو ڇيو ڪڙ آهي، جيڪو هيءُ دوست نهايت وفا سان ڪندو پئي رهيو آهي.

"عزيز گوپانگ،" سانگهڙ ۾ شاگردي جي زماني ۾، انسان جي پياري "معصوم سانگهڙائيءَ" جي سنگت ۽ ساڻ ۾، خدا جي خلق کي غلاميءَ جي گهيري مان آجو ڪرائڻ جا خواب ڏٺندو هو. معصوم سانگهڙائيءَ نهايت سُريلو سخنور هو ۽ پاڻ جهڙن مست ماڻهن جو ساڻ ڪٽي هلندڙ هڪ ملوڪ ماڻهو. عزيز گوپانگ ان ست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ساڻاري هيو. هنن نوجوانن پنهنجي دل ۾ سنڌ ۽ سنڌيت جي رومانس کي پڻ رِوا رکيو. هاڻي عزيز گوپانگ ان ڳالهه تي سندرو ٻڌيو ٻيئو آهي ته "وصال جا آخري ڏينهن" مٽان آئون ئي مهاڳ لکان. جڏهن ته عمر جي هن منزل تي زندگيءَ جون اکثر وِڃائون وساري چڪو آهيان. سوچ جو قلم سان کو رابطو به ناهي رهيو. ۽ زبان به هاڻي دل جي جذبن جي ترجماني کرڻ کان قاصر پئي ڏسجي. اهو به سچ آهي ته منهنجي شاعريءَ سان دلچسپي ضرور رهي آهي. پر آئون پنهنجي پاڻ کي ان قابل نه ٿو سمجهان ته ان محبوب موضوع سان هن وقت کو انصاف کري سگهان. شاعري هڪ شاعر جي من جي ڪائنات ۾ گونجندڙ، سمپورن سرن ۾ ڳاتل اهڙو ته مڌر گيت آهي، جيڪو هر انهيءَ ٻڌندڙ کي، جيڪو ديواني دل رکي ٿو موهت ۽ مست کريو جهومايو ڇڏي. شاعري لفظن ۽ خيالن جي اهڙي ته نازڪ و نفيس شيشه گري آهي، جنهن جي حسن کان انساني قلب و دل ضرور متاثر ٿئي ٿي ۽ شاعريءَ جي ذات سان ڪُلي طور انصاف ڪندڙ شاعر/ انسان، بلاشڪ ته هڪ مٽانهين منصب جو حقدار آهي. شاعريءَ ۾ خيالن جو پرهجوم قافلو، منزل درمنزل نه ختم ٿيندڙ صحرائن ۾ روان دوان رهندو آهي. انساني ذهن جي لامحدود وسعتن ۾ ان قافلي کي بنا ساهي پٽڻ جي پٽڪڻو آهي، جتي شايد وصل جو کو نخلستان به نه هجي!

هاڻ هن ايڪيهين صديءَ ۾، اسان جو هي ۽ سماج تاريخ جي چوواٽي تي پنڊپاهڻ تي بيهي رهيو آهي. موهن جي درڙي جي خوابن جي هار ۾ تنگيل هي ۽ سماج ڪنهن به مثبت تبديليءَ کي اپنائڻ يا قبول کرڻ لاءِ تيار ڪونه ٿو ڏسجي. جو ته هن دور جو سامري جادوگر درجي بدرجي هن سماج کي، انساني تاريخ جي تسليم شده قدرن جي برخلاف، ڪنهن پي مادیت جي منزل ڏانهن هڪلیندو پيو وڃي. انهي سامري جادوگر هن ملڪ جي ماڻهن ۾ "جرم جا فصل" (Crops of Crime) پوکي ڇڏيا آهن، هي واقعي ڪائي ۽ ڪَڇَ جو دور آهي. هاڻي سچ آڇڻ جي خوبي ۽ همت تمام ٿورن انسانن ۾ وڃي باقي بچي آهي. ڪمرشل ازم جي بين الاقوامي طاقت ۽ تحريڪ نه رڳو انساني قدر ۽ قاعدا، اونداهي غارن حوالي ڪري ڇڏيا آهن پر انهن سان وابسطه ويچارن هولن ۽ لفظن کان اُنهن جي حرمت ۽ آبرو پڻ ڦري ورتي آهي. مقدس معنائن جا امين لفظ پنهنجيون معنائون تبديل ڪندا ٿا وڃن. انهن پويتر لفظن مٽان پهريل معنائن جا لباس ۽ لبادا ليڙون ليڙون ڪيا پيا وڃن. اڄ سچ، آزادي انصاف ۽ انقلاب جهڙن لفظن کي ادب جي جهان مان ڏيهه نيڪالي ملندي پئي وڃي. اهي لفظ هاڻي T.V جي اشتهارن لاءِ مخصوص ٿي چڪا آهن. لفظ انقلاب هاڻي I.T Revolution

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ مخصوص ٿي چڪو آهي.

تمام ٿورڙن ماڻهن کي ڄاڻ آهي ته، جارج اورويل (George Orwell) جي "1984" ناول ۾ ايجاد ڪيل "لغت هاڻي دنيا جي هولين ۾ رائج ٿيندي پئي وڃي جنهن جي پنڌيان جديد ڊڪٽيٽرشپ هلائيندڙ حاڪمن جي پلاننگ سان گڏ ملٽي نيشنل ڪمپنين جو ڪلچر پڻ موجود آهي. هاڻي وڏي چالاڪيءَ سان، لفظن کان معنيٰ ڦرجندي پئي وڃي. اسان جي سوچ کي بيحسيءَ ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. هاڻي اسين "مفت بازار" لفظ کي بنا سوچڻ جي قبول ڪري ٿا وٺون، اهو ڪونه ٿا سوچيون ته پلا بازار به ڪا مفت ٿي سگهي ٿي ڇا؟ اسين لفظ Dry Port يعني: "خشڪ بندر" جو لفظ پڙ ائين هَضم ڪري ٿا وجون بنا اهو سوچڻ جي ته پلا "بندر" ڪيئن خشڪ ٿي سگهي ٿو. لفظ "آزاديءَ" جو استعمال هاڻي موبائيل فون ڪمپنيءَ جو اشتهار ٿي پيو آهي. جنهن ۾ چوندا آهن ته "نهايت آزاديءَ سان، سڄي رات ڳالهايو! اها ڪهڙي آزادي آهي؟ انساني آزادي واري معنيٰ رکندڙ لفظ کي، هاڻ ملٽي نيشنل ڪمپني اسان کان تڪائي چڪي آهي. امريڪا جي ايئرفورس جو نعرو آهي "Peace" يعني امن، پر اسان ڏٺو ته تازو عراق ۽ افغانستان ۾ امريڪا جي ايئرفورس ڪيئن نه امن جا "ڊيزي ڪٽر" باهه لڳائيندڙ بمبرسائي انسانن کي قتل ڪيو ۽ شهرن جا شهر برباد ڪيا.

اسان جي سنڌ جا سياستدان Polities Without economics پيا ڪن. انهن کي لاهور جي سامري جادوگرن اهڙو ته "Conditioned" ڪري رکيو آهي جو ڇا به هُجي پر "حُڪم حاڪم سندو ميجبو" سندن محبوب سياسي عمل ٿي پيو آهي. سنڌ جي ٻيٽن کي وڪرو ڪرڻ ۾ اسان کوبه حجاب محسوس ڪونه ٿا ڪريون. اسان جا رهبر و رهنما واري واري سان اقتدار ۾ اچن ٿا ۽ "وطني فروختند، چه ارزان فروختند" جي مصداق، وفا فروشي ڪندي نظر اچن ٿا.

اسان جي سنڌي سماج جو صنعتي پيداوار ۾ ڪوبه حصو ڪونهي. اسان جي سماج جا اهم ماڻهو ڪارخانه ۽ صنعتون لڳائڻ بدران، قبائلي جهيڙن جا ٽئيٽر چالو ڪيو وينا آهن. ڏاڙا ۽ اغوائون هڪ قسم جو مستقل ڏنڊو بنجي پيا آهن. اسان جو سماج خالصتاً هڪ (Consumers Society) بنجي ويو آهي. هتن اسان لاءِ (Food Streets) سجائي رکيون آهن، جتي اسين وڏي شوق سان پنهنجا ڏهلن جهڙا شڪم پريون ٿا.

ان وقت اسان کي اهو ياد ڪونه ٿو اچي ته هن ملڪ جا 5-6 ڪروڙ انسان انگ اگهاڙا، غربت جا ماريل پيٽ بکيا، مناسب اجهي کانسواءِ گذر ٿا ڪن. انهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنرن جھڙو پاڻي پيئڻ لاءِ ميسر آهي، پر شهرن ۾ ڏسو ته منڪدانلڊ برگر، ڪنٽڪي فرائيڊ چڪن، ڪولا ۽ آئسڪريم جي ريستوران ۾ ماڻهن جي رش لڳي پئي آهي. سندن محبوب مشغلو آهي ته ڪائو پيئو، موج ڪريو، ۽ موبائيل فون تي آزاديءَ سان ڳالهايو!

هيءُ اهو سماج آهي، جنهن وٽان نيڪي، پلائي ۽ رحم دليءَ جھڙيون عظيم انساني خصلتون موڪلائي چڪيون آهن. پوري ملڪ ۾ جرم جا فصل پوکيا پيا وڃن. رشوت ۽ جرم هن سماج جي ڪلچر جو تعارف بنجي ويو آهي، جتي نهايت هڪ ڏرمي ۽ نهايت بي شرميءَ سان وڏا ۽ مهاراشي، "رشوت خلاف جهاد" جھڙن جلوسن جي اڳواڻي ڪن ٿا ۽ خلق انهن جي پويان بغير ڪنهن چون چرا جي ڪنڌ جهڪايو هلي پئي. خودڪش بمبارن جي هن دور ۾ دل جي نگاهه سان ڏسجي ٿو ته اسان جو ڪوڪلو سماج مڪاريءَ جي وڏي محشر ۾ ماتم ڪنان آهي. هتي نقلي خدائن جي هجوم اندر، اسان کي پنهنجو اصلي خدا سڃاڻڻ جو هوش به ناهي رهيو.

اهڙي مصيبت ۽ مصائب جي دور ۾، مرندڙ درياڻن جو نوحو ڪير لکي؟ اهي ناريون جن کي سندن عصمتن کان محروم ڪيو ويو انهن جو آلاپون ڪير اوساري؟

هُو جيڪي جوڌا جوان اسان جي آئيندي جو آسرو هُنا، تن کي ڪوهه ندا جي غارن ۾ گم ڪيو پيو وڃي، اهڙي بدنصيب دور ۾ جڏهن، ماڻهن جي قلب جون آرسيون ڏنڊلائجي ويون آهن، انهن ۾ نئين خيال جي تجليءَ کي موت ڏيڻ جي ذات ناهي رهي. اهڙي دور ۾ ويچارو شاعر ڇا ڪري؟ ڪنهن سان ڪيئن مخاطب ٿئي. اهو هن دور جي شاعر جو وڏو امتحان آهي. اهو امتحان جيئن پوءِ تيئن هڪ شاعر لاءِ چئلينج اختيار ڪري ويندو ڇاڪاڻ ته 21. صديءَ جي اظهار جا آهنگ اهي نه رهندا جيڪي ماضيءَ ۾ هُنا. ساڳئي طرح موسمِ گل جي جنون جون حدون ۽ سرحدون پڻ بدلجي ويندیون، گڏوگڏ عشق جا انداز، آفتون، لطف ۽ لطافتون پڻ هڪ نئون انداز اختيار ڪنديون. اهي سڀ اشارا ۽ ڪنايا ايندڙ انساني سماج لاءِ آهن. ڇو ته شاعر جيڪو ڪجهه لکي ٿو ته اهو يا ته انساني سماج بابت آهي يا انساني سماج جي (هدايت) لاءِ هوندو آهي.

هاڻي اچون ٿا عزيز گوپانگ جي شعري مجموعي "وصال جا آخري ڏينهن" تي. سندس هن مجموعي ڪلام ۾ نظم/آزاد نظم جو پاڻ گوناگون عنوانن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ "منهنجي مٽي امان" جھڙن نظمن کان وٽي، "عراق" جھڙا نظم متاثر ڪندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ آهن. عزيز جو نظم "جواني ۽ جو نوحو"

جواني مهمان هُئي اسان جي-
حسن اوهان جو ميزبان هو

سندس عاشقانه انداز جو پيارو اظهار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزيز جي هن مجموعي ۾ "غزل" جو حصو به پڙهندڙن لاءِ ڏاڍو پرڪشش آهي. شعر جو لطف دراصل لفظن ۾ بيان ڪرڻ تمام مشڪل هوندو آهي. هر انوکي ۽ نرالي شعر کي هڪ نئين سيبائيندڙ سڳنڌ سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي جنهن کي دل جي ساهن ۾ محسوس ڪري پوءِ محظوظ ٿي سگهجي ٿو. عزيز جا اڪثر غزل واقعي "غزل" جي مصداق دل جي صحرائن ۾ هرٽن جيان خيالن جا چال ڏئي پيا ڊوڙن. مثال طور سندس غزل:

صياد ڪئي ستم گري ڪٽي آهي،
چاڪِ گريبان، رفوگري ڪٽي آهي.

•

زماني مٽان عشق جو بار ايڏو به نه هيو،
بي وفا اسان جو دلدار ايڏو به نه هيو.

•

پاڻ مٽان ائين ستمگري نه ڪر،
پٽرن جي شهر ۾ شيشه گري نه ڪر.

•

دل جي حوالي ٿي وياسين،
رستن تي ئي رُلي وياسين!

•

قصا ختم اسباب ختم،
پيار جا سمورا باب ختم.

•

اي، خزان ايڏي مهربان نه ٿي،
گل سان دست و گريبان نه ٿي

عزيز جا مٿيان مڙئي نظم ۽ غزل شاعريءَ جا دلپذير نمونا آهن، جن کي اميد آهي ته "پين مصائب، فني" کي نظر انداز ڪندي، اسان جا ناقد نهايت قدر جي نگاهه سان ڏسندا. منهنجي دعا آهي ته عزيز گوپانگ جيڪو دشتِ جنون جي قافلي ۾ هلي پيو. ايندڙ منزل تي پڻ شاعريءَ جي چمن جي وڏيڪ آبياري ڪندو.

فقط

جهول، ضلع سانگهڙ — **الهه ورايو بهڻ**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچو تہ زندگيءَ جو سامان هٿ ڪريون،
ڪنهن ساقيءَ وٽان ايمان هٿ ڪريون.

مسيحا کي جو پڻ خبر، ان کان اڳ ۾،
قاتل کان درد جو درمان هٿ ڪريون.

ٻُڌو آ تہ هُو ماري ڇانوَ ۾ ٿو ڦٽو ڪري،
پاڻ بہ چو نہ اهڙو ڪو مهربان هٿَ ڪريون.

پيرن هيٺان نڪري تنهن زمين کان ڇڪو،
جو مٿي تي ڪِري سو آسمان هٿ ڪريون.

رفوگريءَ جا دڪان جو ڪُليا هن شهر ۾،
پاڻ بہ نڻون هلي ڪو گريبان هٿ ڪريون.

زندگيءَ جي تتي ٽڏي ٽڪايو آهي ڏاڍو،
موت جو چو نہ هاڻي سائبان هٿ ڪريون.

چهرو چاندني آهي جنهن گُلاب جو،
خوابن جهڙو اُن لاءِ گُلدان هٿ ڪريون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقرار ۾ انڪار ۾ مُنجهي پياسين،
يار تنهنجي پيار ۾ مُنجهي پياسين.

عدم ۾ هئاسين تہ آزاد هئاسين،
زندگيءَ جي ڄار ۾ مُنجهي پياسين.

هُن ڳوٺ جا وِشال رستا ڇڏي،
هِن شهر جي بازار ۾ مُنجهي پياسين.

گُلن جي چوندڙ آهي پريشان ڪيو،
پريل هن بهار ۾ مُنجهي پياسين.

بيقراريءَ ۾ هئي آرزو قرار جي،
قرار مليو تہ قرار ۾ مُنجهي پياسين.

خيال جي گمان جي دنيا مان نڪري،
'عزيز' هن سنسار ۾ مُنجهي پياسين.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جو اڄ پئمانو پکو ڪر،
تون نهار ۾ نذرانو پکو ڪر.

هوا ۾ هٿ ڇا تنهنجو سڏو ٿيندو!
دِل منهنجيءَ مٿان نشانو پَکو ڪر.

نه اڇڻ جا مُون وٽ اسباب نه ڳول،
موت جيان تون به، بهانو پکو ڪر.

ڏنڊ ڏوهه ڏڪي مان ڇا ورندءِ!
حياتي وٽ ۾ جرمانو پکو ڪر.

يا ته طوفان سان رک دوستي 'عزيز'،
يا ته دِل جو تُون آشيانو پکو ڪر.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳ واسطي هِن جهان واسطي،
پيار ضروري آهي ايمان واسطي.

اسان تو لاءِ بٹياسين، سنگ راهه سَکي،
ءِ تو آهي تَکيو، آسمان واسطي!

تنهنجي محل جو قانون به عجب آهي،
درنہ کُليو کڏهن دربان واسطي.

هُئي تعذير مون تي، مفتي شهر جي هنئي،
قتل طوفان جو ڪيو مون شمعدان واسطي.

گل چا تہ پوکيو، ڪاري تر جو خُدا!
ڳاڙهي ڳل تنهنجي گلدان واسطي!

هت اسان به کوليو، وکر ڳولي رکيو،
تير گهٹا تِکا، تنهنجي ڪمان واسطي.

تنهن دنيا منجهه رهي ڪبو چا 'عزيز'،
جيڪا دنيا ناهي انسان واسطي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دل! هاڻ تون مسافري ڇڏي ڏي،
هر پيري عشق کرڻ آخري ڇڏي ڏي.

هي شهر آهي سمورو چاڪِ گريبان،
غريب شهر ۾ تون گداگري ڇڏي ڏي.

جن درن تي آهن لڳل تالا سدائين،
تن درن تي پيرڻ حاضري ڇڏي ڏي.

حسن کي رلڻ جو سيکاري سبق اڄ،
اڄ کان عشق تون دربدري ڇڏي ڏي.

ڏکن جو ساڻ آهي انوکو ۽ عجيب،
سُکن جي صحبت آهي بري ڇڏي ڏي.

واري تي لکڻ نالا گلن جا "عزيز"،
۽ پٿرن جي پيارا ثناگري ڇڏي ڏي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکي جيئن کو آکيري ۾ لڏي،
من ٿو پنهنجو نظاري ۾ لڏي.

سُونهن تنهنجي ٻُڌ! ويندي ٻُڏي،
درياهہ ٻيو ٿو کناري ۾ لڏي.

تنهنجي خيال ۾ ائين ٿي دِل جهومي،
بار ڇڻ کنهن هندوري ۾ لڏي.

سَتارو ٿو جرکي تنهنجي ماٿي تي،
ءِ کائنات پئي ٿي ستاري ۾ لڏي.

عشق آهي پنهنجي سيني منجهہ لرزان،
ءِ رات خاموش ٿي اشاري ۾ لڏي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھٹو ٹيو اي دِل! هاڻ جلڻ ڇڏي ڏي،
بي دِل جي درد تي رُڻ ڇڏي ڏي.

جنهن شهر ۾ گلن جا ٿا ڪفن وڪامجن،
تنهن شهر ۾ وڌيڪ رهڻ ڇڏي ڏي.

عشق ٽوڙي ته نه پوئتي هٽجان،
حسن ٽوڙي اڳتي وڌڻ ڇڏي ڏي.

جاڳ ۾ هُن لئه تُون سپنا نه جوڙ،
ڀ خواب ۾ هُن سان ملڻ ڇڏي ڏي.

ملڻ ڇڏي ڏيان هن سان، نيڪ آهي،
چا ڪريان جو چوي ته "ڏسڻ ڇڏي ڏي".

هُن جي دِل کي به ميڙ نه ڪري سگهيا،
شعر هاڻ تون "عزيز" لکڻ ڇڏي ڏي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افسوس جي ته انتها ٿي ويئي!
نگاهه تنهنجي نا آشنا ٿي ويئي!

مڪڙي، گُل، ۽ پوءِ گُلزار،
چا هُئي، چا مان، چا ٿي ويئي!

هُو گهر کان نڪتي شايد هوندي،
خوشگوار تڏهن آبهوا ٿي ويئي!

هُن بهار کي گُلاب آهي لکيو،
ها! قلم منهنجي کان خطا ٿي ويئي.

اڇو وار ڏسي چڱ ۾ اوچتو،
آرسيءَ کان گهٽو خفا ٿي ويئي!

مرڻ تي پهتس مان جڏهن "عزيز"،
عشق جي تڏهن ابتدا ٿي ويئي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکڙين جي سَدا آڌار گُذري،
حياتي نہ پنهنجي بار گذري.

پاڙو سڄو مهڪِ اُٽيو،
هوءَ جا هتان هڪ بار گذري.

دِل ٽوڙي ٿا اسان کان پُڇو،
"دِل تي ڇا دلدار گذري؟"

توسان گڏ رَهيو آ زمانو،
پنهنجي تہ آهي ڏار گُذري.

جذبن جو ٿيو قتلِ عام،
ڇا تہ عجب بَهار گذري.

جيڪا اسان تي قيامت رات!
اوهان جي ڪينن سرڪار گذري؟

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُيو گُم تو ۾ گھر ۾ شھر هر کوئي،
مان کِتي اکيلو! دربَدر هرکوئي.

تُنھنجو کِلڻ تو پئي ملڻ مھانگو اسان کي،
اُلاري ٿو اسان مَٽان پَٽر هَرکوئي.

تُون جو شوق مان هُنيءَ تي ساقي کالھ،
مَٽ سمجھي پي ويو هو زهر هرکوئي.

کالھ جو کانه نِکتي هُنيءَ تون بازر ۾،
ويو هو موتِي اُداس پنھنجي گھر هَرکوئي.

آ هي حوصلو مَرڻ جو تُنھنجي ئي 'عزيز' ۾،
اھڙو رکي ٿو کٽي جگر هرکوئي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوق آوارگي ۽ هي تنهائي،
زندگي سجائي نه اجائي!

بانوريءَ مَتان کھڙو بانور!
هينئر پنهنجي، هينئر پَرائي.

وڃ وانگي آهي ساڙي ويئي،
بَدن کي اڃ کا انگڙائي.

پيار پنهنجو پڌرو ٿيندو،
اکين ۾ آرس لهي آئي.

کيڏا نه ڏهي ويا سين پاڻ ۾،
ياد، ماضي، مان ۽ تنهائي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ همدرد نہ کوئي غمخوار اسان جو،
غم ئي تہ آهي بس غمگُسار اسان جو.

اسان ٿا آزمايون، حوصلو هِن دِل جو،
ءِ اوهان ٿا آزمايو پيار اسان جو.

پاڻ مُرهڪڙي آ ڳالهہ هڪجهڙي،
جو تنهنجو سوئي پروردگار اسان جو.

پاڻ ٻنهيءَ جي گهر جي وچ تي،
جو مفاصلو سوئي سنسار اسان جو!

تصويرون ديوارن تي ٽنگي هُن جون،
هلڻ کيو آ کنهن دشوار اسان جو.

"عزيز" کان وڌيڪ نہ اهل دِل کو پي،
گُلن چيو هو ڏسي دلدار اسان جو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد اچي ٿي ليڪن،
دُور رَهي ٿي ليڪن!

چُهڻ چاهيان ڪيس،
هُو ڏِجي ٿي ليڪن!

رنگ نہ هُن جو ڪوئي،
پوپٽ لڳي ٿي ليڪن!

سُتل ٽوٽي وئشيا،
پايل نچي ٿي ليڪن!

پيار ڪري ٿي ڪانہ،
لِکي ڏِسي ٿي ليڪن!

اچي تہ جياري ٿي ۽،
وڃي ماري ٿي ليڪن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو کي وڃايو اسان،
ڏاڍو پڇتايو اسان.

هُو رُنا ته، نيٽين،
مينهن وسايو اسان.

ايڏو ڇا لاءِ دل؟
آهي گهبرايو اسان!

لُڙڪن جو نيٽن کي،
لباس پارايو اسان.

ها! مري اڄ "عزيز"،
پرين پرڇايو اسان.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَذبو اسان کي کُومل گُهرجي،
تنها کوئي جهنگل گهرجي.

مون کي گُهرجين ٽي تون ۽،
تُر کي ٽو بادل گهرجي.

اُداس آهي کينجهر آج،
کينجهر کي پي کنول گهرجي.

دِل آهي اکيلي اسان جي،
دِل کي دوست! دِل گهرجي.

تو کي کپي ٽو حجاب ۽،
حجاب کي ٽو آنچل گهرجي.

کنهن کي کپن بَدن جا کنارا،
کنهن کي هتي ساحل گهرجي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُوءَ بنجي شاعري ويندي،
مُنهنجي ٿي ڪمزوري ويندي.

ڏيندي اوجاڳائي اوجاڳا،
ڪٽي ننڊ سموري ويندي.

ڦُول هُيا سَپ محوِ خيال،
وڇڙي اڄ ڪتوري ويندي.

ايندي اُڏري اُڏري تو وٽ،
پُلجي هر مجبوري ويندي.

ملندا ملڪين مُلڪ محبوب،
وڇوڙو ويندو، دوري ويندي.

گردن جي گلابي لهوءَ سان،
رنگجي اڄ سُوري ويندي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي معنيٰ رکي ٿي،
خواب سُهانا رکي ٿي.

هڪڙي سياڻي چوڪري،
دوست ديوانا رکي ٿي.

گُل پوئنرا رکي ٿو،
شمع پروانا رکي ٿي.

اکين کي آهن لُڙڪ،
ياد ويرانا رکي ٿي.

نيٺ رکن ٿا خواب،
جان، جانان رکي ٿي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُوءَ يـاد آئـي ۽ بـس.
مـان، تنهـائي ۽ بس.

ايتـروئي يـاد رهيـو،
هُئي شـرمـائي ۽ بس.

تو بنان جا گُذاريسين،
حـيـاتي اجائي ۽ بَس،

زندگي ٽي موڪلايو،
هُوءَ ٽـي آئـي ۽ بـس.

پَل پَل جـو هـو سـاڻ،
پـوءِ جُدائـي ۽ بَس.

سوچ، احساس، خواب،
پنهنجي ڪمائي ۽ بس.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پچي راس ٽيل هُوءَ فصل وانگي،
پاڻ چٽيل جڙ ڪنهن گُل وانگي.

پنهنجون سَڏون هيون سَسُئيءَ جيان،
هُن جو ضد هُيو جبل وانگي!

من پنهنجو اُڪنڊيو چاڇري جهڙو،
تون وڃين ٽي گذرندي بادل وانگي.

پنهنجو من هيو زخمي پيرن سمان،
ءِ هُوءَ وڃندي رهي پايل وانگي.

هر قدم راهه ۾ وڇڙندا رهياسين،
تون پراسرار گهاٽي جهنگل وانگي.

دِل اسان جي ڪنهن لهر جهڙي،
وجود اوهان جو آهي ساحل وانگي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا پـي رُت بـهـاري هُـئـي،
مـون لـئـه جڏ اُڏاري هُـئـي.

روشن هُـيـا سـارا سـپـنا،
ڪاري رات نه ڪاري هُـئـي.

خواب ڏيـاري ويا هـا يـاد،
تـنـهنجي مُـنـهنجي يـاري هُـئـي!

مـان ئي مـيـرو گـدلـو بَـس،
هُـوءَ ئـي راج ڪـمـاري هُـئـي.

توئي مـونکي سيڪاريو آهي،
دِل بـه پـنـهـنـجي ڏاري هُـئـي.

تو سـان ملڻ جا ها سـانـيـاها،
مَـن ۾ تـڙپ قـلـواري هُـئـي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صياد ڪٽي! ستم گري ڪٽي آهي؟
چاڪ گريبان ۾ رفوگري ڪٽي آهي؟

ڪِٽي ويئي رهجي، من جي بي چيني،
بي پرواهي، بي خبري ڪِٽي آهي؟

مئڪدي ۾ ٽي لهي وحي وجدان جي،
شيخ! اڄ تنهنجي پيغمبري ڪٽي آهي؟

چاهه چريو اڄ به ٽو پنهنجو تڙپي،
ڏور اسان جي ساهه جي تڻي ڪٽي آهي؟

پاڻ کان ته وياسين وسري ڪڏهوڪو 'عزيز'،
ملاقات پر هُن سان پهرين وسري ڪٽي آهي؟

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـري وڃجي هُن لاءِ، پيـار ايڏو بـه نه هو،
هـو پَر اُن جو، انـتـظـار ايـڏو بـه نـه هـو!

هُو ٻُڌي حـــالِ دِل مُنـهـنـجي ٿـي پَوي،
اثرائتو منهنجو اظهار، ايڏو به نه هو!

مُنـهـنـجي ٻُڌڻ لاءِ ٿـيـو آ ڪافي ثـابـت،
توڙي جو لڙڪ بـيـڪـنـار ايڏو بـه نه هو!

تـنـهـنـجي يـاد ڪـان غـافـل ٿي لِکي وڃان،
ڪـشـادو هـي سـنـسـار ايـڏو بـه نه هـو!

دِل هُن ڪـي ڏيـئـي وري پُڇا بـه نـه ڪَجي،
دلـبـــر هـو، پـر دلـدار ايـڏو بـه نـه هـو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زماني مَٽان عشق جو بار ايڏو به نه هُيو،
بيوفا اسان جو دلدار ايڏو به نه هُيو.

جيڏي ٽي لُڏي لمي ۽ ٽڙي هِي دُنيا،
کالهه اسان کي کو خمار ايڏو به نه هُيو.

هُيا مَحفل ۾ مَحو گفتگو سرشامِ قاتل،
ويو مري چا لاءِ؟ هُو بيمار ايڏو به نه هُيو.

هُيون سختيون سَٺيون جيڏيون سَسَئي کالهه،
پُنهون جو ساڻس پيار ايڏو به نه هُيو.

مون ٽا سزا اوهانجي بَر حق هُٿي پَر،
مون تہ "عزيز" گنهگار ايڏو به نه هُيو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُوءَ وِڇڑي ۽ زندگي لرزي اُٺي،
مقتل مهڪيو ۽ ڏرتي لرزي اُٺي.

چپن جي چائنڪ تي آهي باهه ٻڙڪي،
ڇهاءُ لرزيو ۽ ڇُمي لرزي اُٺي.

هِجر جون وَسعتون وڏنديون رهيون،
بند ڪپڑن ۾ جَواني لرزي اُٺي.

ڪاريءَ جي ڪفن ۾ ٽيو دفن سماج،
وقت رُنو ۽ وستي لرزي اُٺي.

پيار جي راهه ۾ ٽيا ڪاوا آهن اُيا،
سُونهن تڙپي ۽ عاشقي لرزي اُٺي.

بسنت رُت ۾ آهي ڪو واعدو ٿٽو،
ڏُور ڏسائن ۾ چاندني لرزي اُٺي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دِل جي حـوالـي ٿـي ويـاسـين،
رَستن تـي ئـي رُلـي وِيـاسـين.

بَد ذوق جـي آڇـڻ تـي اسـان،
مـنـھ خانُي مـان اُٿـي وياسين.

مـاڻھن ڏَنـو پـنـھ ۾ ھـتـي پـاڻ،
مُرڪـنـدي ئـي مَري ويـاسـين.

رقيب ٿيو ڪيڏو پريشان ھُيو،
وار ڪيئن سندس سَھي وياسين!

شـھر سَمورو سُتل ھُيـو جڏھن،
سوليءَ تي تڏھن چڙھي وياسين.

اسان اُٿياسين تہ ھُن مـحـفل ۾،
سَڀ ويٺا رھيا، رونق کٹي وياسين.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويني هُني لَتجي دِل، درد جي بار سان،
جِي اُٽي نئين سِر، تُنهنجي پڪار سان.

ڪاب زنجير نٽي هُن کي روڪي سَگهي،
ٽِي وڃڻي الجهي ساهه جي تار سان.

خيالِ يار ۾ ٽي رهي مبتلا جانِ جانان،
مَحَوِ گفتگو ٽِي رهي بهار سان.

ٽِي لُٽي خودسَرِ دلين جا فصل ڪيئي،
چا سروڪار آهي هُن جو پيار سان؟

ياد يار جي آهي يا ڪو سَڏ عدم جو،
سلسلا ٽي ٽوڙي سَڀ سنسار سان.

بي سَبب ٽي جهيڙي اسان سان سَرِ شام،
مروت ڪري نٽي دِل گنگهار سان.

ٻہ ٽي غم وڌيڪ وٺي آيا آهيون،
اڄ اوڇتو جو ملياسين يادِ يار سان.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حَق اسان جو ڳلن تي اوهان جي،
بهار لٽي بَدن تي اوهان جي.

اسان تي لَٽا الهام عشق جا،
بعيت ڪئي سين هٽن تي اوهان جي.

ٽيون موسمون لهن رخسارن مٽان،
ٽا قول ٽڙن چپن تي اوهان جي.

ڪاڪُل آواره کي سمجهائي ڇڏيو،
چگو ناهي پَهرو ڳلن تي اوهان جي.

عشق جو هو فصل ڪالهه لاباري ۾،
دليون پئه لُٽيون رستن تي اوهان جي.

ڪٽي ڪاسءَ گداگري سدا "عزيز"،
ڳوليوسين پاڻ ڪي درن تي اوهان جي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي هي عــذاب آهي،
ديــوانــي جو خواب آهــي.

تو هٿ منهنجو روکي چيو،
"اها ڳالهــ خراب آهي."

ماڻهن تنهنجو نانوَ پڇيو،
مون چيــو "گلاب آهي".

هڪڙي گهر ۾ چنڊ ڪڙيو،
پاڙي منجهه اضطراب آهي.

هٿ منهنجا هِن رُلي ويا،
بدن تنهنجو سراب آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي اسان کان پرده داري هُئي،
رند جي منهن کان پرهيز گاري هُئي!

ڏکڻ جي هير متان ٽيا سوار سيپيني،
گُلن جي اڃ کيڏانهن تياري هُئي؟

خواهشون پنهنجيون پوئنرن جيان پُليون،
بَدن هو تُنهنجو يا ڪا قُلواري هُئي.

حَڪيمن جُون ڦَڪيون ٽيون ڇِڪيون آخَر،
عشق جي اسان وٽ بيماري هُئي.

ويئي لُٽجي ڪَسجي جَواني جڏهن،
سِکي پوءِ اسان دنياداري هُئي.

هِي دِل ڪٽان تُون وٽي آئين "عزيز"؟
ڏک هُيو ۽ جَنهن ۾ عزاداري هُئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چٽيل پن ۾ جيڪا ڪاڪ آهي،
اهائي ته پنهنجي سُڃاڻ آهي!

تون جي ناهين ته چا ٿي پيو؟
ياد اوهانجي ته ساڻ آهي.

دِل شيشي ۾ چا جو شور؟
هي کهڙي چڪتاڻ آهي؟

لهندڙ سج آهي هيڏو، ڇو،
مرندڙ مُک تي لالاڻ آهي.

توکي ئي ٿا سيڃاڻون بس،
مختصر پنهنجي جاڻ آهي.

ياد اوهان جيءَ جو پاتو پاڻ،
شام سَرمئي جو پهراڻ آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِجر، وصل نہ پريشاني رهي ٿي،
اڇڪلهه مهربان نہ زندگاني رهي ٿي.

اوهان جو اڳڻ ٿو رهي روشن سدائين،
ٻُڌو آهي اوهان وٽ چاندني رهي ٿي!

احساس نہ ڪوئي ذوق لطافت جن ڪي،
اوهان جي انهن مٽان ئي مهرباني رهي ٿي.

جنهن دل ۾ سَکي تون نٽي پٽي رهين،
تنهن دل منجهه سدا ويراني رهي ٿي.

ڪاروبارِ عشق اڄ به آهي زورن تي مگر،
چون ٿا ته شهر ۾ پَر گِراني رهي ٿي.

راز جيان ٿي ٽئي افشان آهستي اسان مٽان،
پريشاني ٿوري، گهٽي حيراني رهي ٿي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قصا ختم اسباب ختم،
پيار جا سمورا باب ختم.

اکين مان پي وٺبو ساقي،
چا ٿيو! جي ٿيو شراب ختم.

جيسين هُن جي پاڙي ۾ آهيان،
ٿيندا کين عذاب ختم.

دِل کان چا جي لئه آڏي پُڇا،
دِل کان ٿيا سڀ جواب ختم.

اسان جون سَڀ نيکيون ٻُڌيون،
اسان جا سڀ ثواب ختم.

پيار جي ٿي آ سوپ سکي،
رقيب خانءَ خراب ختم.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ملتان ائين نہ ستمگري ڪر،
پٽرن جي شهر ۾ نہ شيشہ گري ڪر.

دِل ڪان دِل جو ڪَم وٺ اي شيخ!
ڪڏهن ڪڏهن تون بہ دلبري ڪر.

ٽِي جوڙين ٽٽل دِلين جُون تارون،
ڪنهن چيو توکي تہ ڪيمياگري ڪر؟

ويا پٽڪي قافلا عشاق جا آهن،
سُونهن پنهنجيءَ سان تون رهبري ڪر.

خطن جو درد ٿو لهندو وجي پَرن ۾،
ڪبوتر! اهڙي نہ تون پيامبري ڪر.

خزان کي چئو تہ پنهنجي اوقات ۾ رَهي!
خار کي چئہ تہ گُل جي نہ برابري ڪر.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُوءَ بنجي شاعري ويندي،
مُنهنجي ٿي ڪمزوري ويندي.

ڏيندي اوجاڳائي اوجاڳا،
ڪٽي ننڊ سموري ويندي.

ڦول هُيا سَڀ محوِ خيال،
وڃڻي اڄ ڪثوري ويندي.

ايندي اُڏري اُڏري تو وٽ،
پُلجي هر مجبوري ويندي.

ملندا ملڪين مُلڪ محبوب،
وڇوڙو ويندو، دوري ويندي.

گردن جي گلابي لهوءَ سان،
رنگجي اڄ سُوري ويندي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستن تي پَن ڇَڏ ڪَري رقص ٿي پيئي،
مُندهَر سڻي آهي مون کان وِسري ويئي.

رستا ڪاڏ تا پيا اچن اڄ مون کي چا لاءِ؟
دل! اڄ وري ڪنهن کي ياد ڪيو ٿي؟

مُنهنجي ڪَمري ۾ آ سينگاريل ديوار تي،
مُنهنجو ماضي، دُک، ياد، تنهائي.

تڏهن تون ڪِلي چو پوندو آهين شاعر!
جڏهن به مَن تڙپندو لُڇندو اٿئي.

ڇگو ٿيو جو تو به آ وساريو اسان کي،
ڇگو ٿيو جو اسان جي به آ گذري ويئي.

مَري ويو آ پوءِ به لڳي ٿو "عزيز"
جڏ اڄ به شهر ويو آهي اوچتو ئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُـڙي ڦُـڙي دِل مَتّـــان وَســي ويـئـي،
مَن جي ويـران جَهنـگـل مـتّـان وسـي ويـئـي.

سَمـنـڊ ســمـــورو ڏسـنـدو ئـي رهـجـي ويـو،
ڪـڪَـرِي هِڪ سـاحـل مـتّـان وَسِي ويـئـي.

سـيـاڻـا شَهـر جا ٿـيـا حـيـران هُـيـا ڏاڍا،
هُو ڏاهـي، مُون پـاڳل مـتّـان وسـي ويـئـي.

نـظـر هُـئـي پـنـهـنـجـي جَـري چـنـچل ڏاڍي،
اُتـي ءِ هُن جي آ نـچل مـتّـان وسـي ويـئـي!

ڳل جـي افـق تـي جـڏهـن جَهـرڻـا ڦـتـا،
يـاد ڪـنـوڻ جـيـان ڪـاڪُـل مـتّـان وسـي ويـئـي.

رقص ڪندي ڪندي ويئي بنجي بارش بانوري،
پـهـرين بـدن تي ءِ پـوءِ پـايـل متّان وسـي ويـئـي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُون نہ تُنھنجي جُستجو رَهي،
گُل، رنگ نہ خوشبُو رهي.

ڪِلياسين نہ ڳالھائي سگھياسين،
ڇا تہ پنھنجي گفتگو رَهي!

مون کي، پار کي، چَڪور کي،
چنڊ جي سڏا آرزو رهي.

تار تار ٿيو بار بار گريبان،
محفلِ يار ۾ آبرُو رَهي.

هُو تنھنا ناهي، جو هُن ساڻ،
سَدائين گڏ خوشبو رهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُوءَ وڏي ويني، ءِ اسان رستي ۾ رهجي وياسين،
اي زندگي! تُنهنجي ئي آسري ۾ رهجي وياسين.

رهجي وياسين اکين جي ڇپر ۾ اسان ڪٽي،
اسان ته بَس لڙڪن جي سلسلي ۾ رهجي وياسين.

اوهان ته رَهيا آهيو سَدا جَوان دلين منجهه،
پاڻ ته دِل جي ڪَنهن دوکي ۾ رهجي وياسين.

ڪالهه ڪان ڪو فون آيو ڪونه آهي هُن جو،
ڪالهه ڪان چو هڪڙي ڪُتڪي ۾ رهجي وياسين؟

منزل تي پهتا هوندا شايد ڪي خواب پنهنجا،
اسان ته پٽڪي ويل ڪنهن قافلي ۾ رهجي وياسين.

هُوءَ ته اسان جي هَر اُڏمي ۾ رهي ٿي پني، ءِ،
پاڻ ته هُن جي هِڪ ٽهڪڙي ۾ رهجي وياسين.

اوهان جو ڪِلي هُن جي ڪُلهي تي هٿ آهي رکيو،
اوچتو ئي پاڻ هِڪ سڏڪي ۾ رهجي وياسين.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُوءَ جڏهن به پنهنجي پَر مان گُڏري هُئي،
دِل مُنهنجي درد سان وڇڙي هُئي.

ويا ها پٽڪي نگاهن ۾ قافلا درد جا،
چا ته اوهان جي حسن جي رهبري هُئي!

ٿي سجيو مقتل جتي سَرِ عشاق سان،
بُڏو آهي سا ته اوهان جي نگري هُئي.

اوهان کان ته مان به وسري ويس او سکي،
مون کان ته اوهانجي گهٽي به نه وسري هُئي.

ٿي ڪريا ٽڙيا مسافر سَرِ راهه روز،
ڪولي جڏهن به هُن گهرجي دريَ هُئي.

مُون پُڇيو ته چو بهار ۾ بيهي رهي آهين دِل؟
دِل چيو ته "هي حسن جي ستم گري هُئي".

ٽيو چا لاءِ ٿا حيران پنهنجي نصيب تي!
هي ته دوست! اوهانجي بنده پروري هُئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زخم تہ ٽڙيا جي دِل نہ رَهي،
چا ٿيو جي موسمِ گُل نہ رهي!

نہ هُني اسان جي آس پاس ڪٿي به،
لمحي لاءِ پَر هُو اوجهل نہ رَهي.

اُداس اُداس رَهي ٿي دِل پنهنجي،
جَڏهن ڪان هُو سنگدل نہ رَهي.

هُو موسم جيان رَهي مهربان اسان تي،
رهي پَر هُو چو مسلسل نہ رَهي؟

ڪينجهر نہ اُتر ۾ هندورو باقي،
نوري به ڪا مثلِ ڪنول نہ رهي.

هيو پريشان شهر ته "عزيز" جو چا ٿيندو؟
هي دِل پنهنجي پَر متزلزل نہ رهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان سان اگر پنهنجي شناسائي آهي،
دنيا سان دعا سلام به اجائي آهي.

شهر سارو ٿو لڳي ننڍاکڙو، ان لاءِ،
گوري تو جو ديدار جي کارائي آهي.

چشمِ پُرنم ۾ آهي، عڪس يار جو،
تنهائيءَ ۾ به نه اڄ تنهائي آهي.

ٽا ماپون ڪونہ پيا ڪپڙن ۾ اوسکي،
اوهان وٽ جو ٽي پنهنجي پذيرائي آهي.

کالهه گهر ۾ هُيو ڪيڏو نہ شورِ تنهائي،
اڄ ميلي منجهه ڪيڏي نہ اڪيلائي آهي.

ڪيڏا ڪم هيا دنيا ۾ اسان کي 'عزيز'،
غمِ روزگار ۾ پاڻ حياتي وڃائي آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق ۾ محمود کو ايازَ نہ هُجي ٿو،
پيار کي سبب کو جواز نہ هُجي ٿو.

درد هُجي ٿو تمام، هي سماعتن منجهه،
نہ ته تنبوري جي تارُن ۾ ساز نہ هُجي ٿو.

هر اک ۾ سرجي نٿو، سپنو کو سونهن جو،
هر دل ۾ لڪل کو راز نہ هُجي ٿو.

ڇي وسين سمنڊ مٿان ڇا لاءِ تون ايڏو!
حُسن ڇو ڪڏهن بنده نواز نہ هُجي ٿو؟

اسان ته سدا مرڻ لاءِ تيار اوسَڪي،
اوهان جي ادائن ۾ ئي انداز نہ هُجي ٿو.

دنيا کان ڪٽجي به ٿو خوش رَهي "عزيز"
جَڏهن به اوهان وٽ نظر انداز نہ هُجي ٿو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُشڪلون سيئي آسان ٿي وڃن ها،
جي نگاهون يار جُون مهربان ٿي وڃن ها.

سزائون جي هُجن ها اسان تي واجب،
خطائون پئي پوءِ جَوان ٿي وڃن ها.

هُوءَ جو وِڃائي ها دسترخوان حُسن جو،
خواهشون هُن وٽ مهمان ٿي وڃن ها.

خواب اوهان جا هُجن ها گُلاب گوري،
ءِ اکيون پنهنجون گُلدان ٿي وڃن ها.

اندر ۾ اچن ها جي انڌيرا اسان جي،
نيٺ هي پنهنجا شمع دان ٿي وڃن ها.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل کي پَنهنجي بيهڻ جا هُيا اسباب هزارين،
هُوءِ جامُرڪي ته پيا ٽڙي گُلاب هزارين.

يار وجي ها پار ڪٽي، ڪِشتي پنهنجي عشق جي،
سُونهن اوهان جي جوڙيا هُيا گرداب هزارين.

اگهي ڪانه سگهي جندڙي تُنهنجي دروازي،
ٽوٽي سِڪي آئي سَڪِي آداب هزارين.

شام هُئي ڪنهن مَست جي پيرن جي زنجير،
راهه ۾ اوهان جي ڪريا وڇڙيا جَناب هزارين.

شهر پي هُيو تُنهنجو، تو جيان ئي حَسين،
چوڏس هُيون چاندنيون ۾ مهراب هزارين.

هي سؤدو سَمجهي ڪين سَگهيو صَفا "عزيز"،
هُن ڏنا اوجاڳا ۾ تو هُن کي خواب هزارين!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٽن ۾ آباد گلاب رهن ٿا،
پَسِ نگاهه جو سراب رهن ٿا.

نوان سبق هِي عاشقيءَ جا،
اندر ۾ اسان جي نصاب رهن ٿا.

اسان جي اکين منجهه ئي رَهو!
باهر ماڻهو خراب رهن ٿا.

پَرڇڻ جا مُون وٽ سانگ سَوين،
رُسڻ جا تو وٽ اسباب رهن ٿا.

هن وَٽ مؤسمون مهمان آيون،
گهر ۾ هن جي گلاب رهن ٿا.

ٻُڌو آ ته اڪيلو ناهي 'عزيز'،
ستم هُن سان، عذاب رهن ٿا.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڌ مٿان رِم جِهم هوندي،
هُوءَ پَر گُم سُم هوندي.

خزان هوندي مَحَوِ رقص،
ءِ بهار پي پُرنَم هوندي.

هُن ۾ ڪيئي ساز سُرود،
سارنگي کا سرگم هوندي.

محفل هوندي پُرنُور ءِ،
جان مُبتلئه جو ڪم هوندي.

ايندي نچندي رات "عزيز"
راهه، چير، چَم چَم هوندي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برکارُت ۾ پَرجي آيا، وسيا پَر ڪونہ!
رستن تي وڃائجي ويا، هوُ موٽيا پَر ڪونہ!

چا تہ ماڻهو هيا پاڻ ڳل ٺُنهنجي شَهر جا،
مري هُو ڪپي ويا، ٽڙيا پَر ڪونہ!

ڪيڏي ٺُنهنجي وفا سَخا آهي مشهور،
ڪُوماڻا هي ڳل تنهنجا، تو آڇيا پَر ڪونہ!

هُوءَ جا آئي آڏيءَ جو، نِڪري گهر کان ڪالهہ،
ٽڙيا ڪڙيا تارا ها، چمڪيا پَر ڪونہ!

چا تہ جٽيا سِندَ امان ها، ماڻهو هي اڻموٽ،
وڃي هي ڪٽجي ويا، جُهڪيا پَر ڪونہ!

اوهان جو ڇيهہ ڪو ڇيڙو ناهي، سَچ آهي مگر،
ٽڙيا گهٽائي "عزيز" هُيا، ڪريا پر ڪونہ!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُچاريوسين هُن کي ڪلمات وانگي،
گُل تَڙي پيا اوچتي ملاقات وانگي.

آئي سياري جي ڏينهن وانگي اسان وٽ،
ءِ ويئي هَلي اونهاري جي رات وانگي.

اُفق جيان هُن ۾ هُيون ڪهڪشائون ڪيئي،
گُلاب هُيا هُن منجهه باغات وانگي.

هُئي منسوب هُن سان هر ڳالهه خوشگوار،
ملندي رَهِي اسان کي انعامات وانگي.

زندگيءَ جو ٻيو نالو سَربُلندي رکيوسين،
نه گُذاريسين حيات مراعات وانگي.

هِجر جي قالين هٿائي مَن مٿان،
ويئي وڇائجي وصل جي لمحات وانگي.

سَڀ رنگ ها ڏينهن جا هُن ۾ سمايل،
شام هُئي ڪڏهن، ڪڏهن پريات وانگي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتظار چا هي دلدار چا آهي؟
تون نہ پُڇ تہ آزار چا آهي؟

خواهشن جو آهي قتلِ عام،
اِن کان وڌ سَنسار چا آهي؟

دل کان پُڇ تُون درد جو، ءِ
گُل کان پُڇ تہ بَهار چا آهي؟

خانہ بَدوشن کان چا جو پُڇڻ،
گھر چا آهي، گھر بار چا آهي؟

مُون کان پُڇ تون عشق جا اسرار،
پاڻ کان پُڇ تہ واپار چا آهي؟

رستا مقتل جا تا ٻُڌائين اسان کي،
ممات حيات جو ونهوار چا آهي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَرسات ۾ ياد اوهان جي ڏياري ٿي،
زندگي چا ته ڏينهن ڏيکاري ٿي.

اُن سان پنهنجو سروکار کهڙو؟
دريءَ مان اسان ڏي جا نهاري ٿي.

کمزوري سَمجهي ويئي آ هي پنهنجي،
قسم ڏيئي روز هُوءَ تاري ٿي.

ڏينهن سمورو ٿي ڪري مشڪري ۽،
رات پَر البم لڙڪن جو سنواري ٿي.

مؤت پنهنجو آهي منظور هُن کي،
گڏ رقيب سان تڏهن ته گُذاري ٿي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتي هِن مُختصر ۾،
ويئي گذري هجر ۾.

هُو دِل ۾ آهي اسان جي،
۽ اسان هُن جي نظر ۾.

خواب جُڙن ٿا پيا جتي،
دِليون ٽٽن اُن شهر ۾.

اکين منجهه آهي سفاڪي،
۽ نرمي آهي پٿر ۾!

مُون رقيبن لئه جي رکيا ها،
سي تير هنيا تو جگر ۾.

جا هِمت آهي سيني مَنجهه،
سو پروسو ڪٽي خنجر ۾!

❖

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هوءَ جا اسان جا اگهه پار پُڇي ٿي،
تلوار کان تلوار جي ڌار پُڇي ٿي.

نٽولگي چگو پٽر دستِ يار ۾،
هي جان اڃ سببِ آزار پُڇي ٿي.

هُن کي آ فڪر پنهنجي بي فڪريءَ جو،
ڪلون ٿا چو؟ ٽيندي سنگسار، پُڇي ٿي.

هي گرمي ڪٿان آندي خون آ هي تُنهنجي؟
مُنهنجي گردن کان اڃ تُنهنجي تلوار پُڇي ٿي.

گُل کان پُڇي ٿي بي ثباتيءَ جا سَبب،
اسان کان عاشقيءَ جا ونهوار پُڇي ٿي.

زُلفِ يار جي چانوَ ۾ ويهي "عزيز"
دِل ڇو پيار جا اِسرار پُڇي ٿِي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي خزان ايـڏي مـهـربـان نـ ٿـي،
گـل سـان دست و گـريبـان نـ ٿـي.

آغوشِ خار ۾ ٿـي سدا مـڪڙي ٽڙي،
دسـتـور دُنـيـا تـي حـيـران نـ ٿـي.

ٿِي وحـشتِ حـيـوان ڳالـهـائـي اڄ،
ڪُجهـ بـ ٿـي پَر، انـسـان نـ ٿـي.

هِي مُنهنجي دِل جو مـعـاملو آهي،
جان! تـون ائـين پـريشـان نـ ٿِي.

هـو درڪار سجدو رُخِ يـار تي سَهي،
اي شيخ! اسان ڪان بدگـمان نـ ٿـي.

بـيـوفـائـي تـ حُسن جو هَڏيـو آهي،
هـي قـيـمت ادا پـر اسـان ڪـان نـ ٿـي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي به پياريو، جياريو،
ائين نه ماريو، جياريو.

تابِ نظرِ آهي آبِ حياتِ،
کُجهه ته نِهاريو، جياريو.

اوهان جي پياريو ته واه واه!
زهر ئي پياريو، جياريو.

دِل ۾ جي بُڌاسين ته چا ٿيو؟
نگاهن پئي تاريو، جياريو.

ٿا وجون کنهن آجاتي سفر ڏي،
پنهنجي دُوار بيهاريو، جياريو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورهين سال ۾ شمار ٿي ويئي،
گُل بهار مان باغ بهار ٿي ويئي.

مُرڪ هُن جي مُشڪ جيان هُئي،
ڪِلي ته چوڏس هيڪار ٿي ويئي.

هي ايمان جي شڪستن جو ڪمال آهي،
جو بنان ڪيڏڻ جي ڪٽهار ٿي ويئي.

جنهن وٽ دِل نالي نه هئي ڪابه شيءِ،
سوچيان ٿو، سا ڪيئن دلدار ٿي ويئي!

مُنهنجي دِل جون آهُ تارون چيڙي.
هڪ ڏينهن ۾ وڏي فنڪار ٿي ويئي.

ماري يا هاڻ هُو جياري اسان کي،
سرڪار هُن جي خودمختيار ٿي ويئي.

نگاهه هُن جي نيٺ مان نڪري،
مون تائين پهتي ته تلوار ٿي ويئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کان نہ گذار، ڏار، يار،
مار، پرائين نہ مار، يار!

سھٹي بہ ھئي نہ وس ۾ پنھنجي،
درياھہ بہ تہ ھيو تار، يار!

پيشانيءَ تي لکجي ويو ديوانو،
پٿر جو ھنيو ھک ہار، يار!

ٿورا مان پيو ڳٽيندس تنھنجا،
ستم کجان تون شمار، يار!

تير تنھنجي کي شابس ھجي ۽،
گھاءُ منھنجي تي ميار، يار!

مون تي نہ ٿيو مھربان ڪڏھن،
ھوءَ ۽ ھن جو پيار، يار!

ديوانا! تنھنجو ديس آکھڙو؟
پڇيو ھو مونکان دار، يار!

سُھٽن گڏجي آصلاح ڪئي،
"عزيز" جو کجو نہ اعتبار، يار!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ کي معنيٰ مِلي نہ سگھي،
مون کي دُلربا مِلي نہ سگھي.

چَنڊ جي آغوش ۾ آھي ستي،
سُورج کي سنجھا مِلي نہ سگھي.

چا تہ حياتي پاڻ هي گھاريسين،
هُوءَ تہ ملي پر وفا ملي نہ سگھي!

جڏھن بہ مِلي ساڻ سھيلين جي،
ڪڏھن بہ هُو تنھا ملي نہ سگھي.

عشق ۾ دليون سَدا لُٽبيون آھن،
حُسن کي پَر سخا مِلي نہ سگھي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يادون شعر ٿي ويون آهن،
سڀ پنن تي وکريون آهن.

دل گهر آهي تُنهنجو هي،
اکيون تولاءِ گهٽيون آهن.

دُونهان دُونهان سڀ سوچون،
يادون سگريٽ بنيون آهن.

هٿ تُنهنجا گل ءِ منهنجون،
گلدستا هي آڳريون آهن.

گهٽائون گهنگهور يادون روز،
ذهن ٿر تي وسنديون آهن.

بادل بادل ٽيون رُئن ڪنوٽيون،
عاشقيءَ جا روُپ موسمون آهن.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکڙين جي آستان ۾ رَهي ٿي،
هُوءَ اسان جي گمان ۾ رَهي ٿي.

ڪٿي رهي ٿي ۽ هُوءَ ڪير آهي؟
جان آهي ۽ جان ۾ رهي ٿي.

عشق پنهنجو ايمان آهي ۽ هُو،
اسان جي ئي ايمان ۾ رَهي ٿي.

سراپئه درد آهي توڙي جو،
درد جي سادرمان ۾ رهي ٿي.

مؤسمن جون سڀ رنگينيون هُن ۾،
هُو ڪهڙي خيابان ۾ رهي ٿي؟

ميلي ۾ هُجون تا سدا پاڻ "عزيز"،
سوچ پنهنجي پر بيابان ۾ رهي ٿي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو وٽ درد جو نہ ڪوئي درمان رَهيو.
جگ ۾ جيئڻ جو نہ ڪو سامان رهيو.

مؤمن بہ ويٺا جَڏهن وڃائي حوصلا،
سلامت مَٽ خوار جو ايمان رهيو.

شهر ۾ شيخن جي، هِي دستور پُراڻو،
چاڪ رِندن جو سدا گريبان رهيو.

هُن کي هو سَدا تُٽڻ جوئي شوق،
دِل مٽان چو پٽر جو گمان رهيو.

ڪمال فن هُيو لڪل دست قاتل ۾،
ويو ماري پَر نالو نہ ڪو نشان رَهيو.

هُوءَ ڪير هُئي، محفل کڻي، ڇا جام انجام؟
ويو وسري سَڀ ڪُجهہ، اهڙو تہ سمان رهيو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي هاڻ مسئلو ناهي،
اوهان کان جو فاصلو ناهي.

بي رنگ بي سَواد حياتي،
پيار جو کو سلسلو ناهي.

توکي وسارڻ جو ئي سوچيان،
دِل کي اهڙو حوصلو ناهي.

سينو ساڻگيو پر، ساڻگي،
دِل کوئي ولولو ناهي!

تُون ٻُڌي چا کندين شيخ!
پيسن جو هي معاملو ناهي.

ٽڙون ٽاپڙون چا لئہ 'عزيز'،
زندگي آ کوئي زلزلو ناهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪ پَن ٽي ويو مَن منهنجو،
ٿُنءِ وڪريو مَن منهنجو.

گُل، موسم، خوشبو پُڇيو،
ڇا لاءِ رُنو هي من منهنجو؟

شهر سَمورو سُتل هُيو،
ءِ پئي ڦٽڪيو مَن منهنجو.

پنهنجو سينو به خالي رهيو،
منهنجو به نہ ٿيو مَن مُنهنجو!

هُئي بهار به نوحہ ڪنان جو،
تارِي تارِي ٿنو من منهنجو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ نہ پُڇيو ڪڏهن پي شُجرو تُنهنجو،
گُلن جي خاندان سان هو واسطو تُنهنجو.

ڦُلواڙيءَ جون هُيون خاصيتون تو ۾،
ماڪ ذات هُئي، خوشبو نالو تُنهنجو.

شرمائي هُئي اوجتو، شام پي اڃ،
پيو هو جو هُن مٽان اولڙو تُنهنجو.

ڪيپ ۾ هو بُڌل هَروڀرو ڳوٺ جو،
هَوا جو ڇهيو، بَدن هو تُنهنجو.

پاڻ دِل هَٽان ٿي ويندا سين مارجي 'عزيز'
ڪيڏو نہ ٿي ويندو ڪم سوڙو تُنهنجو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نغما لکياسين چو گُلن مٽان!
ءِ پيغام پکين جي پَرن مٽان.

لکير نہ اُيري کا هٿ تي،
کا ڳالهہ نہ آئي چپن مٽان.

چُمين جون آهن کونجون لٽيون،
سَرِ شام اڄ ڳلن مٽان.

اسان توکي ڏنو تہ لڳو،
جڙ ماک لٽي گلن مٽان.

سُهٽي جو درد آ لکيو کنهن!
کچن سَيني گهڙن مٽان.

چنڊ اُيريو وارن مَنجهان،
ءِ شام لٽي بدَن مٽان.

سي اُداس آهن اڄ يي "عزيز"،
گڏجي هلياسين جن رستن مٽان.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُندر سپني جَهڙي تون،
دِل جي اُڏامي جهڙي تون.

مان اُداس ڪَمري وانگي،
ءِ گلدستي جَهڙي تون.

جَيوَن صَحرا آهي ڪوئي،
ڏکئي رَستي جهڙي تون.

جيڪو ڪڏهن جُڙيو ڪونہ،
اهڙي رشتي جهڙي تُون.

مَن هي پنهنجو ٿَر آهي،
ءِ وسڪاري جهڙِي تُون.

اسان بي چئن چوليءَ وانگي،
سانت ڪناري جهڙي تُون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪيڏانهن مان وَري وڃان،
ڇڏي اهڙي دلبري وڃان!

ائين به هو ٽيٽو پاڻ سان،
رکيل شيءَ جيان وسري وڃان.

ٿيو حُڪم اسان کي رقيب جو آهي،
"محفل ٿنهنجي مان نڪري وڃان"!

هِي فن نه سکي سگهيس ڪڏهن،
ٻوڙي ڪنهن کي جو تري وَڃان!

ڇا ناڳوار هوندو اسان کي،
ٿنهنجي ٻانهُن ۾ جو مري وڃان!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر ۾ اوهان جي قانونِ جَهنگل،
گهر ويران ٿيا ۽ آباد ٿيا مقتل.

هِي رواج اوهان جو، هِي رسم اوهانجي،
جو جان جگر، سوئي رسواءِ محفل.

سُونهن تي، سَچ تي، هي پردا هي پَهرا.
هي جواني تي بندش، نسل دَر نسل.

هي ڳالهه اسان کي آخر، ڪير ته سمجهائي،
هُو چوڪري آهي يا ڪو گُلن جو فصل!

تو مُرڪيو پئي رات جَڏهن ننڊ منجهه،
ڪِڙي پئي چاندني، ٽڙيو پئي ڪنول.

هي تو مِثل سرمئي سانجهه شهر جي،
هي مُون جيان آواره، سانورا بادل.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنج، گِلا کا شڪايت نہ رَهي،
اسان جي اهڙي عادت نہ رَهي.

هَر ڪو ئي ٿي آيو مَحفل ۾ ٽُنهنجي،
پاڻ کي رُکو اجازت نہ رهي.

بي نُور شيءَ آ زندگي پنهنجي،
اوهان جي جو، عنايت نہ رَهي.

غير سان اوهان کي جو ڏٺوسين،
اسان لاءِ ٻي کا قيامت نہ رهي.

غمِ دوران ۾ اُلهجي پياسين،
شوخي، اکين ۾ کا شرارت نہ رَهي.

لِکي ٿو پُڻيءَ ۾ خنجر هڻي،
دشمن ۾ پنهنجي شرافت نہ رهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دِل کي جو هاڻ قرار ناهي،
کنهن جو به ته انتظار ناهي.

تون آهين ته جڏ جَهان آهي،
تون ناهين ته سارو سنسار ناهي.

ٿي گُذري بي خوديءَ منجهه،
بار به دل مٿان بار ناهي.

دنيا سان پوءِ کهڙا ليکا!
توسان جو کوئي ونهوار ناهي.

خاموشيءَ سان ٿي رهي گفتگو،
مؤسمن سان جو پيار ناهي.

روز پُڇين ٿي چالاءِ طبيعت،
عاشق آ 'عزيز'، بيمار ناهي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُل سان جيڪو به دوستي رکي ٿو،
دِل سان جڙ ته دشمني رکي ٿو.

هُو آهستي آهستي ٿو ماري مون کي،
مُون سان ڏاڍي همدردي رکي ٿو.

ماري، ساڙي، کري ٿو خاڪ،
عشق ادا، هرڪا، پلي رکي ٿو.

اچو ته ڳالهين ۾ ڪيس ڳولڻ هلون،
گفتگوءَ ۾ هو چاندني رکي ٿو.

ماري مون کي آهي رُنو ڏاڍو،
دشمن دشمني سچي رکي ٿو.

سينو رک تون ڪُشادو "عزيز"،
تير جيان نظر هُو تِکي رکي ٿو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب جاڳن ٿــــا ۽ رات جاڳي ٿي،
گوري بدن مٿان برسات جاڳي ٿي.

اکڙين مَنجهه آهي اظهارِ لکل، ۽،
سيني منجهه ڪا بات جاڳي ٿي.

تنهائي منجهه آهي مِلندي اڪثر،
مُون لاءِ گهر ۾، ڪا ته جاڳي ٿي!

نِٽهڙ اُس آهي ۽ آکيري مَنجهه،
پِڪي سُٽِل آهن ۽ لات جاڳي ٿي.

ماڻهو ٿا جَڏهن سَڀ سُمهي رهن،
خواب جاڳن ٿــا ۽ رات جاڳي ٿــي.

اوسيئڑي جي هي رات سَموري،
ماڪ جاڳي ٿي، پريات جاڳي ٿي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توسان ملڻ ٻہ ڏکيو ٿي پيو،
ڇڏ تہ جيئڻ ٻہ ڏکيو ٿي پيو.

هُو گھٽين ۾ ٿي گھاڻي هيل،
ٻاهر نڪرڻ ٻہ ڏکيو ٿي پيو.

کوڙھٽڻ ٻہ تہ نٽ ٿو اچي،
سچ چوڻ ٻہ ڏکيو ٿي پيو.

رقيب جو آيو تہ محفل ۾،
وڏيڪ ويھڻ ٻہ ڏکيو ٿي پيو.

تو سواءِ سري ٻہ نٽي "عزيز"،
تو ساڻ رھڻ ٻہ ڏکيو ٿي پيو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گـلُ کـي دِل ۾ دِل کـي گُل لـکـان ٿـو،
هـن کـي جو ڏسـان تـہ نـٹـون غزل لـکـان ٿـو.

مـونکـي کـٹـي ٿي لـفـظـن جي مـعـنـيُ اچي،
مـان تـہ چانـوَ کـي بـہ هـن جو آنـچل لـکـان ٿـو!

چو هـجـر کـي تـون فـراق ٿـو لـکـين ۾،
چو وصـل کـي مـان لاحـاصـل لـکـان ٿـو!

کـنـوڙ کي لـکـان ٿـو تـنـهـنـجي زلـف جو بـنـد،
۾ بـارش کـي لـڙکـن جو فـصـل لـکـان ٿـو.

تـنـهـنـجي نـالـي جي جاءِ تـي خط ۾ "عـزيـز"،
پـلـجي اڄ بـہ وري مـان، دل لـکـان ٿـو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهہ ويندي جو نهاري ويئي،
مونکي شاعري سيکاري ويئي.

مون تہ هڪڙو هيو جام گُهريو،
هُو پر منخانو پياري ويئي.

نگاهن منجهہ ٻوڙي مون کي،
سمنڊ کيئي تہ اُڪاري ويئي.

صديون منهجون سجايون ٽيون،
گهڙي هڪڙي جو گهاري ويئي.

يادون پوئتي ڇڏي "عزيز"،
مون تي پهرو ويهاري ويئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُنهنجي گهر جو رستو پُلجي ويس،
ها! ڇڙ ته پنهنجو نالو پُلجي ويس.

هاڻ ته هڪ اڌ ڳالهه آ ياد ماضيءَ جي،
حال ته مان پي سربستو پُلجي ويس.

تو کي خط نه لکڻ جو ٻيو کو سبب ناهي،
خط مٽان لکجي، سو پتو پُلجي ويس.

مون ته پاڻ کي به آهي وساري ڇڏيو،
ءِ تون ٽي چئين ته واعدو پُلجي ويس!

لڙڪ بنجي لفظ ٽاهاڻ ٽمي پون،
ڳالهائڻ جو ڇڻ ته سليقو پُلجي ويس.

هو ياد ڪڏهن آئي، ڪجهه ياد ناهي،
هن کي ڪيئن وساريو، پُلجي ويس.

تو ڏانهن ايندي ارڃتو بيهي رهيس "عزيز"
مقصد تو ڏانهن اچڻ جو، پُلجي ويس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي چاهه جي ڪوٽ ۾ زماني قيد،
تنهنجي مُرڪ جي موهه ۾ ويراني قيد.

تنهنجي حسن جو گريبان چاڪ ٿيندو،
ڪنهن چيو توکي ته ڪر ديوانڙا قيد!

مدهوشيءَ جي پيرن ۾ زنجير نه وجهه،
اکين ۾ نه ڪرتون پنهنجا قيد.

ڪيئن روا رندن جي ناراضگي توکي،
ڪيئن ٿي ڪرين تون مئخانا قيد!

شمع بنجي ٿي تون گهر ۾ ٻرسن،
گهٽين ۾ ٽينڊا ڪين نه پرانا عيد!

خواهشن کي آزاد تون ڪڏهن ڪندين،
ڪڏهن ڪندينءَ تون بهانا ٽيڊ؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت هي رسي وڃن ته مري پوان،
ڏيهه ڏات جو ڇڏي هليو وڃان.

پري ڪنهن اداس نگريءَ منجهه،
گهر پنهنجو اڏي ويهي رهان.

جيڪس مري پوي غربت رات،
ڪندا سندس قبر مٿان رکي اچان.

مڙني ماڳن تي آهي ڳوليو توکي،
ڪيڏين دلين منجهه ليا پاتا مان.

تن کي ڪلهو ڪير به نه ڏيندو،
ساهه نه ڏنو جن سندءِ مٿان!

مري جي وجي اڄ اوچتو "عزيز"،
ڪتاب هن جا پورجو هن سان.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُن سان راه و رسم رکي ٿي،
دل اسانجيءَ تي ستم رکي ٿي.

اُن متان روز ٿا گُلاب ٽڙن،
راه جنهن تي به هُو قدم رکي ٿي.

پنجن آگريءَ جو هُو گُل ناهي،
اک منهنجيءَ تي قسم رکي ٿي.

پٽ پل هجي دِل هُن جي،
نيڙ نه پر، پُرنم رکي ٿي.

گُلن تي ماڪ چا ڪرندي "عزيز"،
زخم تي جو نه هُو مرهم رکي ٿي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي دل ديواني، دنيا سياڻيءَ ۾.
ٻيو رکيو چاهي هن آکاڻيءَ ۾.

مان تو ۾ ٿو ائين لهندو وڃان،
جيئن پاري پٿر کو پاڻيءَ ۾.

کڻي جواني ٿي بخشي سواد!
جو مزو آهي ماکي پراڻيءَ ۾.

تو کاڻين ۾ ٿي راڻيون ڳوليون،
مون کاڻيون ڳوليون راڻيءَ ۾.

کڻي کَرهي آهي چندن چکيو!
هت اوگا وڻيا بس لاڻيءَ ۾.

اکر بنجي "عزيز" کتاب تي کريو،
ويو گم ٿي کنهن کاڻيءَ ۾.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ تہ نئون کو ونهوار سکي اچون،
اي دل! ڪرڻ اڄ اظهار سکي اچون.

هن جي محفل ۾ هلئون ۽ هلي،
آداب کي بيشمار سکي اچون.

عشق کي جيڪو به هتي عام ڪري،
اهڙو تہ کو پرچار، سکي اچون.

توسان اڪيلائيءَ ۾ وندي سگهجن،
سي ڳالهيون ٻہ چار، سکي اچون.

گذارجي ڪيئن حياتي مٽڪدي ۾،
ٽجي ڪيئن گنهگار، سکي اچون.

"عزيز" جو سينو ٽو سيڪاري سبق،
سهجي ڪيئن ترار، سکي اچون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو کي ڏسي، ويس گذري، بي ڌيانيءَ ۾،
اڳتي هلي، پيس ڪري ، بي ڌيانيءَ ۾.

بي خياليءَ ۾ ويئي گذري عمر سموري،
ڀ پٽ هاڻي، ويندس مري، بي ڌيانيءَ ۾.

جنهن محفل ۾ هيا، تو سي اغيار سڏيا،
آيس ان ۾، سهي سنبري، بي ڌيانيءَ ۾.

تنهنجي پيار جو پکي، منهنجي دل تي لٽو،
هي ڪٽان آيو آهي اڏري، بي ڌيانيءَ ۾!

تون آئين ڪٽي گهر، پريل ڪنڌن جو ڪشڪول،
هي تون ڇا آئين گهري، بي ڌيانيءَ ۾!

تون پچيو ته شعر، تو ڪيئن لکين "عزيز"،
مون چيو ته بس بي خبري، بي ڌيانيءَ ۾.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابـن جو کـو ديـرو جوڙ،
اکڙين منجهه آکيرو جوڙ.

جنهن تي جبين پنهنجي رکين،
پريءَ جو اهڙو پير جوڙ.

سُونهن کي تون سانڊڻ لئه،
نِگاهن جو کو گهيرو جوڙ.

بيوفا ويو سيکاري مُون کي،
رِشتو بس هک پيرو جوڙ!

لهندڙ سج کي ڏسي "عزيز"،
عِشق جو جهان سويرو جوڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُنهنجي بيوفائيءَ جو سلسلو هُيو،
گلا نہ پاڻ کي کو شڪوو هُيو.

هُيو گمان جنهن متان کهڪشان جو،
سوڻ تہ منِي تُنهنجو پَرتوو هيو.

دِل تہ هُني پنهنجي شبنم جيان نازڪ،
پٿر جهڙو پَر سندس حوصلو هيو.

هُن جي سرد مُهريءَ جو ڇا به سبب هُجي،
پاڻ کي عاشقيءَ جو نہ کو طريقو هيو.

وفائن کان وڌي بيوفائين تائين،
هر ڳالهہ ۾ هُن جي سليقو هُيو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق جو تون امتحان نہ وٹ،
جان! مون کان جان نہ وٹ.

دُک، درد، اکيلائي، عذاب،
جيئڻ جو مون کان سامان نہ وٹ.

سخي سيکاري گداگر کي ويو،
شهر ۾ ڪنهن کان دان نہ وٹ!

سپ ڪجهہ موتائي وٹ پر مُونکان،
يادون واپس مهربان نہ وٹ.

جيڪو سبب درد جو پچي حڪيم،
تنهن کان دوا "عزيز" درمان نہ وٹ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستيون دشمنيون هڪجهڙيون،
چوڪريون شهر جون هڪجهڙيون.

چَون ٽا تہ سيني سينن اندر،
ڏڙڪندڙ سڀ دليون هڪجهڙيون.

پيار جا ٽيون جيڪي سپنا ڏسن،
ڳوٺ جون سي نينگريون هڪجهڙيون.

يارِ ديار ڪاڻ اي دوستو!
وڏيون جي سڀ سِسيون هڪجهڙيون.

هُن جي بَدن جو چُهاءُ، ءِ،
هِي مُنهنجون آڱريون هڪجهڙيون.

اڻ پوريون سڀ خواهشون ساڳيون،
عاشقن جون آهن اکيون هڪجهڙيون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن صحرا ۾ ٿو کوئي گُل ڦٽي،
منهنجي من ۾ ائين ٿو غزل ڦٽي.

ڪنارن تي ڪشتيون ٿيون ٻُڌن چالاءِ،
چو اجايو ٿو عشق متان اجل ڦٽي؟

جنهن مهل ٿو چنڊ کي اکيلو ڏسان،
تنهنجي خواهش ٿي دل ۾ ان مهل ڦٽي.

ڪينجهر ٿي جڏهن اکين منجهه لهي،
تماچيءَ جي خواب ۾ ٿو ڪنول ڦٽي.

تنهنجي پيرن ۾ روز ٿا مفاصلا وڇڙن،
ءِ منهنجي قدمن ۾ روز ٿي منزل ڦُٽي.

جي قسمت ۾ هجي ٿو هِجر "عزيز"
ته پوءِ قدم قدم تي ٿو جبل ڦُٽي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن به مان پنهنجي ڪليس گهٽو.
الاءِ چو تڏهن ٿي رُنس گهٽو!

خزان ايندي ئي هو مون کان پڇيو،
بهار ۾ ڇاکاڻ ٿي ڏيس گهٽو!

هيو رستو خراب يا پيو کو سبب!
تو ڏانهن ايندي کالهه ڏيس گهٽو.

عشق نادان هو، ڏيئي ٽپو ويو،
کنارن توڻي جو جهليس گهٽو.

دل سخت تنهنجي، نه ٿي ميڙ سگهي،
پاڳل پتنگ جيان، مان سڙيس گهٽو.

تو پڇيو هو روئڻ جو سبب "عزيز"
مون چيو ته "کلندو هيس گهٽو".

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياڻي دنيا، ديواني دل.
ڪرنہ تون ڪا حيراني دل!

پيار وڻڻ ويئي هئي جيڪا،
آئي وٽي پريشاني دل.

سا منهنجي ٿي نٽي سگهي،
ڪري نٽي جا نادانی دل .

مون کي عاشق بنايو تو،
تنهنجي وڏي مهرباني دل .

سيني جي آکيري ۾ رهي!
ساهہ تي ڪري سُلطاني دل .

مون کي رکيو تو "عزيز" آهي.
مست ڪري هي مستاني دل .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دوست! آسان زندگاني ڪري وڃ،
ماري وڃ ۽ ڪا مهربباني ڪري وڃ.

ڪافي عرصي کان آهي تڙپي ڪانه،
دل پاڳل لاءِ پيدا پريشاني ڪري وڃ.

منهنجي گهر مٿان گهٽ ٿو چمڪي چنڊ،
نگاهه پنهنجي سان پيارا چاندني ڪري وڃ.

مئه مان هڪڙو تون اڃ ڏک پيري،
پيدا مئخاني ۾ تغياني ڪري وڃ.

"عزيز" تنهنجي اندر هي ڪڙاڻ ڪهڙي!
تون ناراض سهي، پر خوش بياني ڪري وڃ.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ پنهنجي جون سڀ گهٽيون،
ڪالهه پيرن ۾ منهنجي وڇڙيون.

ڏينهن جو ڦاڙي ڇڏيندو آهيان،
رات جو لڪيل توکي چنيون.

مون تو مٽان شعر ٽي لکيا ۽ دور،
چند ڇڪيون پٽ تنهنجون تصويرون.

مان ڪنهن ڪنهن کي يار سمجهايان!
مَن پاڳل ۽ هي اکيون آهن چريون.

پن ڇڻ آهي دل ۾ اچي ويئي،
ڪيس وڻي ويون سندم بي پرواهيون.

خزان ۾ ٿو ڳولين پيو بهار کي "عزيز"،
موسمن جون نٽو سمجهين مجبوريون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي خزان ۾ ڪهڙي ٿي بهار اچي،
منهنجي من ۾ تنهنجي ٿي سار اچي.

احساس ٿيندا پنهجا زندان حوالي،
اقتدار ۾ ٿي هن جي سرڪار اچي.

چو در ٿو مسيت جو ڪرين بند شيخ!
چا هن ظرف ٿو ڪوئي گنهگار اچي؟

ستاري کي چئه ته اڄ پردي ۾ رهي!
ڏسڻ ڪيس ٿو پاڳل پرستار اچي.

هي ڪنهن جا ٿو روز ڏسي خواب "عزيز"،
هي ڪهڙي ٿي عدم کان پڪار اچي؟!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن پَر نہ زندگي عذاب آهي،
توڙي جو خانءِ خراب آهي.

ماڻهن تُنهنجو نانءُ پُڇيو،
مون چيو "گلاب آهي."

تو هَٿ مُنهنجو روڪي چَيو،
"اِها ڳالهه خراب آهي."

هَٿُ منهنجا رُلي ويا هن،
بَدن تُنهنجو سراب آهي.

پاڙي ۾ جو چَندُ ڪڍيو،
گهر گهر ۾ اضطراب آهي.

تُنهنجي مُنهنجي وچ ۾ حائل،
مئڪدو آهي، شراب آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَدن جي انڌيري ۾ سُهائي ڪَري ويئي،
ويئي ڇُهي ۽ مشڪل ڪشائي ڪري ويئي.

هُئي گڏ تہ هُياسين شهر بي ڪنار پاڻ،
ويئي ڇڏي تہ اسان کي جُدائي ڪري ويئي.

ڏيئي ويئي اسان کي هُو شوق گداگري،
تؤنگر هُئي، پاڻ سان چڱائي ڪري ويئي.

ڪاروبار ٽي نبيريا هُن عاشقيءَ جا،
ٻُڌون ٿا تہ ڏاڍي مهانگائي ڪري ويئي.

هُئي چوڪري يا هُئي ڪا بيگانگي هوُ،
اسان جِي اسان کان جُدائي ڪري ويئي.

سُونهن ارغون هُئي، ويئي لتاڙي اُجاڙي،
دِل سنڌ متان هُو ڏاڍائي ڪري ويئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهار جو پهريون گلاب لڳين ٿي،
ڪڏهن گل ته ڪڏهن حجاب لڳين ٿي.

تنهنجي چپن جي صحرا ۾ چمن ٿا رلن،
قاتل ڪهڪشان جو سراب لڳين ٿي.

جيڪي ستارن جي دلين ۾ وسوسا وجهن،
تن سوالن جو آخري جواب لڳين ٿي.

عشق جي اڪين مان جو لڙڪ ٿي لهي،
اڃ ڇهيو اهڙو ڪو شراب لڳين ٿي.

ڪلين جي قتل جو شمار جنهن ۾،
اجنبي انگن جو سو حساب لڳين ٿي.

مان تنهنجي هٿن ۾ شيشي جيان "عزيز"،
تون منهجي هٿن ۾ گلاب لڳين ٿي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃ ڪن ٿا اڪثر ڳالهيون،
مون سان منهنجي نندپٽ جون.

مان جڏهن به رستو پلجي ويس،
گهٽيون گهر تائين وٺي آيون.

تو ٽٽل دل جا ٽڪرا پچيا،
مون ڳٽايون تو کي پنهنجون دوستون،

تنهنجي منهجي پيار بابت،
پڪي ڪن ٿا روز ڪچهريون.

اڄ تيز هوائون گهلن ٿيون،
دل! بند رک پنهنجيون دريون.

عشق جا آداب سڪ تون "عزيز"،
حسن جون ڪر نه ايڏيون گلائون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي خوابن جو سدا هي سلسلو روڪي،
جبل تنهنجي جوانيءَ جو ٿو رستو روڪي.

ٻڌيءَ دل جا ٻيڙا اڄ تاريندو ڪير؟
سار تنهنجي ٿي منهنجو اڏمو روڪي.

هن ڪي يادن جا بادل ٿا آباد رکن،
ڪير آهي جو لڙڪن جو جهرٽو روڪي.

منهنجون اکيون ٿيون تنهنجن خوابن ۾ ڪلن،
مونکي ڪينئن ٿو توکان کو پردو روڪي.

تنهنجي حسن کي نٿو کو جهلي، نه جهلي،
منهنجي ديواني دل کي تہ، کو روڪي.

عشق جڏهن ٿو تو ڏانهن اچي "عزيز"،
عقل ٿو ڪيس تڏهن اوچتو روڪي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آگـم آگـم ســـانـوري.
رم جهم رم جهم سانوري.

بـــركـــا رُت مِچاكـــاڻ!
گُم سُم گُم سُم سـانوري.

مـــونـكـي يـاد رهـي ٿـي،
هَردم هَردم ســـانـــوري.

خوابـــن مِ ايـنـدي آهـي،
چَم چَم چَم چَم سـانوري.

دِل جي گـــهـــر مِ جرڪـي،
ٿـم ٿـم ٿـم ٿـم سـانوري.

پٿـر بـنـائـي ويـئـي آهي،
طلسـم طلسـم سـانوري.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر قسمیت تي احوال سربستو کبو،
توسان ڳالهائڻ جو پيدا حوصلو کبو.

لفظن جي کاروبار ۾ آ کوٽ کاڌي،
اي دوست! ونهوار هاڻي روکڙو کبو.

هوائن تنهنجون آهن چڪيون تصويرون،
تو کيئن هو سوچيو ته پردو کبو!

هجر کي وصال ۾ چئي اغيار کي يار،
دل پنهنجيءَ سان هاڻ نه دوکو کبو.

جن سان ٽڪرائي ٿي کرياسين کالهه،
تن پٿرن کي ديوتا، اڄ چو کبو؟

وسي گهر مڙان "عزيز" جي، آ ککرن سوچيو،
اداس سندس دل سان کو چرچو کبو.

❖

www.sindhisalamat.com books.sindhisalamat.com

چنڊ، چانڊوڪي، گُل ۽ مان،
سوچون، يادون، دِل ۽ مان.

ساري رات جاڳيا هٿاسين،
لڙڪ، سُڏڪا، آنچل ۽ مان.

اڄ ڪينجهر پار ويناسين،
ٻيڙي، هُوءَ ڪنول ۽ مان.

پنجون ڪوئي ناهي دوست،
هَوا، تون، جهنگل ۽ مان.

ڪيڏا نه هڪجهڙا آهيون،
دُک، سَپنو، غزل ۽ مان.

شهر ڇڏي دُور هليا سين،
نڊ، ستارا، بادل ۽ مان.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين کي بہ تہ ڏوئڻ گھرجي،
ها! ڪڏھن ڪڏھن روئڻ گھرجي.

تو کان وڇڙي مون هيو سوچيو،
موت کي رُوبرو ڏسڻ گھرجي.

تاريءَ مان نہ ٽوڙجي ڪڏھن،
جُھکي گل کي سنگھڻ گھرجي.

چڪور کان چنڊ ٽو پڇي تہ ڪئين،
چانڊنيءَ کي اڄ چمڻ گھرجي؟

محفل ۾ اچي ٽو جام گھري،
حوصلو رقيب جو ڏسڻ گھرجي!

آهي دل "عزيز" جي راندیڪو پر،
خيال سان توکي کيڏڻ گھرجي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ کي هُيا اسباب هزارين پَر ڪتي!
اسان ويران گهٽيون ۽ تُنهنجا گذر ڪتي؟

رقيب تي پُڇيا پار اسان کان پنهنجي يار جا،
۽ ويو پُڇي طوفان ته تُنهنجو گهر ڪِتي!

هُن جي ڳوٺ ۾ جو آهن اڇلهه پٽر گهٽا،
ٽيا پنڌ پَهٽ سَپ ماڻهو، هُيا پَٽر ڪتي!

ڪَري ٽمٽار تي پَري پياڪر مَنجهه بَهار،
ڪَيو خزان پي نه ڪڏهن اسان کي درگذر ڪِتي!

وئي تو ۾ ٻُڌي، توٽي لُڏي لَمي گهٽي دِل،
اگر بچي ها دِل، سَڏجي ها معطبر ڪتي!

پاڻ ته ڳوڻن ۾ ئي وياسين وڃائجي "عزيز"
دِل کي ڪري ها بخش تنهنجو هي شهر ڪتي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دِل پنهنجيءَ سان هاڻي نه حُجت ڪبي.
مري وڃيو پر نه ڪڏهن محبت ڪبي.

جنهن محفل ۾ نه رقيبن تي بندش هُجي،
اُن محفل ۾ ڀُلجي به نه شرڪت ڪبي.

تنهنجي راهه ۾ ڪنڊا جي پيرن ۾ لڳا،
تن ڪنڊن کي ڪيڏ جي نه زحمت ڪبي.

دِل پنهنجيءَ کي حوصلو قيامت جو آهي،
دِل پنهنجي متان برپا ڪا قيامت ڪبي.

هُن جو تير نه سيني مان ڪو باهر ڪڍي،
مرڻ ڪان اڳي اهڙي وصيت ڪبي.

تون مهمان هُوندئين خاص اُن محفل ۾،
جنهن محفل ۾ گلن جي دعوت ڪبي.

جنهن ۾ خواهشون به "عزيز" جون ٿي دفن سگهن،
محنت سان تيار ڪا نئين تربت ڪبي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتين جي سَرگوشي جُگنو ٻُڌن ٿا،
نيٺ ئي نيٽن کي رُوبرو ٻُڌن ٿا.

ٽورو آهستي ڳالهاءِ! صَنم بي خبر،
ستارا پي پنهنجي گفتگو ٻُڌن ٿا.

تُنهنجي پيرن ۾ شوريده خاڪ عشاق،
فرياد اسان جو گُهنگهرو ٻُڌن ٿا.

پيار کي ٻُڌن ٿا بادل ۽ بهارون،
سُونهن کي گُل ۽ خوشبو ٻُڌن ٿا.

اسان جون صدائون ٻُڌن ٽيون بَهارون،
پکين کي پيرا هُوبَهو ٻُڌن ٿا.

ٻُڌن ٿا هُني کا سراپه سفر،
"عزيز" هو سراپه جُستجو ٻُڌن ٿا.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دُنيا ۾ دُنيا جي ڪم ڪار ۾،
ها! دِل نٽي لڳي هِن سنسار ۾.

ڏک پوئنرن جيان هِن دِل تي مڙيا،
من معطر ٿيو ڪنهن جي پيار ۾!

تُون منهنجي من ۾ ٿي ائين ٻرين،
جيئن ڏيئو ٻري ڪنهن مزار ۾!

منهنجي من جي موسم به عجب آهي،
گل خوابن جا ٿا ڪومائجن بهار ۾.

مان هار پنهنجي تي ٿيس خوش گهٽو،
ڏسي پنهنجائپ تنهنجي انڪار ۾.

منهنجي دِل کي هو ٽٽڻ جو شوق يا،
تاءُ گهٽو هو هُن جي ترار ۾!

هاڻ شاعري ڪرڻ ڇڏي تون عزيز!
وقت گذار ڪنهن ٻئي ڪاروبار ۾.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽجي ڪيئن مصلُوب، سڪڻ هلئون،
عاشقيءَ جا اسلُوب، سڪڻ هلئون.

سِکڻ هلئون اڄ ڪوئي سبق نئون،
مرن ٽا ڪيئن مجذُوب، سڪڻ هلئون.

ڪيئن ٽو بنجي زهر، حياتِ جا ودان،
سقراط کان پيئڻ مشرُوب، سڪڻ هلئون.

اسان ته وجون ٽا سڪڻ سليقا مرڻ جا،
تون به هلندين محبُوب! سڪڻ هلئون.

اسان کان گهٽو بهتر آ رقيب اسان جو،
ڪيئن خنجر هٽي ٽو خُوب، سڪڻ هلئون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـحَوِ گـفـتـگو رهـي ٿـي،
دِل جي روبـــرو رهـــي ٿـــي.

گُلـن جي زنـدان مـنـجهـــ،
قـيـــد خوشـــبـــو رهـي ٿـي!

نـگـاهـ کـان گـهـٽـو دُور ۽،
دِل جي دوبـــدو رهـــي ٿـــي.

اُن کـــي نـــ چراغان کـــريـــو،
جنـهـن گـهـــر ۾ هُو رهـي ٿـي.

منزل پـچيـو تـ تـوکي "عـزيـز"
کـنهـن جي جسـتـجو رهـي ٿـي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهہ و رسم بہ نٹي رکين،
دِل مٹان ستم بہ نٹي رکين.

دِل اشکبار بہ ناهي ڇو؟
نيٹ پرنم بہ نٹي رکين!

شور شرابي کان بہ پري تون،
دِل گُم سُم بہ نٹي رکين!

مهرو وفا کان بہ تون پري،
نگاهِ کرم بہ نٹي رکين!

مان خوش فهميءَ ۾ مبتلا،
تون کو وهم بہ نٹي رکين!

رقيبن لاءِ کوليا تو شفا خانا،
اسان لئہ پر مرهم بہ نہ ٹي رکين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَرڇڻ لاءِ ڇگو تُنهنجو رُسڻ لڳي ٿو،
جيئڻ لاءِ ضروري هاڻ مرڻ لڳي ٿو.

گُلن کي آهي تُنهنجي رنگن سان ريس،
ءِ هرٽين کي ڏکيو تنهنجو هلڻ لڳي ٿو.

جَواني ءَ ۾ جيڪو ڇئي سگهيس ڪونہ،
پيريءَ ۾ ڏکيو سو، ڇَوڻ لڳي ٿو!

خيالن منجهہ گم ٿي وڃن ٿا گُلاب،
چمن مان جڏهن هُو هلڻ لڳي ٿو.

پنهنجي پيرن کي ڏسي نٿو روئي مور،
تنهنجو هلڻ ڏسي هُو رُئڻ لڳي ٿو.

آهي چند پُڇيو تہ ڇاکاڻ "عزيز"
پري توکان پاڇو بہ رهڻ لڳي ٿو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏا رنگ انڌيري ۾،
گُل ڦٽن ٿا ڪمري ۾!

اڪيون توپي آيس مان،
گوري تُنهنجي گجري ۾.

ڪيڏي مُنهنجي رات اُداس!
تنهائيءَ جي پيجري ۾.

اُلجهي وڃڻي پَئي هي دِل،
لاڙيچي ڪنهن گگهري ۾.

چُهندي بڻجي شعلو ويئي،
سَوڙ هيئان سياري ۾.

دنيا جا سڀ رنگ ترنگ،
عشق جي هِن زِمري ۾.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمثيل هُئي، هوُ استعارو هُئي،
جڏي جيءَ جو سهارو هئي.

هُوءَ ته هئي کا سامانِ زيست،
گُوندر منجهه کو گذارو هئي.

نگاهن سان پنهنجي پُهاري هُو،
کٽي ڳوٺ ويئي جا سارو هُئي.

چون ٿا ماڻهو شهر جا هُن لاءِ،
هُو ڏيئو ءِ دِل هي جارو هئي.

پاڻ کي چوندي هئي چَري، ءِ،
اسان کي چوندي پيارو هئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي زندگي مختصر جو غم!
نا تمام هِن سفر جو غم!

جو مُنهنجي سيني ۾ تتي پيو،
مون کي آهي اُن خنجر جو غم!

خلوص مان بچائي جو گلاس ۾ رکيم،
قاتل کي آهي تنهن زهر جو غم!

جو نہ لڳو هئس سڏو پيشانيءَ تي،
هو مجنونءَ کي اُنهيءَ پٿر جو غم!

چو مون کي ٿو اکثر پريشان رکي،
ويران دل دربدر جو غم!

ڳوٺ جي هِن "عزيز" کي چئہ!
تہ نہ ڪري هُن شهر جو غم!

پنهنجا درد آهي، پلجي ويو،
ڏسي لوڪ حيدر[1] جو غم.

❖

(1) حيدر بخش، شاعر جو مائٽائڻ نالو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم ۾ لٽل پڪين جي ننڊ

دِل چا وري جوان ٿيندي؟
چا وري تنهنجي زلف جو بند اُن مٿان ڪمند وجهندو؟
وري مٿ ڪشيءَ جون موسمون موتي ايندیون،
چا وري مٿڪدو تنهنجي اکين ۾ ٻُڏندو؟
تنهنجي لب ڪشائيءَ سان وري، تاڪ فلڪ جا وا ٿيندا!
۽ سُٽ ڪهڪشائن جو منجهيل، ڏاڪو ڏاڪو ٿي ڪُلندو،
چا وري تنهنجي قدمن جي آهٽ سان،
ننڊ پڪين جي ڪي آرام ملندو!
۽ اسان کي به ڪو انعام ملندو؟
چا وري تنهنجا اورانيا، چيٽ ۾ هر ڪيٽ کي ڪيڙيندا؟
۽ خواهشن جي جهار تنهنجي هر آرجي سنگ کي،
خالي ڪري سوچيندي!
هي چٽني مؤسمن جو ذائقو،
هوا جي هِڪ جهوٽي ۾ ڪنهن سمايو آهي؟
راز تنهنجي نازجا وري فاش ٿيندا ڪڏهن؟
ڪونجن جي قطار کي وري نهار ۾ پوئيندئينءَ ڪڏهن؟
معاملا تو وٽ نبيرڻ ايندا قافلا پوپٽن جا،
۽ گداگر گلابن جون جهوليون،
لمس جي خير سان تون پريندينءَ ڪڏهن؟
سوداگر ڪنهن ڪيچ جا،
سلف سون جو تو وٽ وٺڻ وري ايندا ڪڏهن؟
۽ سامان جن جي سموري سفر جو،
رکي ڳروي،
چاهه چپٽيءَ ۾ پَري،
تن کي تون ڏينڈئينءَ ڪڏهن؟
اسان مٿان مهربان وري ٿيندئينءَ ڪڏهن؟!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بغداد

اڄ بغداد ۾،
بمن جو ڪارپيٽ وڇائجي ٿو.
ٻ عراقي ٻارن کي اُن مٿان ننڊ اچي ٿي.
اهڙي ننڊ جنهن مان هو ٻ سندن خواب،
وري ڪڏهن به جاڳي نه سگهندا!
ڪاڪ رات،
سموري دنيا جا حساس ماڻهو،
بغداد جي روشن ڪيل شمع فروزان ڏسندا رهيا،
ٻ سمهي نه سگهيا!
پر ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي،
ننڊ ئي ته سڀ ڪجهه ناهي،
مؤت کي به ته پنهنجو وجود آهي،
جنهن جي آغوش ۾،
هڪ ئي رات ۾ هزارين شهري،
پنهنجي بچيل حياتي ٻ معصوم ٻارن سميت،
وڃي سدا لاءِ سُتا!
اهڙن ٻارن ۾ ڪيترا ته اهڙا به هُنا،
جن کي اها به خبر نه هُئي ته صدام ڪير آهي؟
عالمي امن ڇاکي چنجي ٿو؟
آمريڪا ملڪ به آهي يا ڪا وحشت؟!
بش ڪنهن جو نالو آهي؟
ڪُتي ٻ ماڻهوءَ ۾ ڪهڙو فرق ٿئي ٿو؟
اُنهن جو ته بس ماڻ جي هنج سان رشتو هو،
جنهن کي ٽوڙڻ لاءِ،
آمريڪا ڪاڪ رات،
بغداد ۾ بمن جو ڪارپيٽ وڇائي ڇڏيو.

❖

● بغداد مٿان ڪيل آمريڪي حملي دوران لکيل نظم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عراق

مِنا مُرسل ڪٽي آهين!
سؤٽ تنهنجي جو شهر خاموش،
بمن جي باهه ۾ لرزي ٽو،
ننڍڙي قبر گلاب جهڙي،
علي اصغر جي لرزي ٽي،
بدنصيب شهر بغداد ۾،
پائر ننڍڙا ڇڻ سڪينه جا،
اکين ۾ تن جي اڃ وري،
ڪهاڙي ڪربلا جي لرزي ٽي.
ڀ زمين جنهن تي سجدن جي چادر،
وڃائي تنهنجو حسين ستو هو،
لڙڪ اُنهيءَ ڏرتي جا،
اڃ نجف جي ڳلن تان ڳڙن ٿا،
ڀ پريان شهر بصري جو،
جتي ساڪ گهٽي هئي،
رابعه جي سيني سجدن کي.
گهٽو سو به سڙي ويو،
جيڪو بچيو آ سو لرزي ٽو.
ٻيڙيون ننڍڙن ٻارڙن جون،
شعلن جي سمنڊ ۾ ٻڏن ٽيون،
تارڙ لاءِ تن ڪشتين کي،
دعا دستگير جي لرزي ٽي،
مِنا مُرسل ڪٽي آهين...!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دارالامان

جنهن گهر کي ڇڏي تون پڇين ٿي،
تنهن گهر جي هڪڙي ڪمري ۾،
هڪ پوڙهو شخص سُتل آهي،
جنهن جي توسان دِل آهي!
جنهن پنهنجي مٿل امڙ جو،
نالو تو مٿان رکيو هئو،
ڀ توکي "امان" چوندو هو!
تنهن پوڙهي ٻيءَ جي پيرن وٽ،
جا مائي ٻڍڙي ليٽيل آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا ان سان تنهنجي واقفيت آهي!
جنهن اوچاڪيل پنهنجن نيٽن ۾،
تو لاءِ سپنا ترسايا هئا،
ءِ ويڳر سان تنهنجن وارن ۾،
ڪيئي لڙڪ لڪايا هئا،
ءِ جنهن ڳلي پنهنجي ڳلهيار ڪري،
تولاءِ ڳڏيون آندیون هيون،
ءِ ميهڙ جي ميندیءَ سان گڏ،
تولاءِ خوشيون سانديون هيون!
چا اُن جو نالو ڄاڻين ٿي؟
ٿورو ڪيس سڃاڻين ٿي؟

●

ها پر تُنهنجو ڏوهه به ته ناهي،
عشق آ ڪو ڏوهه به ته ناهي،
پاڪ ۾ پري پريائي ٿو،
ءِ هوُ توکي سمجهائي ٿو!
هن ڳوٺ تنهنجي ۾ رکيو ڇاهي؟
هت دشمن سپ جوانيءَ جا،
هي توکي چا سنيالينداِ!
هي محتاج هڪ هڪ مانيءَ جا،
روز ٻُڌي چا ٽڪي ناهين،
قصا سندن پريشانيءَ جا!
توکي ڏسي ٿا روز وڌن،
گهنجَ سندن پيشانيءَ جا،
جن جي رشتي منجهه رُلي،
تو ويهه ورهيه آ قيد ڪٽي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ايڇي ڏاڙهي پٽهين جي،
ڪجهه وارن کان وڌ ڇاهي؟
ڀ پوتي پراڻي ماڻهين جي،
ڪُجهه ڏاڱن کان وڌ ڇاهي؟
ڀ در تي ٽنگيل پُراڻو پٽڪو،
توکي ڇا روڪيندو؟
ڀ وڇڙيو جي منهنجي پيرن ۾،
ڇيهون ڇيهون ٽي ويندو،
پيوند پيوند اڳ ۾ آهي،
پوءِ اڳڙيون ٽڪڙيون ٽي ويندو،
جنهن جا ٽڪڙا ميڙيندي،
نيٺ ته ٽڪجي پوندو،
ڀ هي پوڙهو پيءُ تنهنجو،
پڪ ته توکي پلجي ويندو!

●

هي ڪرهو ارهو عشق جو ڏس،
ڏانوڻ ڪيئن نه ڇنائي ٿو،
ٿوهو جنهن جو سورج سيڪيو،
ڪميتن کي شرمائي ٿو،
صحرائن جون وادِون وٽيل،
هُو نوڙيون نهل پائنئين ٿو،
جنهن جي وک ۾ وڃ وراکا،
سو ڪيئن اسان کي مارائيندو!
سڄ لهڻ کان اڳ ۾ هو،
نيل گگن ۾ پهچائيندو!
دُور فلڪ تان ٽوڙي ايندو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ اسان لئہ قول ستارا،
جن مان گجرا جوڙي گوري،
تُنھنجن وارن ۾ مھڪائيندس،
ءِ سُونھن سڃي سنسار جي،
تنھنجي منڊيءَ ۾ مڙھائيندس!
جنھن جي ٽڪ ۾ سڀ زمانو،
سربستہ تنھنجو غلام ھوندو،
حيرت ڪدن جا ھيرا ھڙيئي،
گھڙي گھڙيءَ جو انعام ھوندو،
چانديءَ ۾ ڏوبي ايندا،
تُنھنجا سارا ويس وڃا،
ڳچيءَ ۾ ڳٽي وجھندس،
ڪير ڏارا جا سورنھن سڳا!!
ھا پر اُن ھوندي جي،
توکي ڇڏي وڃان رستي تي،
منھنجي ڪا مجبوري ڏسجانءِ،
ڪم ھوندو ضروري ڏسجانءِ،
بابا کي بند ٽاٽي ڪندا،
امڙ جي لاچاري ڏسجانءِ،
پيٽ جو سڳ ڏنڊ ۾ گھرندا،
ظالمن جي سرداري ڏسجانءِ،
ءِ اھڙي جي ڪا "اٽڀٽ" ٿئي،
تون يادن جي سائبانَ ۾ رھجان،
يا ڪنھن دارالامان ۾ رھجان.
❖

• پيار جو پرٽو ڪندڙ ڇوڪريءَ جي حوالي سان لکيل نظم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابن جا اٽيل ريشمي ڏاڪا

سوچيان ٿو دنيا جو ڇا بگڙي ها؟
اوهان جي پهلوءِ ۾ جي عُمر گذري ها!
وجود کي رات جي چادر اوڙهي،
خوابن جا ريشمي ڏاڪا اُٽيون ها،
ساهَن جون ڏوريون چپن ۾ جهلي،
آگرين سان بدن جا رستا ڳوليون ها،
پسيني جي هلڪي چادر مٽان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي سبب بي ترتيب نقش چٽيون ها،
گلن جي پاڇن ۾ پل ڪن ويهي،
زمين تي نالا اسان ٻئي لکون ها،
ٽهڪن ۾ وڃون ها بي سبب اُلجهي،
گڏ هوندي به هڪٻئي جو انتظار ڪريون ها،
بي سبب ڪلون ها بي سبب پئون ها روئي،
بي سبب بدن جا تر ڪڍيون ها،
ڪلندي ڪلندي پئون ها روئي،
رُئندي اوچتو ئي ڪلي پئون ها،
چهرا هڪٻئي جا هٿن ۾ جهلي،
هڪٻئي کي ڪلاڪن تائين ڏسندا رهون ها،
اڇي ها اسان کي اوچتو ننڊ جي،
ڪلهن تي مٿا ٻئي ٽيڪي ڇڏيون ها،
هر سال نڪرون ها ڏور سفر تي،
هر سال پڪين سان دوستي رکون ها،
روز هلجي ها خوشين جي دوار،
روز اسان عيدون ملون ها،
ڪنهن جي ڏسڻ جي نه پرواهه اسان کي،
وقت ڪٽي جو ڪنهن کي ڏسون ها،
نه اجازت جي، مرضي جي پرواهه اسان کي،
نه اخلاق جا ڪردار جا سرٽيفڪيٽ وٺون ها،
نه نوڪري جو پينشن جو فڪر ڪوئي،
نه دڙڪن کان اڳ ۾ئي اسان ڊڇون ها،
سُمهڻون ها ٻانهن جي سراڻي سدا،
خوش هجون ها بنان ناڻي سدا!!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشبو ڪاري ناهي ٿيندي

عشق جا سڀ رنگ گلابي ٿين ٿا،
ءِ سُونهن جا سڀ روُپ روشن.
اوجاڳن جون ماريل اکڙيون،
تاندن جيان سُرخ ٿين ٿيون.
واعدن جا ساوا ٽوپا،
پيار جي نيري اُفق کي وڏيڪ رنگين ڪن ٿا.
گلابن جو رنگ پل ته ڪارو هجي،
اُنهن جي خوشبوءِ ڪاري ناهي ٿيندي!
عاشقي ڪاري ناهي ٿيندي!
زندگي ڪاري ناهي ٿيندي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُمان ۾ آباد محبت جو ديس

گُل ٽڙيا ڪنهن ٻئي ديس ۾ هُوندا،
ڪنهن ٻئي ديس ۾ هوندين خوشيون،
دِلين ڪي ٻين هوندين جَن ۾،
ٽڙين اُميد جون مُڪڙين هوندين،
ڪي ٻيا هوندا ڪون و مڪان جتي،
مَحوِ رقص هوندين جوانيون،
جوانيون هوندين جتي نه سزائون،
هوندين جتي آزاد زندگيون،
زنجيرن جي دستڪ نه هُوندي درن تي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تالا نہ پوندا سَرِ شام گھرن تي،
عام عام هُوندي، جام جام رات،
چُمين جا ٽڙندا، گلاب ڳلن تي،
ڪو ٻيو ديس هوندو، جتي اي دوست!
زخم هوندو، نہ ڪائي مرهم هُوندي،
اکڙين ۾ نہ لڙڪن جي رم جهم هوندي،
ستارا ستارا سپنا هوندا،
نندِ ۾ ويڙهيل شبنم هوندي،
بند تاکن پويان ڪنوارا بدن،
پسيني جي هلڪي چادر اوڙهي،
نندا اکڙن نيٽن سان جاڳندا هوندا،
ڪنهن ٻئي ديس ۾ هوندين،
ڪُونجون قطاريل!
فيل مست جوانيون، جَن جون نہ جتي،
سنسار ۾ سوچون ڪتريل هوندين،
جتي نہ حشر محشر جو ذڪر،
نہ هوندا عقيدن جا چيتا جتي،
نہ خوف جو رڻ، نہ هرٽيون ڌنل،
اکڙين جا ٽڪل نماڻا ڇپر،
جن ۾ ختم نہ ٽيندڙ ڪهاڻيون هوندين،
ٻانهن جي حصار ۾ جڪڙيل راڻيون هوندين،
ڏُک ڏُک لهندين مڌ جيئن اَمر،
ڪنهن ٻئي ديس ۾ هوندين مست جوانيون،
سلسلا سونهن جا، زندگيءَ جا،
گُل ٽڙيا ڪنهن ٻئي ديس ۾ هُوندا!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديلي

خاموش هَوا، پريشان چهرن کي جنم ڏيئي ٿي،
پکي ننڊ وڃائي، آکيرن جي بسترن تان اُٿن ٿا،
شام تنهائيءَ جي بنديا مک تي سجائي،
ڳلين منجهه گهمي ٿي،
پاڙي وارن جي زبانن تي رقابت جا ڪانوَ،
نفرت جو جلوس ڪڍن ٿا.
ستارا عاشقن جي هٿان ٽٽي پون ٿا!
هِن شهر جي شام وٽن تي سُمهي چُڪي آهي،
رنگ خوشبوءَ سان مَحو رقص آهن،
وڇوڙو محبت جي قيد خاني ۾ عمر قيد آهي،
غيبت جا گدڙ زبانون ڪترائي چُڪا آهن،
چنڊ سمنڊ جُون تصويرون ڪڍي رهيو آهي،
مسڪراهٽن جي سزاءِ موت ختم ٿي چڪي آهي،
پايلون پيانڪ خواب مان چرڪ پري اُٽيون آهن،
ڏينهن رات جي هٿان برغمال بنجي چڪو آهي،
ءِ ٽيڪ اُن وقت،
اسان ٻئي،
بند ڪمري منجهه،
گُل پوکي رهيا آهيون!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري شام جي هِڪ اُداس لولي

مُنهنجا پُٽ!
جيڪا ميندي،
تُنهنجن هٿن تي لڳڻي هُئي،
سا مُون، پوپٽ جي پرن تي لڳائي آهي.
تُنهنجا خواب رابيل بڻجي،
تُنهنجي قبر تي ڦٽا آهن!
دشمن جو گهاءُ، سورج بنجي،
تُنهنجي سيني تي روشن رهندو!
مان نندِ جي باغ ۾ خوابن جو هندورو جهوليان ٿي،
ءِ توکي لولیءَ ڏيان ٿي.
هي شام توسان گڏ سمهي ٿِي،
مُنهنجا پُٽ!
تون به سُمهي رهه!
تون به سُمهي رهه!
چو ته بهار به سُمهي رهي آهي،
شهر خاموش آهي چؤڏس،
پکين جي اُڏار به سُمهي رهي آهي.
صحرا آهي مَحو خواب،
سمندر جي پڪار به سُمهي رهي آهي.
هرٽيءَ جو خوف به وڃي سُتو،
چيتي جي نهار به سُمهي رهي آهي.
منهنجا پُٽ!
تون به سُمهي رهه!
تون به سُمهي رهه!.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ جا اڪيلا نيڻ ۽ هڪ مشهور تنهائي

نندِ جي باغيچي ۾،
خوابن جا گلاب ڦٽن ٿا.
بهار وٽن کي خوابن مان اُتاري ٿي،
پن ڇڻ وٽن جون آڳريون ڪپي ٿي،
سُونهن جي سرحد تي رقابت جي لُڪ لڳي ٿي،
۽ خوشبو گُلن جي جهوليءَ ۾ جهولي ٿي.
سورج!
ڏرتيءَ جي سيني تي شام جي چادر وڇائي،
پهاڙن پويان دِل وڃائي سُمهي ٿو.
چنڊ شاعر جي دِل وانگي اڏو اڏ ٿئي ٿو.
سمنڊ جي اڳڻ تي لهرون،
پايل ٻڌجي ڇمڪن ٿيون.
۽ جڏهن ستارا،
خلا جي ڪڙڪين مان جهاتيون پائي،
مون کي ڏسن ٿا،
تہ هُوءَ ياد اچي ٿي،
تنهائيءَ ۾ اڪثر ياد اچي ٿي!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عقيدي جي ورقن ۾ قيد ڪيل مور جي پرن جهڙي چوڪري

لوڪ داستان جهڙي چوڪري،
چپن تي جا اچي نه سگهي!
وجود هن جو رُلي ويو،
سپنو هو بدن جنهنجو،
جنهن بنان اسان جي مؤت هئي زندگي،
زندگي پوءِ به گذرندي رهي!
منڪدي جي در تي،
هنجي گهٽيءَ ۾،
ڪرياسين ٽڙياسين، ءِ وري اُٽياسين،
جي نه سنياليو اسان کي، ٻانهن اوهان جي،
ته مڙ ۾ وري وري ٽي ٻڏاسين، ترياسين.
ءِ اوپري پاڪر ۾ جي آياسين،
ته خيال هنجي ٽي جهيڙيو اسان سان.
ءِ تڏهن خوشبوءَ ۾ وهنتل شامِ تنهائي،
دِل ۾ ٽي لهي آئي.
تنهائيءَ جهڙي چوڪري،
جنهن کي مور جي پر وانگي، عقيدي جيان قيد ڪري،
رسمن جي صحيفي ۾ بند ڪيو ويو،
تنهن مٿان راز مينديءَ جو نه کلي سگهيو!
جنهن جي وجود جي ڏنڊ تي،
سرگوشين جا نه ڪڏهن پکي لٿا!
جنهن جي بدن جي سراب ۾ نه کو وڃائجي سگهيو!
جا پگهر ۾ ڪڏهن نه وهنجي سگهي!
لوڪ داستان جهڙي چوڪري!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهيد ٽي ويل خاموشي

حيدرآباد جي زخمي جهول ۾،
مُنهنجا ساٿي،
شهيد سپاهين جيان خاموش آهن!
شهر جُون هَوائون،
بيواهه جي آهُن جيان محسوس ٿين ٿيون،
اسان جا گهر ڪربلا جا خيما لڳن ٿا!
اولاد ڪئمپس ۾ پناهه ونندڙ هارڙن جون دانهون،
چوطرف گونجندڙ هانگن ۾ گم ٿي رهيون آهن!
انسان دوستيءَ جو جذبو،
دربدريءَ رسوائيءَ ۾ مُنهن لڪائي ٿو!
قوم ۽ نسل جي سچاٽ،
هاڻي مشڪل ناهي قاتل جي سچاٽ!
ماڻهپي جي سزا مقرر ٿي موت آهي،
رقصان هتي جابجا موت آهي.
اسان جون مهربانيون، اسانجون مهمانيون،
ڏند ڪڏي اسان متان ڪِلن ٿيون.
تنها، اسين اڪيلا آهيون،
اجڙيل جڙ ڪي ميلا آهيون،
شهر برباد جي زخمي جهول ۾،
۽ حيدرآباد جي زخمي جهول ۾.
شهيد ٽيل خاموشيءَ جو لاش ڳوليون ٿا،
انسان دوستيءَ جو لاش ڳوليون ٿا!!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِڪ سوال پڪين کان به پُڇو

هِن عشق جي قيمت چا ٿيندي آهي؟
ڪير ڄاڻي ته محبت چا ٿيندي آهي؟
دلين جن پاڙون ٿو اکيڙي ڪير،
حُسن جي طاقت چا ٿيندي آهي؟
چا ٿيندو آهي سفر سمندر جو،
پڪين جي ٽڪاوت چا ٿيندي آهي؟
قدم ڪيئن ٽا وڌن دار ڏي،
آرزوءِ شهادت چا ٿيندي آهي؟
ڪيئن ٽا لٽجن، ڪٽجن فصل پيار جا،
نامرادين جي غربت چا ٿيندي آهي؟
اوهان کي هو درڪار ڪٽي سَمجهڻ،
عَدل چا هي، عدالت چا ٿيندي آهي؟
سُٿڻيءَ کي خبر ڪهڙي درياءُ دليءَ جي،
درياءَ چا ڄاڻي، شرافت چا ٿيندي آهي؟
وصال کي هُنا ڪٽي مثال محبتن جا،
ءِ پرواني جي عادت چا ٿيندي آهي؟
قفس ٽي پُڇيو ڪالهه پڪين کان،
سفر چا هي، مسافت چا ٿيندي آهي؟
اسان کي گواهه ڪِٽي گلا عاشقيءَ ۾،
اوهان ئي ٻُڌايو ته قدرت چا ٿيندي آهي؟
صداءِ يزدان هُني ڪالهه صحرا ۾ گونجي،
قيس! ٻُڌاءِ ته قيامت چا ٿيندي آهي؟!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ گنهگار گُل جو آباد ڪيل چمن

ٿيو حُسن جَوان ته عشق بار ٿيو،
هوشيار، خبردار اڄ وري سنسار ٿيو!
وري ڦٽا فصل تهمتن جا،
گوشه نشين وري اقرار ٿيو.
اسان جي شوق جي هي نفاست هُئي،
نه ته شڪاري ڪڏهن پٺ شڪار ٿيو!
مشائخ وقت کي هُيو گواره ڪٽي،
رَسوا دربدر، گُل گنهگار ٿيو.
نگاهن تي چوڪيون چوڏاري اڏيون،
لَهُو اسان جو سامان بهار ٿيو!
هَوا کي هُيا فرض پيامبريءَ جا،
صياد اڄ وري خبردار ٿيو.
ثابت ڪٽي هو گريبان اسان جو؟
اڄ ڦاٽو ائين جو تار تار ٿيو!
اوهان جي سنگدلي، چا ڪافي نه هُئي!
عشق چو ائين وري سنگسار ٿيو؟
اسان جي خون سان ٿيو رنگين مقتل،
پريشان قاتل، شرمسار ٿيو!
جو ڪالهه تائين هُيو فقط اسان جو،
اڄ زماني جو سودلدار ٿيو!
ڪليون ٽِي ڦُٽيون، ڦڙيون لهوءَ جون،
سندءِ جوپين گل و گلزار ٿيو!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهنجي مِٽي اَمان

اڄ به ياد آهين اَمان!
مٽي جي مهيني ۾ پنج سال اڳي،
تو اکيون ٻوٽيون ته جڏ دل مُنهن موڙيو هو،
قسمت اَسان کان ۽ خوشبوءَ کان گل مُنهن موڙيو هو.
پکين جيان ٽي پنک پکيڙيا تو،
داڻا پيار جا ٽي ميڙيا تو،
اسان جي ٽيڙ ٽي، دِل تنهنجيءَ کي ٽيڙيو،
سُورن جو عُمر پر تو فصل کيڙيو!
هِي مؤت هُيو يا عدم جي سفاڪ کا پُڪار هُئي،
خدا سڏيو ته هُو اڳ ۾ئي تيار هُئي!
بي چئن گهنگهور گهٽا وانگي،
گَهُلي اسان مٽان هوا وانگي!
اڳي گهر ۾ ۽ هاٽي مَن ۾ رهي ٽي،
يادن جي پوکيل چمن ۾ رهي ٽي.
هن احساس جي معنيٰ ڪنهن نصاب ۾ ناهي،
هو بي لوڻ هُئي، بي انت ڪنهن حساب ۾ ناهي.
ماءُ جي نانءُ کي وئي ڪٽي پاڻ سان،
ڪَڪَر کي، ڇانوَ کي وئي ڪٽي پاڻ سان!
جَون تا ناراضگي ڇگي ناهي،
پنهنجن کان بيگانگي ڇگي ناهي،
ٽي سگهي ته هن بهار ۾ اسان به اچنون،
تُنهنجي نئين سنسار ۾ اسان به اچنون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَر تيستائين زندگيءَ جو ڇا ٿيندو؟
دِل هِن بي ڇڻي جو ڇا ٿيندو؟
پاڻ کان وسران ته وسران تون نٿي وسرين،
ڇو اسان جي دُوار تون نٿي اچين؟
هِي موٽ يا قضا جي حاضري آهي،
جان جي جگر کان بي خبري آهي!
مؤسمن جون بگيون ٿيون گڏرنديون وڃن،
عُمر جُون استيشنون ٿيون گڏرنديون وڃن!
زماني جو ڇيتو ٿو ڇنگاڙي اسان مٽان،
ءِ تقدير پيي ٿي ڏاڙهي اسان مٽان!
مان ته روين جي خشڪ ساليءَ ۾ اُپري نه سگهيس،
ڇاهيو گهٽو ئي هُيو پر گڏ توسان مري نه سگهيس!
زندگي ڪيڏي نه مختلف هُئي،
شرارتي هار جيان بي تڪلف هُئي!
ننڍ مان اُٿي اسان کي ڏٺو،
سيءَ ۾ چادر مٽان وڇهٽ،
مؤسمن کان اسان کي بچائي رکڻ،
سنيالي اسان کي لڪائي رکڻ،
سبزءِ زار تُنهنجي محبتن جا هُيا،
قصا بي شمار تُنهنجي محبتن جا هُيا!
آگرين تي تن جو شمار ناهي،
دِل آهي پَر دِل کي قرار ناهي!
ٿيون مندون مهڪن تُنهنجي پسيني سان،
اسان جي نٿي لڳي مئي جي مهيني سان!!
❖

● امڙ جي ياد ۾ لکيل نظم، جنهن ڇهين مني، اوٽويهه سؤ چورانوي ۾ وفات ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي انصافيءَ جي نڪتل "بليڪ اينڊ وائيٽ" تصوير

زمين تي ائين ئي ڪُجهه ٿيندو رهيو آ،
فلڪ! تُنهنجي حيراني سمجهه ۾ نٿي اچي.
هِي ظلم هي درندگي نئين ته ناهي،
پٽرن جي بندگي نئين ته ناهي،
نوان ناهن ڪاروبارِ حيات،
هي رَوِش ايڏنگي نئين ته ناهي،
انسان ازل کان تڙپندو رهيو آ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين تي ائين ئي ڪُجهه ٿيندو رهيو آ!
الزام زندگيءَ تي تهمتون نيون ته ناهن،
شب و روز جون ذلتون نيون ته ناهن،
هُيا رقصان اڳي به بدمست قاتل،
دِلين متان قيامتون نيون ته ناهن،
پور پور اندر ڏهندو رهيو آ،
زمين متان ائين ئي ڪُجهه ٿيندو رهيو آ!
هي طبقات جي چڪتاڻ پُراڻي آهي،
هي جذبات جي چڪتاڻ پُراڻي آهي،
هي رُسوائي، افلاس، دستور دُنيا،
هي خرابات جي چڪتاڻ پُراڻي آهي،
مقتل سر عاشقن جا گهرندو رهيو آ،
زمين متان ائين ئي ڪجهه ٿيندو رهيو آ!
هر گهر ۾ عزتون ڏنل هيسيل،
هر صليب تي عيسيٰ اڄ به ٽنگيل،
اڄ به سچ آهي مصلوب زِبست،
ڪالهه هُيو، نه اڄ ئي آهي سڏريل،
انسان سدائين درندو رَهيو آ.
زمين تي ائين ئي ڪُجهه ٿيندو رهيو آ!
هاڻي به آهي ساڳي زبان بندي هتي،
هر دِل دُکي دردوندي هِتي،
ٿو لرزي وُجود فطرت اڃان،
سورج ائين لهندو اُپرندو رهيو آ،
زمين تي ائين ئي ڪُجهه ٿيندو رهيو آ!
فلڪ! تُنهنجي حيراني سمجهه ۾ نٿي اچي!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زخم متان ظاهر ٿيل دوا جي رازداري

رستن تي پن ڇڻ رقص ڪري ٿي،
مان به جيون جُون مِڙئي بَهارُون،
ءِ تُنهنجون سارُون پِلجي ويو آهيان!
تُنهنجي گهر جا خالي رستا،
اکين ۾ لهندا پيا وڃن ڇڻ ازدها،
ڪمري جي ديوار تي تُنهنجي تصوير،
ائين آهي ڇڻ رُخ بهار تي تُنهنجي تصوير.
هِي دِل، جا يادِ صَبا ۾ وِسامي ٿي،
زيست، دستِ ميسحا ۾ وسامي ٿي،
نيٽن جي چمن پويان ڪُلن ٽيون،
جواني‌ءَ جي بند قبا جون رازداريون،
گجرن جي ڦولن ٿي ٻُڌايون،
صنم بي وفا جون رازداريون،
اسان جي زخمن ٿي ڄاتيون،
اوهانجي دوا جون رازداريون،
هي گهاءُ، جي اسان جي جسم تي لڳا،
نا اُميد، نامراد نيٽ بنجي ويا،
پنهنجي نصيبن جي ڪٿا نه پڇو دوستو،
رقيب سمورا سيڻ بنجي ويا!
اسان جي مرڻ جا اسباب گهٽا هُيا،
ءِ تُنهنجي بي وفائي‌ءَ کي جواب گهٽا هُيا!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديواني ٽيڙ جو مڪمل خواب

هِن ئي شهر جي، هُوءَ جا چوڪري،
جنهن پٽ پاڇا پنهنجا چاندنيءَ ۾ چپايا،
اُره زورايون جنهنجون، ڦهلجي ويون جا بجا،
ٽي رکيا جنهن دوست ديوانا سڏيئي،
ويئي لکندي پيار جا افسانا سڏيئي.
هُيا انديشا اسان کي لٽجي وڃڻ جا،
پٽ بهانا ڳوليا سين اڄ وري مرڻ جا.
جاڳ سپني ۾ ٽي لڙکڙايو اسان،
جڙ مڏهوشي سان پٽ ٽڪرايو اسان.
خواهشن جا گهُنگهرُو هيا ۽ شهر ۾ شور هُيو،
هُن جي پاڙي جي هَر گهر ۾ شور هُيو.
دلفريب، دلڪش جواني ٽي ويئي،
جوپين جي هُن جي مٽان مهرباني ٽي ويئي.
سڄ وانگي ٽي اُپري ۽ لٽي اسان مٽان،
مؤسمن جي هُئي تتي ۽ ٽڏي اسان مٽان،
پٽ تقدير جي مهربان ٽيڙ جا خواب ڏٺاسين،
ڇو زهر جي درمان ٽيڙ جا خواب ڏٺاسين!
هو خواب خيال، احساس و طلسم هُئي،
بدن قول هن جو، سوچ ريشم هُئي!
اسان جي ديواني ٽيڙ جا اسباب نه ڳوليو،
ڇٽيل ٽاريءَ مٽان گلاب نه ڳوليو.
هُن جي دوست ٽيڙ لاءِ ديوانگي ڪپي ٽي،
بيگانگيءَ کي به بيگانگي ڪپي ٽي!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي گلدان ۾ مُرجهائجي ويل خوابن جا گُلاب

زندگيءَ جي گُلدان ۾،
خوابن جا گُلاب مُرجهائجي ويا آهن،
مان خواهشن جا سِڪا کٽي،
پيار جي بازار ۾ پنهنجو اڳهه پُڇان ٿو،
ڪٿ ملان ٿو شهر بيڪنار سان،
هڪڙي گلنار سان!
جنهن جي بنده نوازي مشهور هُئي،
ها پر، پنهنجي بي نيازي مشهور هُئي،
جنهن ٿي اسان کي بيقرار رکيو،
پنهنجو پاڻ کان به ٿي ڏار رکيو.
ڪٿ رهياسين اندر جي اڪيلائيءَ سان گڏ.
گهر ۾ گهر جي اڪيلائيءَ سان گڏ.
پئه پُڇيوسين رُت بسنت سان پنهنجو رشتو،
تنهنجي نسبت سان پنهنجو رشتو،
ڪٿ ڪوڙها اکين مان ڪري پيا ٿي جڏهن،
تو شڪل هٿن ۾ لڪائي ٿي،
خواهش جڏهن به ڪا سامائي ٿي،
پاڻ پنهنجي تي ٽياسين حيران ڏاڍا،
ڪنهن ڪُوٽ ننڍي جي ٻار وانگي پريشان ڏاڍا.
تڏهن ڏٺوسين ته زندگي جي گلدان ۾،
خوابن جا گُل مُرجهانجي ويا آهن!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غير سنجيده دِل جو سنجيده عشق

ڀاڻ سمنڊ مان اُٿي ٽي ته مينهن وَسن ٿا،
مينهن وسن ٿا ته گُل ڦٽن ٿا،
گُل ٻوٽي مان ٽڦن ٿا ته گجرا ٺهن ٿا!!
فصل ٿا ڦٽن زمين جو سينو چيري،
بيج ڌاهه جي هِن عمل سموري،
ڪُجهه شين جي ڌهڻ ۽ ٽٽڻ جي قيمت تي،
ڪُجهه نيون شيون جوڙيون آهن ۽ ٺاهيون آهن.
ها پر!
دِل جي ٽٽي ٽي ته ڪجهه نه ٺهي ٿو،
سڀ ڪُجهه ڌهي ٿو.
فطرت جي اِها بي خبري ڪيئن ممڪن ٽي!
دِل مان اسانجي دربدري ڪيئن ممڪن ٽي!
اوهان جون ته هُيون پناهگاهه اکيون،
ڪيئي ويون ٽي تباهه اکيون!
زندگي سان اسان جي اٽٻٽ ڪٽي هُئي!
هئي پر ايڏي محبت ڪٽي هُئي!
اڪيلو هيو ته ڪيڏو نه پر سڪون هيو درد،
حُسن جو ٽورائتو، ممنون هُيو درد.
اوهان جي ويجهو اچي دُور ٽي وياسين،
خزان ۾ گُل جيان مجبور ٽي وياسين،
پئه ڳوليسين رستن تي وکريل دل،
هُئي جا ٽو وٽ امانت رکيل دِل!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگانگيءَ جو اعتراف ديوانا ڪندا آهن

توٽي جو اَڄُ رات جي آخري ترين ۾،
اسان به هليا ويندا سين،
اوهان جي گهر کان دُور، شهر کان دُور، نظر کان دُور.
مهر و وفا جا قصا تمام ٿيندا،
جور و جَفا جا قصا تمام ٿيندا.
تُنهنجي آغوش جُون هي مهربانيون،
اُداس، بي چئن برباد جوانيون،
دربدري، بيڪاري، بيگانگي اسان جي.
ميجون ٿا ته هُئي ديوانگي اسان جي،
فقط اسان ڪٽي! اهل شهر مَجبور هُيا،
اکين ۾ الماس عشق جا انبور هُيا،
الجهيل زنجيرن ۾ رهيا قافلا عشاق جا،
ٽي ستارن سنياليا پلئه تنهنجي پوشاڪ جا،
هُئي لِکي، لَڄي، شِڪي ٽي چاندني،
رخ يار تي جو نُور، نه سَهي سگهي چاندني،
مڪڙين ٽي گُلن ۾ چهرا لِکايا،
قافلا تو بهارن جا سَر راهه رُلايا.
اسان جو خير آهي، اسان جي گُذري ويندي،
يادِ يار ۾ مُناسين ته زندگي اگهي ويندي،
حُسن جي پر عشق متان سختي روا نه هُئي،
زهر چو آڇيو تو، اگر تو وٽ دوا نه هُئي؟!
تُنهنجي تنهائي ڪيئن اسان کي در گُذر هُجي،
پَرچا ڪجي، اگر دل ۾ ئي تُنهنجو گهر هُجي!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ مسافر جي آتم ڪٿا

اڄ مُون سان ڳالهائيندي،
تون مون ۾ ايتري ته گم ٿي وئينءَ،
جو گرم ڪڙ لاءِ چُلهه تي رکيل ڪير،
سڙندو رهيو،
ءِ ختم ٿي ويو!
ءِ اها گاڏي ڪڏهوڪو نڪري ويئي،
جنهن ۾ ڳوٺ وڃڻ لاءِ مون ڪالهه،
بُڪنگ ڪرائي هُئي!
مُون کي اُهي ڏينهن چگّي طرح ياد اچن ٿا،
جڏهن پاڻ ۾ننهي ذميواريون نيائڻ جي چَڪر ۾،
نه ڪير ساڙڻ ٿي ڏنو،
ءِ نه ئي گاڏي نڪرڻ ٿي ڏني.
پاڻ ۾ننهي جي ديواني ٽيڻ تائين،
عشق جي مؤسم گذري چُڪي،
مان سوچيان ٿو،
عقل تالو آهي،
جنهن کي کولڻ تائين،
جواني ءَ جون ڪيتريون ئي بهارون،
گُذري وڃن ٿيون!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڇوڙي ۾ خواب جو سهارو

خواب جَواني ۽ جو،
ياد بسنت جي،
هَوا جو ڪو جهوٽو،
رنگ پوپٽ جو،
هيڪل ڇڻ ڪڪري،
چنچل ڪا ڇولي،
پيار جي پرولي،
لڳي ٽي هو!
وڇوڙي ۾ خواب جو سهارو،
هٿ مان ڇڏائجي ويل ڪبوتر جو پڙڪو،
سياري ۾ ٽڏي ٽر جي واري،
پيار جي گيت جو پَڙلاءُ،
بهار جو رهجي ويل هڳاءُ،
رنگ ڇڏي ويل هٿ متان ڪا پنيوري،
مُنهنجي مجبوري،
لڳي ٽي هُو!
سَپنو، ڪا آس،
پَن ڇَڻ ۾ ڏنل اڪيلي مڪڙي،
خط ۾ موڪليل چُمي هڪڙي،
ڪنهن غزل جي نالي واري مصرع،
ڏور ڏسائن جي اسپرا،
ساعت ڪا خاموش،
نگاهن جي سڏ تي اوچتو چرڪي ٽي،
نراس،
ڏاڍي اُداس،
لڳي ٽي هُو!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وصال جا آخري ڏينهن

وصل جي پچاڑ ڪن ڏينهن ۾،
منيون موڪلڻ سنيهن ۾،
در ڏيڏيءَ پويان لڪي،
مون کي ايندو ڏسي،
مون کي ويندو ڏسي،
پوندي هُئي تڑي،
هڪ چوڪري،
جڏ مڪڙي!
ءِ اچانڪ،
در ڏيڏيءَ پويان هتي چُڪي،
خط جڏ سپ لکي چُڪي،
پيار جڏ هُو ڪري چُڪي،
مُڪڙي گُل ٽي چُڪي،
مون کان اوجهل ٽي چُڪي!

❖

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دل کان ساقيءَ جا ستم وسري ويندا آهن

حُسن جا وشال ريگزار اوهان جا،
ءِ ويندڙ وَهيءَ جو هي رنج والم،
پُکارون زمردي بدن جون پويان،
رڻ ڏي وڏيا پَر چو هي قدم؟
گُل هُيا گوشئہ نشين اوهان ۾،
پهلو هُيو چاندني جو حرم.
اسان کي هُيو خوفِ خدائي، ورنہ،
پُوڄڻ لاءِ کافي هيو پنهنجو صنم.
هُيو تُنهنجي مُک تي حجاب اِئين،
چاندني ۾ گُلن تي جيئن شبنم.
اسان کي ڪٽي هُيا ياد زمانا!
ڪاروبارِ حيات ءِ روزگار جا غم.
ڪٽي ها وسريا پاڻ کان پرين،
مئڪدي جون شامون، ساقي جا سِتم.
جواني اوهان تي ائين لٽي جيئن،
چاندني صحرا ۾ قدم بہ قدم.
ٻُڌو آ تہ اهان کان ويا ها وڃي،
سمندر لهرون، جهرٽا ترنم.
اسان کي زاهد نہ سبق سمجهاءِ،
نہ تون مهاويرِ نہ مان گوتم!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ خواب جو اُداس رُوپ

هڪ ڀيانڪ تصور ۾،
سَڀ سپنا سُونهن جا ٽٽي پيا،
گُلاب هٿن مان ڪِري پيا،
گيت وسري ويا، سنگيت وسري ويا،
ٿهڪ آخري هڏڪيءَ جيان، نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا،
لُڙڪ نيٽن ۾ پٽر بنجي ويا،
جميل ڪائي نهر بنجي ويا،
ڪنول ڪينجهر ۾ ڪومائجي ويا،
احساس سَڀ اندر ۾ ڪومائجي ويا،
لفظ محبوبائن جي خطن مان،
ءِ ويا ٽي ڏندلا ذهن مان.
دُعا ماڳ جي گم ٿي ويئي،
جان هي نظرِ ستم ٿي ويئي،
زندگي بنجي ويئي سراپئه گار،
اوپرو لڳي ٿو هي سنسار.
پنهنجي وجود کان ٿي چرڪ پريوسين،
لمحي لمحي وهم جو ڏُڪ پريوسين،
نند ۾ گونج صدا ٿي ويئي،
چا ڪراچي اسان کان جُدا ٿي ويئي؟
هڪ ڀيانڪ تصور ۾!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ گڏيل مرثيو

غريب شهر کي وڏيڪ گوليون نه هڻو،
نه دهشت جا گهوڑا روڊن تي ڊوڙايو،
نه جام لبريز شيشا ٽڪرايو،
نه دوارِ مقتل سڻين سان سجايو،
نه نيايو ڪردارِ يزيد جو نه نيايو
سوچيو! ٿورو ڪنڌ ته ڪٽو!
غريب شهر کي وڏيڪ گوليون نه هڻو!
هي تاج هي تخت اوهان کي مبارڪ،
هي بهارون هي بخت اوهان کي مبارڪ،
هر عيش هر نعمت اوهان کي مبارڪ،
هي ملون هي دولت اوهان کي مبارڪ،
اسان جو سفر پري، اسان کي درد گهٽو،
غريبِ شهر کي وڏيڪ گوليون نه هڻو!
هي بڑ بڑ، هي بڪواس هاڻي بند ڪريو،
هي ميڙ هي اجلاس هاڻي بند ڪريو،
هي قاتل کي شاباس هاڻي بند ڪريو،
هي گمان هي قياس هاڻي بند ڪريو،
اوهان وٽ لشڪرِ يزيد، مان اڪيلو جٽو،
غريبِ شهر کي وڏيڪ گوليون نه هڻو!
چاندني چوڏاري اوهان کي نيبهه،
تخت تاج داري اوهان کي نيبهه،
هي نوابي سرداري اوهان کي نيبهه،
هي ملڪيت ساري اوهان کي نيبهه،
گهٽو ٽيو، گهٽو ٽيو بس گهٽو،
غريبِ شهر کي وڏيڪ گوليون نه هڻو!!

❖

• مرتضيٰ پٽو جي شهادت تي لکيل نظم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مؤسمِ خار ۽ دِل جي اڪيلائي

رستن تي پَن چَڙ رقص ڪري ٿي،
مان به جيون جون سيئي بهارون پُلجي ويو آهيان،
تُنهنجي خالي گهر جا رستا مون کي ازدها لڳن ٿا،
۽ ڪمري ۾ سينگاريل مُنهنجو ماضي،
هَوا جي رُخ تي رکيل ڏيئي جيان وسامندو ٿو وڃي،
هِي وجود پنهنجو، پَري ڪنهن ٻئي پار اُڏامندو ٿو وڃي!
بهار اچي ئي اچي،
خزان پنهنجو ڪم ڏيکاري وڃي ٿي!!
نئين سَر، نئين سال ماري وڃي ٿي،
اسان محبت جي ڳنڍ نه کولي ڪڏهن،
تباهه هي قاتل نه هٿي جهولي ڪڏهن،
پَر اوهان جي،
خمِ زلف جا اسير هُياسين،
پاڻ ڪُجهه به نه بس فقير هُياسين.
جنهن جي دست ڪشڪول تي تو آڇيا هيا،
دِلاسا وَصال جا ڪجهه آسرا هيا.
خواب جي مسافت ٿي ٽڪايو اسان کي،
اوهان جي عنايت ٿي ٽڪايو اسان کي،
زندگي مگر ٿي تمام آهي،
جواني تي پيي آئي شام آهي!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڻپوري هُجڻ جو هِڪ پورو احساس

بهار جي رُت جيان تون حُسين،
تو بنان اسين،
ڇڻ ته پَن چَڻ جا وکريل پَن،
گهر نه جن جو گهاٽ کوئي،
سپنو نه سُرهاٽ کوئي،
دِل شام جيان اُداس،
پنهنجي نام جيان اُداس،
خوفِ تنهائي ۽ ڏُکي جُدائي،
صبح کان رات تائين،
جيت کان مات تائين،
وکوڙي وڃي ٿي اسان کي،
هِڪ ڄار ۾ ۽ تُنهنجي پيار ۾.
دِل ويران کي ٿيون خِلوَتون ياد اچن،
اندر جي خاموش سمندر جُون،
پُرشور محبتون ياد اچن،
اسان لاءِ، نفرتون، سي رقابتون ياد اچن،
ٻُڌون تا پنهنجي دِل نه رهي آهي ساڻي،
پر تون اُهائي آن ماهِ جبين،
بهار جي رُت جان تون حُسين!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل اسانجي دارا ۽ دنيا اورنگ زيب

عشق اسان جو هو سَفر ۽ حُسن اوهان جو سمندر هُيو،
گهرائيءَ ٽي ٻوڙيو ۽ تاريو هر هڪ لهر هُيو،
ڪٽي هيا پر اسان کي شاهين جا ۽ جذبو شه زوريءَ جو،
طوفانن ٽي ورتو فائدو پنهنجي مجبوريءَ جو،
ڪُڙين تي بيهي اسان سان، ٽي ماپيا قد شهر وارن،
گُلن کي هو دُک پنهنجي دِل جو ۽ رُنو پٽ ٻارن،
ٽي پُڇيو اسان جو ساقيءَ کان، مٽخانيءَ ۾ پٽماني،
پيار اسانجو ٽي سانڊي رکيو، پاڻ جهڙي ڪنهن ديواني،
هِي سڏ اسان کي گڏ ونڊي ويا، مقتل جي دروازي تي،
ڪشڪولن جون قطارون رکيل، سنگدل جي دروازي تي،
اکين پنهنجي خواب اُٽيا، خوشبوءَ جي ڏاڳن سان،
چانڊوڪي کي ريس اسان جي، پنيرکي جهڙن پاڳن سان،
پنهنجي مڌهوشيءَ سان مِلي، ٽيا شرمنده ها شراب،
هير ڏکڻ جي پوکي ويئي، رهه گذر متان گلاب،
ڇُهاءِ پنهنجو چيڙي ويو، بهارن جي بَدن کي،
چانڊوڪي سمجهيوسين، گوري تنهنجي چپن کي،
اسان جي دِل لڳي، چا خبر آڳ لڳي ٽي ويندي!
ڪر ظرف هن دنيا سان دشمني ٽي ويندي!
چا خبر محفل يار جي، فريب ٽي ويندي،
دِل اسان جي دارا، دنيا اورنگ زيب ٽي ويندي!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رومينٽڪ رِوينج

بهار جي،
آخري ڏينهن تي،
ڪوئل!
تُون،
مُنهنجي،
گهر جي،
وڻ تان اُٿي،
هُن جي،
گهر جي،
وڻ تي ويهه،
هُن کي به اُداس ڪري اڇ!
مون جيان نراس ڪري اڇ!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندوقن جي ٽڪائن ۾ گم ٿي ويل ڪتن جي خاموشي

سِنڌ ۾ ڪُتا خاموش آهن،
۽ بندوقون ٻونڪن ٿيون!
مُون ٻنهنجا پُٽ اڳ ۾ ئي محاذ تي موڪلي ڏنا آهن،
جَن جا نالا، سنڌن محبوبائن جي منڊين،
۽ دشمنن جي گولين متان لڪيل آهن!
آزاديءَ جي خواب کي،
مان ايندڙ نسل لاءِ سانڊي رکان ٿو،
مونکي عزت نفس جي تحفظ جو يقين گهرجي،
جيڪو روز شام جو،
تار تار گريبان گهر موٽي ٿو،
تون هڪ ڏِڳهي ساهه جيتري وقت ۾،
مِنهنجا سيئي مطالبا پڙهي سگهين ٿو،
ڇو تہ اڄ، سنڌ ۾ ڪُتا خاموش آهن،
۽ بندوقون ٻونڪن ٿيون!
نرم و گداز ڪنهن لمس جهڙي،
ويئي اجڙي سِينڌ سنڌوءَ جي!
زندگيون رسوا سَرِ بازار آهن،
انصاف جون ديويون، ويون ڪهڙي پار آهن؟
ڪٽي آهي اها ڪتابن واري سنڌ؟
معصوم ٻارن جي خوابن واري سنڌ!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رابيل

گُڏين سان راندیون رچائيندڙ،
ہار مري وڃن ٿا،
گُڏيون ناهن مَري سگهنديون!
مڪڙيون ناهن مري سگهنديون!
ہار مري وڃن ٿا،
روز سوين، هزار مري وڃن ٿا،
پر! سندن ڪيڏيل روز جون راندیون،
ناهن مري سگهنديون!
گُڏيون ناهن مري سگهنديون!
بهارن جي بي ثباتي، سمجهي ڪير سمجهي،
حياتي، هي مماتي سمجهي ڪير سمجهي،
ڪير سمجهي "معصوم" جي رابيل،(*) چو مري ٿي؟
جا مڪڙي ٽڙي هيل، چو مري ٿي؟
پَنن تي ناهيل تصويرون،
ناهن مَري سگهنديون،
خواب مرندا هوندا،
تعبيرون ناهن مري سگهنديون،
گُڏيون ناهن مري سگهنديون!
مُڪڙيون ناهن مري سگهنديون!!

❖

• پنهنجي دوست معصوم سانگهڙاڻي جي پياري نياڻي رابيل جي بي وقتاڻي موت تي لکيل نظم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابن جي ٽڪاوٽ جو نالو محنت آهي

صديون اڳ منهنجو پگهر سُڪي چُڪو،
پر اُجورو ايان نه مليو!
توڻي جو،
صحيفائن ۾ لکيل آهي،
"محنت ۾ عظمت آهي"
"پورهيت خُدا جو دوست آهي"
اِهو ڪٿي سچ به هجي،
پر مان ته بَس اهوئي ڄاڻان ٿو،
صديون اڳ مُنهنجو پگهر سُڪي چُڪو،
پَر اُجورو ايان نه مليو آهي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجبور عشق جي بيپرواهي

بس آخري پيرو،
مُون هُيو ڏنو،
يار کي ۽ پنهنجي دلدار کي.
اڳڙ جنهن جي مٿان هُئي رقصان چاندني،
اسان ٽي چيو جنهن کي جانان چاندني،
جنهن صنم جي مُک تي هُئي تحرير کا لکيل،
اسان جي نامرادين جي تقدير کا لکيل،
پنهنجي بي قدري مٿان شرمسار هُئي،
هي دِل پنهنجي، بي چئي بي قرار هُئي،
اسان کي حُڪم هُيو دربدري جو مگر،
قصو هِي تمام بي خبري جو مگر،
جنهن کي راند ٽي سمجهيو اسان جي سِکي،
تنهن عشق ۾ پاڻ کي هارايو اسان،
محفل مان نڪري آخري پيرو پوئتي،
هُيو جڏهن نهاريو اسان،
ڇُهيو ٽي پيرن کي اجنبي سَفر،
پئہ ٽڙياسين ڪرياسين چا لئہ مگر؟
هي ته پُراڻو مجيل دستور هُيو،
حُسن مغرور، عشق مجبور هُيو،
اسان مٿان اوهان جو غضب ٽيو،
ڪڏهن اسان کي نہ پر عجب ٽيو،
چا مشڪل چا آسان هيو،
دِل وٽ وڃوڙو ته مهمان هُيو!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرابلس

تُنهنجي وجود جي نحوست مان قُتي نڪتل نفرت،
طرابلس جي گهٽين کي اُجاڙي ڇُڪي.
رنگين نگاهن ۾ شعلا،
ڇرڪ جي رستن کان آيا ۽ ساڙي ڇُڪا،
جَوان اکين جا رنگين خواب!
صحرا جي سيني مان،
۽ هَر ماڻهو جي پسيني مان،
اُتي ٽي جيڪا به خوشبو توکي ڇرڪائي ٽي،
۽ تڙپائي ٽي.
۽ تڏهن تنهنجي وجود مان قتي نڪتل نفرت،
تن مهينن جي "حنا"(*) کي به ماري وڃي ٽي،
جنهن جي خوابن ۾ بس،
ماءُ جي کير جي،
سڳنڌ سمايل هُئي،
نگاهن ۾ هُيا جگنو جڳمڳ،
۽ سماعتن ۾ پوپٽن جي گفتگو سمايل هُئي،
اُن جي لهوءَ سان دُنيا روشن ٽيندي،
ڇاتي صحرا جي به گلشن ٽيندي!
انسانيت مٽان تنهنجا وار ڪيستائين،
شڪسته، رسوا، هي بهار ڪيستائين؟

❖

(*) ليبيا جي صدر ڪرنل قذافيءَ جي هنج ورتل ڏيءَ، جيڪا آمريڪي حملي جي نتيجي ۾ ماريو ويئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقرار جي گڏري ويل مؤسم

هُو ڪير هُيو؟ هُو اجنبي ڪير هُيو؟!
هُو، جو روز نگاهن جا پٺمانا جهلي،
سِر تي شوق جا شاميانا جهلي،
وَک وَک گهٽيءَ ۾ وساري پاڻ کي،
آڳرين تي روز ساري پاڻ کي،
دري مٽان اکيون رکي ويندو هو،
خودڪشيءَ جون ڏمڪيون رکي ويندو هو،
بي سبب پڪين ۾ بدنام ڪري ويو،
پاڙي جي ڇڪلين ۾ بدنام ڪري ويو.
هاڻي اگر آيو ته پڇندي مانس،
وڙهندي ۽ دڙڪا به ڏيندي مانس،
مون سان تنهنجو واسطو، ڇا سروڪار آهي؟
هي موه تنهنجو، بي سبب پيار آهي،
تو سان منهنجي محبت ناممڪن!
وصل توسان صحبت ناممڪن!
ها پر! ڪُجهه ڏينهن ڪان هو آيو ناهي،
هي مَن پنهنجو چو گهبرايو آهي؟
خدا هُن بي خبر ڏي خير ڪري،
گهٽي پنهنجي ڏي، ۽ هُن جي شهر ڏي خير ڪري!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواني ۽ جو نوحو

جَواني مهمان هُئي اسان جي،
حُسن اوهان جو ميزبان هُيو.
ساهن کي هُئي بي تربيتي،
۽ نند ۾ جاڳ جو گمان هيو.
پِلياسين ۽ تي ڳڻياسين وري وري،
احسان مٽان هر ٻيو احسان هُيو.
آڇيا اوهان. چا چا اسان کي،
هَر ويلو اويلو مهربان هُيو.
هِجر ۾ به هُيون خِلوتون حاصل،
وِصل ۾ به من پريشان هُيو.
خوشبو، رنگ، هي چاندني، هي گلاب،
اوهانجي فرصت جو سڀ سامان هُيو.
هِي انگ تُنهنجا سنگ ها جَڏ مڪئي جا،
مَن پنهنجو ته ٻار جو ايمان هُيو.
پاڻ تي مذهوشيءَ کي سهارا ڏنا،
ساڻي پريشان، گهٽو حيران هُيو.
سُونهن چون ٿا تنهنجي طلسم هُئي،
عشق چون ٿا مُنهنجو نادان هُيو.
هُئينءَ ڪلندي پلڪ پلڪ مون تي،
بَدن تنهنجو ريشمي ٽان هيو.
هي قصو اُنهيءَ وقت جو آهي،
اکيون پُرڪيف ۽ خواب جوان هُيو.
خدائيءَ سان رهياسين بندگيءَ جيان گڏ،
سُونهن ديا هُئي ۽ عشق ديارن هُيو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مؤسمِ گُل

مينهن سَدا چو مجبور ڪري ٿو؟
دِل پنهنجي اختيار ۾ نه رهي ٿي.
چو گلن جي مؤسم ۾ دُور سڪي!
چو گڏُهو بهار ۾ نه رَهي ٿي؟
چو رنگ ڪن ٿا بيچئين اسان کي،
ڪلي چو گلزار ۾ نه رهي ٿي؟
ٿيون سرِ شام وحشتون نچن،
گمان ڪنهن آثار ۾ نه رهي ٿي.
چو نه ڪَليو دريچو ڪنهن دِل جو،
چا ڪَالهه آهي جا پيار ۾ نه رهي ٿي؟
سا ڪٿي ٿي رهي هِن دنيا منجهه؟
جا ٻانهن جي حصار ۾ نه رهي ٿي.
پاڻ کي مارڻ لاءِ ڪافي آهي،
توٽي جو هُو سينگار ۾ نه رهي ٿي.
جا رهي ٿي خيالن ۾ سدائين،
سا پنهنجي اختيار ۾ نه رهي ٿي.
ان کي دِل ڪيئن ٿو چئجي "عزيز"،
بي سبب جا انتظار ۾ نه رهي ٿي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرواني جو جگر شمع نٽي ماپي سگهي

تُون مثلِ گُلاب، مٿان چاندني جو بستر،
هي دِل پنهنجي خوشبوءَ جيان دربدر،
ٽي وٺي اُڏارا، ڏارا ماڪ جا تو کان سحر،
هُيو گُلن سان جهنجهيل بدن تنهنجي جو پڏر،
مؤسمون سيئي تنهنجي در جون گدا گر،
پاڻ پنهنجا راندِيڪا تون هار ضدي خود سَر،
ويئي اوتي اسان ۾ نگاهه پنهنجي سمندر،
تون هئين محوِ خواب ۽ پاڻ هياسين محوِ سَفر،
مَن پنهنجو ڳوٺ ۽ تون شهر ڪوئي اجگر،
پاڻ ڪاڪ ڪڙول ۽ تون انچ انچ سنگهر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق پنهنجو سرمد ۽ دار تُنهنجو در،
سُنب سُونهن کي ڪميت جا ۽ عقاب جا پَر،
ڪِٽي هو لکيل اسان جو، پره جهڙو مقدر؟
پوئنر جو گُل مٽان ۽ منهنجو توتي گذر،
اسان به جي وجون ها تون چاهين ها اگر!
سُونهن شمع ٿي ماڻيا، عشق پرواني جا جگر،
تُون منهنجي ياد ۽ مان تُنهنجي ويسر!
ڪيل مان ڪهڙو، ۽ تون ڪهڙو بازيگر؟
اسان جي سيني جي گهرائي، ٿو ماپي هر خنجر،
سپ غلط هُيو يا سپ هُيو هِتي بهتر،
زمانو هُيو مولوي، عشق اسان جو ڪافر!
فاصلا تُنهنجي ره گُذر جا سيئي ٿيا معطر،
راز گهرائيءَ جا اکين کان، سڪيا ٿي ساگر،
جان وجائي وفا ۾، ٿياسين پاڻ جانبر،
پاڻ وٽ ڪهڙو وڪر، پاڻ ڪهڙا سوداگر!
چَپ تُنهنجا مئخانا، اکيون پنهنجون ساغر،
بارگاهِ حُسن ۾ سجدا، ڪڏهن ٿيا ڪارگر!
اسان کي حياتيءَ جا سيئي ڪاروهنوار ياد رهيا،
تُنهنجون مهربانيون ۽ پنهنجا پيار ياد رهيا.
ڪتاب پڙهيل وانگي ٽپي رکيسين حياتي پنهنجي،
زخم هيا گلاب ۽ گلستان ڇاتي پنهنجي!
تو نگاهُن کان ٿي ورتا ڪم سدائين تير جا،
ويا رکي پرم، قدم پنهنجا زنجير جا!
زندگي پنهنجي ويئي گذري خير ٿيو!
مان هُوس ۽ منهنجي دربدري خير ٿيو!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهار لاءِ ڇڏيل هڪ ڇني

هيل بهار کي ڇنڻ، ائين گُل ريزي نہ ڪري،
پنهنجي دِل جو حوصلو، وقت ٿيو جو ختم ٿيو!
جو اسان جو هو ڪالھ تائين، اڄ ٻين جو صنم ٿيو،
شھر پُڇي ٿو دِل مٽان، هي ڪنهنجو آخر ستم ٿيو؟
اکين ۾ جو تاب هُيو، هاڻي آبِ چشم ٿيو،
پاڻ کي هنجي شھر منجھان، نڪري وڃڻ جو حڪم ٿيو،
جو جَوان بدن ۾ جگر هُيو، اڄ سمورو زخم زخم ٿيو،
هي دِل جا معاملا هي دوستيون،
اسان کان نبيريون نہ ٿيون!!
هي مست موسمون، هي رُت جُڳا، هي چاندنيون،
ٿيڙ ڪائي ڪرندڙ اسان جون مڌھوشيون،
نگاھن کان نگاھن تائين ۽ جا فاصلا،
ساھن سان وڇڙندڙ سرگوشيون،
هِجر جي ايش تري ۾ وسائل وصال جون سُرخ ساعتون،
ڪھاڻين جھڙو عشق پنهنجو، ڪوتائن جھڙيون چوڪريون،
هاءِ زمانا! تُنهنجي ستم گري،
هُن جا خواب ۽ اسان جون اکيون!
هيل بهار کي ڇنڻ، دِل مٽان گل ريزي نہ ڪري،
پنهنجي دِل جو حوصلو، وقت ٿيو جو ختم ٿيو!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نگاهُن ۾ پيٽڪندڙ هجر جي رُسوائي

دِل کي ڇا نسبت اوهان سان،
دِل ته آهي بس سودائي پنهنجي،
ـ جنهن کي راس ڏُکن جي موسم!
وصل و هجر جي دائرن ۾،
ٽي پيٽڪندي رهي نگاهن ۾،
پري جنهن کان رهيا ٻانهن جا حصار،
اکڙين جي رستي بنجي لڙڪ سدا،
چاڪ گريبان مٽان وسندي رهي،
ها ڪالهه تائين جا دِل هُئي!
ٽي پڪين چوندي پلڪن مٽان،
خواهشن جو ٽي فصل پَـڪو،
اوهان جي گلابي ڳلن مٽان،
هُئي مَحو رقص رات پَر،
ٽي صُبح ڦٽو لبن مٽان،
چنڊ هيو راندیڪو پنهنجو،
چاندني ڪڙي ٽي بدن مٽان،
شوقِ آوارگي ۾ ٽي جهومي نَچي،
يار جي در تي، ٽي ڪري اُٽي،
سَر شام سيني مان نڪري،
اوهان جي قدمن ۾ ٽي اُلجهي وڃڙي،
ها تنهن دِل جو قصو تمام ٿيو!
هاڻي دِل کي ڇا نسبت اوهان سان!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوانيءَ جي تمنا ۾ زنده رهندڙ درد

اي رات ڪُجهه دير ايان باقي!
ايان درد جَوان اسان جو ٿيو ناهي،
شهر سرد ننڊ مان اٿيو ناهي،
ايان اکين ۾ هِي ڪيف ٿو تري ٻُڏي،
ايان آرزوئن جو سفينو تريو ناهي،
ايان خواب سَرِ دست صليبن تي ٽنگيل،
ايان عشق حُسن وٽ اڳهيو ناهي،
اسان ته هَٿ تي رکي ٿي گهميا سين،
سر مگر هي سکي تو گهريو ناهي،
ڦُڙي ڦُڙي ڪڏهن تِي ٽر کي پُسائي!
ملهار جيان محبوب وسيو ناهي،
شاعريءَ جان ٿي پئي لهي اسان متان،
غزل جيان مگر هُن کي لکيو ناهي،
کهڙي خواب ۾ هُو ناهي آئي؟
کهڙي دُعا ۾ هُن کي گهريو ناهي؟
رنگ هيا شرمنده شفق جا،
ڪهڪشان هُن کي ڇُهيو ناهي،
اسان جا وحشي ويراڳ تا جاڳن،
مَحَوِ خواب حُسن جاڳيو ناهي،
هي اونداهه ڇا لاءِ پئي وڌندي وڃي،
هُوءَ هلي ويئي يا چنڊ ڪڍيو ناهي؟
اي رات ڪُجهه دير ايان باقي!
ايان درد جوان اسان جو ٿيو ناهي!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلسطين

محمود درويش جي ديس جي ماڻهن جي جسمن ۾،
گوليون ڦٽي رهيون آهن!
عورتن جُون ٻُرمتون ۽ مردن جُون عظمتون،
اسرائيلي وحشي سپاهين جي لانگ بوٽن هيٺان،
زخمي ٿي ويون آهن!
خوابن جي ڪينواس ۾ ڪُلندڙ لبريز اکيون،
نشانا درست ڪرڻ واسطي تارگيٽ بنايون ويون آهن!
دنياءِ اسلام جا شيخ،
مصلحتن جا جبا پائي،
بزدليءَ جي مورچن ۾ وڃي لڪا آهن،
چهرا امن جي پڪين جا ڪارٽون ٿاهي،
ختم نه ٿيندڙ ڪِل ۾ ٻڏل آهن!
۽ تڏهن اسان خوابن ۾ محبوبائن کي ڏسڻ ڇڏي ڏنو آهي!!
هاڻي قدر ڇا تبديل ٿيندا!
جڏهن دُنيا تبديل ٿي چُڪي آهي،
ڪتاب جي اُها ست فلسطيني ٻارن کي،
ڪيتري نه سُٺي لڳي ٿي ته
"ڪنهن زماني ۾ امن کي، پنهنجو گهر هوندو هو،
۽ اُن گهر ۾ ماڻهو، رهندا هئا،
جَن کي پنهنجا خواب هُئا."!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گناھ جا سونھري کيت

اچو تہ منڪدي ھلئون،
اچو تہ مَئہ ڪشي ڪريون.
سِڄ آھي لٽو،
چنڊ آھي ڪڙيو،
در مسيت جا بند ڪري،
شيخ آھي سُتو،
منڪدو آھي ڪليو.
ٽڪرا وڪريل دِلين جا چونڊي ڪٽو،
غم ڪالھ جا سَڀ وساري ھلو،
سازشون شھر جون ٽيون نٽين سر جُڙن،
ڪاوا پي ٽا راھہ ۾ ڪنڊن جيان ڦٽن،
ھا پر خواب اکين ۾ ٽا آرس پيچن!
ارادا تقويٰ جا ڪنھن ڪيا ھا؟
واعدا پرھيزگاريءَ جا اسان کان وسرن!
اسان تہ اُتيئي، ھِي قدم ٽا وڌن،
شوقِ گناھ جا ڪيت ٽا سنھري پچن!
اچو تہ منڪدي ھلئون،
اچو تہ مئہ ڪشي ڪريون.
مئہ کي بنايون وسيلو حيات جو،
پٽرن سان سھي، دل لڳي ڪريون.
چپن کي بنايون ڪار چنڊ جي،
چمي کي گڏجي چاندني ڪريون.
مَئہ ڪشي ڪريون،
اچو تہ منڪدي ھلئون!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستي تي قتل ٿيل خوشبوُ

لطيف آباد جي رستن تي وهايل،
تُنهنجي لهوءَ جي لالاڻ،
شفق جي مُک تي،
هِڪ تحرير لکي آ، جا مون پڙهي آ.
لکنوءَ جي وحشت ۽ دکني دهشت،
احساسن جي چادر ڦاڙي چهاڙي،
وحشي ناچ نچي ٿي ۽ اسان ڏي وڏي ٿي!
مُنهنجا هَم وطنؤ!
هڪڙي ٻئي بي رحم قتل کان اڳ ۾،
پنهنجن عزتن جي جسمن مٿان،
غيرت جُون زرهون چاڙهي چَڏجو،
۽ اجوکي رات نه سُمهجو!
سانجهيءَ کي ڪريو نه چادر،
کا پي پريات نه سُمهجو.
جو لکنو جي وحشت،
۽ دکني دهشت،
وحشي ناچ نچي ٿي،
۽ اسان ڏي وڏي ٿي!

❖

• ڪهاڻيڪار آفتاب نظاماڻي، جي ياد ۾ لکيل نظم، جنهن کي نسلي فسادن دوران لطيف آباد ۾ شهيد ڪيو ويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتِ جاودان لاءِ وڙهيل بيڪار جنگ

تو مينديءَ جا وڻ ڪپرائي ڇڏيا،
خوشبوءَ کي سزاءِ موت ڏني،
مسڪراهٽ کي عُمر قيد ٻُڌائي.
خوابن مٿان ويهاريون،
چاڪ و چؤبند چؤڪيون،
جَواني‌ءَ تي وڏي بندش،
ڪالعدم ڪيو تو بهار کي،
ءِ نشاني تي گلاب رکيا،
دار جي هُن پار شراب رکيا!!
پيش ڪيون تو فتوائون، فساد،
قتل کي چيو تو جهاد،
محبتن کي ڪيو تو ٽي تصور،
بدعتون ءِ قاتل زهر،
رقص تو اڳيان ڏوهه سنگين هُيو،
قوم سان ڪيو تو ٻوهه سنگين هُيو،
مؤسمون هُيون قانونن جي حوالي،
عزتون سيئي احڪامن جي حوالي،
بقا ڪنهن کي هُئي جو توکي ملي ها!
ڪاروبار حيات ائين ڪيئن هلي ها؟
مجاهد، مردِ مؤمن، امراءِ به ناهن،
تون به ناهين ءِ تُنهنجا رفقاء به ناهن!
فنا جي لفافي ۾ بند ٽي وئين تون،
تاريخ جو ڪچرو ءِ گند ٽي وئين تون!!

❖

● جنرل ضياء الحق جي موت تي لکيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري ٿي ويل هِڪ چوڪري

مُون جَواني ۽ کي خواب ۾ توکي تعبير جو نالو ڏنو،
خواب پوپٽن سان گڏ هِجر جي باغ ۾ وڃائجي ويا،
توکي مون سان گڏ رهڻ لاءِ تنهائي ٽيٽر پيو،
مُون تُنهنجن چپن متان حفاظت جو اسٽيڪر لاهي،
چُميءَ کي رات ۾ پاڪر کي گهر ناهيو،
۽ مؤسمن کي وٽن سان ٻَڌي ڇڏيو.
مون زندگيءَ کي دِل ۾ دِل کي درد لکيو.
۽ انڪار جي معنيٰ سمجهڻ لاءِ توکان باهه گُهري ۽ تو انتظار ڏنو!
مان اُنهيءَ خوشبوءَ کي نٽو سيجاڻان،
جيڪا تُنهنجي بدن جي ناهي.
تو مُنهنجي اصرار کي انڪار جي ڪڏ ۾ ڏکو ڏنو،
۽ مونکي قسم جي زنجير سان ٻڌي ڇڏيو!
لُڙڪن کي شاعري بنائڻ لاءِ وصل جي موسم گُهرجي،
۽ هڪ موسم ناهڻ لاءِ مون آگَرين جي انڊلڪ ۾،
تُنهنجو ڇُهاءُ ويڑهي ڇڏيو!
هِجر جي خوف ۾ تُنهنجي جواني هرٽي بنجي ويئي،
۽ صحرا چيتو بنجي توکي پڪڑڻ لڳو!
تڏهن مون پيار کي فاصلو،
۽ توکي ڏند ڪٽا جو نالو ڏنو!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي گذارڻ جو هِڪ نئون سبق

ڪُلن جو اڳهه نه پُڇجي،
جو به هُجي، ڏيئي ڇڏجي!
انتظار جي حد تائين انتظار ڪجي،
سامان محبت کي جَواني تائين رکجي،
رُئڻ جا سمورا گمان ۽ ڪلڻ جا سامان،
ياد جي هندوري جا دلفريب احساس،
وصالِ يار جا سمورا امڪان،
مؤسمن جُون بي سبب مهربانيون،
خوفِ هجر جا سمورا گُمان،
نظارن جُون پُڪارون،
رستو پُلجي ويل ڪونجن جي آڏار جو ٽڪ،
صدين جي هِڪ طرفي پيار جو ٽڪ،
آيو جَڏهن لهي اسان جي لاچار اکين ۾،
تڏهن سوچيوسين ته هِڪ ٻئي طريقي سان زنده رهجي!
مؤت کي نالو زندگي ڏجي،
۽ وقت کي چئجي صنم بي حاصل،
دِل کي چئجي ڪشڪولِ گداگر،
نيٺ سيئي شيشا ۽ نگاهون پٿر،
رشتا زنجيرون، محبتون بي ثمر،
اهم ڪُجهه به ضروري نه هُجي،
دِل کا مجبوري نه هُجي،
هِڪ ٻئي طريقي سان زنده رهجي،
۽ مؤت جڏهن به دير ڪري،
پاڻ ئي هُن وٽ هليو وڃجي!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُحبت جي سزا زندگي آهي

شهيدن جي قتل جا ڪيس،
تاريخ جي ڪفن ۾ سنهي سوئيءَ سان سبيل آهن!
سندن لهو، قومن جي مرده قافلن جي هٿن ۾ موجود
ڏيئن جو تيل بنجي ويو،
جن پنهنجن خوابن کي پڪين جيان پاليو،
پنيورين جي تمنا ۾ ڏوڙندڙ هارن وانگي،
هُو آزاديءَ جي تمنا ۾ گهر ڇڏجي ويا،
تلاش منزل ۾ سَفر ڇڏجي ويا،
هارن جَهڙي معصوم محبت ۾ مبتلا،
سندن نداڪڙا قافلا،
دار جي شوق ۾ ٽي وڏندا رهيا،
جن جي پيرن تي رکي پير،
ٽي ڳولي سُورج راهِ سحر،
اُنهن شهيدن جي مؤت جا مرثيا،
هِتي ڏکڻ جي هير ٽي لکيا،
مؤسمون سندن داستان هُيون،
ڪليون سندن بنيون چُميون،
شامون هُيون هَڪاءِ سندن
ءِ رهه گذر هُيون راتيون،
ها تن شهيدن جو ڇا ٿيو،
سندن خوابن جو ڇا ٿيو؟!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نامهربان نگاهن ۾ ٻُڏي ويل زندگي

جسم هي سَرد ۽ اکيون بند،
چرکي ٿو روح هر بي خبر آهت تي،
ڪمري ۾ پيل هڪ اُداس ڪت تي،
ائين پيل منهنجو وجود آهي،
خدا اڳيان انسانيت،
جَڻ سَربَسُجود آهي.
لڳي ٿو جڻ صدين جو ٽڪ لاهڻ لاءِ،
پاڻ مٽان بيوفائين جو شڪ لاهڻ لاءِ،
اڃان هاڻي ئي سُتو آهيان،
ڪنهن ٻار وانگي بي سَبب رُنو آهيان،
بَهارن سان پنهنجون دوستيون،
خوابن سان جهيڙيندڙ پنهنجون ناراضگيون،
شب و روز جون بي ڪار مُسافتون،
رقيبن جون رعايتون ۽ دوستن جون تهمتون،
ڪانون جُون مورن مٽان تنقيدون،
دستور سيبيئي زبان بنديءَ جا،
۽ ايذاءُ هِن دِل دردونديءَ جا،
اسان کي ڪيئن سڀ گوارہ هُيا،
پنهنجي سفر جا چا تہ نظارا هُيا!
زندگي دُور، گهٽي مجبور، موت قريب هُيو،
قانون تنهنجي عدالت جو عجيب هُيو،
ڪناري جي قريب اسان جي ڪَشتي ٻُڏي!
تُنهنجي نا مهربان نگاهُن ۾ زندگي ٻُڏي!!

❖

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هڪ جوابدار قبيلي ڏانهن تاريخ جو سمن

صدين جي وحشتن مان ڦٽي نڪتل،
هڪ اڻ ڏٺي سفاڪيءَ جھڙو،
هو ماڻھوءَ جي روپ ۾ ھو شڪرو،
يا ڪنھن پاڳل ڪتي جي اوناڙ ھُيو،
جنھن ٽي ڦٽائي ننڊ گلن جي،
پنھنجي ھر خطاب سان.
ھُئي دشمني جَنھن کي،
گُل سان، رنگ سان، ڪتاب سان.
ويو پوکي تعصب جو چريو ڏاتورو،
ءِ ماحول سَمورو ڪري ويو نفرتن جي حوالي،
ءِ پوري نسل کي ذلتن جي حوالي،
قتل کي حلال، حرام شراب ڪري ويو،
روشني کي رسوا، دربدر گلاب ڪري ويو،
پنھنجي رفيقن سان ٽي وحشي ناچ نچيو،
مُردار، بيڪار، لاشن سان ٽي وحشي ناچ نچيو،
مرد به ھُيو ءِ مؤمن به ھُيو ھُو،
خبيث راکاس، ڪوجِن به ھُيو ھُو،
جاڳ جھڙا ماڻھو خواب ڪري ويو،
عذاب ھُيو ءِ عذاب ڪري ويو!
ھُن ائين ڪالھ ذوالفقار(•) ماريو ھو،
حُسين کي جيئن يزيد مُردار ماريو ھو،
سندس قبيلي ڏي اسان جو ونھوار آھي،
سندس قبيلو ئي اسان جو جو ابدار آھي!!

❖

(•) شھيد ذوالفقار علي ڀٽو، جنھن جو جنرل ضياءُ الحق 1979ع ۾ ڪاهي ذريعي عدالتي قتل ڪرايو ھو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوالن کان پناھ ڳولیندڙ زندگي

هَر ماڻھو ٿو شھر جو مون کان پُڇي،
ڪٿي آھين اڃڪلھ ۽ ڇا ڪرين پيو؟
جيان ٿو ته چوي ٿو، ايان پيو جيئن ۽!
مران ٿو ته چوي ٿو ڪنھن لاءِ مَرين ٿو؟
چُپ آھيان ته پُڇي ٿو خاموشيءَ جو سبب،
پُڇي ٿو ائين تون ڪنھن لاءِ ڳرين ٿو؟
پُڇان ٿو، ڪيان ٿو ته چئي ٿو ديوانو،
سرِ بازار ائين تون ڪنھن لاءِ رُلين ٿو؟
لڳي ٿو شھر جو ھر ماڻھو ائين ئي،
مُنھجي ئي فڪر ۾ ٿو پريشان رھي،
پنھجي خبر نہ ڪنھن کي ڪائي،
مون لاءِ ئي ٿو بس حيران رَھي،
تو جا ڏَني زندگي اي خُدا!
مُنھنجي ھوندي بہ نہ مُنھنجي رَھي،
سوالن جوابن جي نظر ٿي ويئي،
بي سبب عذابن جي نظر ٿي وئي!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ناخوشگوار دُعا

گڏ مونسان، اگر نٽي رهڻ چاهي،
تہ پل نہ رهي هُو،
عذاب هِن غربت جا سهان تہ مان سَهان،
چو سَهي هُو؟
سُونهن جي رستن تي، اُتر جو واءُ گهلي،
سنگ پَچن، سَر نسري، هِير گهلي، لُڪ تري،
تاڪ وڄي، شام اچي، مور نچي، مينهن وسي،
بُوند پَوي، پاڻ بچي، ڪنڊن تي نہ پير پوي،
ڪڪر مٽس چانو ڪري،
هُو جتي به هُجي، خوش هُجي.
جڏهن به رنگ وَسن تہ وهنجي،
جَڏهن به برکا برسي تہ نچي،
جڏهن به بسنت اچي تہ ڪڙي،
جهومي، خوش هُجي، گُل ٽڻن تہ ٽڙي،
سُونهن تي مڙي، خوشبو جهڙي، هُو خوش هُجي
جتي به هُجي.
خواب، خيال ڪو ملال ناهي اسان کي،
تُنهنجي جوپن جو مليو ڪو مثال ناهي اسان کي،
ڪٽي تُو خواهشن جو بنجي اسير حُسن،
ڪڙي ڪڙي ويو جڪڙي زنجير حُسن!
تُنهنجي تمنا هُئي،
اسان جو ضد ڪٽي هو؟
سراپئہ درد هُياسين، ٻيو درد ڪٽي هو؟
پنهنجي گنهگاري جا سي تہ وسيلا هُئا،
ناراض نيڻ اوهانجا نشيلا هُئا.
پيار جو بار نٽي سهڻ چاهي تہ نہ سَهي هُو،
گڏ مون سان اگر نٽي رهڻ چاهي تہ پل نہ رهي هو!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوانيءَ جي اڏوري خواب مان جاڳيل حياتي

سڏ عدم جي اسان کي جو اُٿاريو،
جوانيءَ جي اڏوري خواب مان،
وجود هي وحشتن جي دلدل مان نڪتو،
مَست جوپن جي مٿ جَهڙو،
جام هٿن مان ڪري پيو!
دلبريون، تُنهنجون مسڪراهٽون،
بي نام اسان جون منزلون،
سفر، هم سَفر، تُنهنجي مزاج جهڙيون موسمون،
پيار جون پيرن ۾ سنگهرون،
تُنهنجا خط، بي رَبط، خواب، عذاب،
درد دِل ۾ مقتل، سَر راهه جتي، اجنبي ڪيئي ماريا ويا،
تڏهن وسري ويل سيئي ڳالهيون ياد آيون،
گلن جهڙيون سَپ چوڪريون ياد آيون!
حالتن جا سفاڪ درندا، اسان جي امنگن تي راتاها هڏندا رهيا،
منڪدن جي دروازن تي، جلاد عقيدن جا ويهاريا ويا،
جن جي تلوار سان نسل درنسل، ڪنڌ بهارن جا ڪپيا ويا،
لاش مؤسمن جا، دلين جي هُن پار جهُولندا رهيا،
دِل وارن جُون چُميون، قاهيءَ جي قُندن سان ٻڪجي ويون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خون جن جي سان، گھٽيون مقتل جون مھڪي اُٽيون،
اُنھن جي آدرشن جا حوالا ڪٽي، خواب اکين ۾، ھٿن ۾ مڌ جا پيالا ڪٽي،
ساھن ۾ ڪورن ڪتابن جي مھڪ سجائي،
يار ڪان، ديار ڪان موڪلائي،
فاختائُن جي زخمي پَرن مٿان لفظن جي مرھم رکڻ لاءِ،
درن تي تالا لڳائي، دربدر، سرَبَسر، بي نشان منزل جي ڳولا ۾ رُلياسين،
ھا پَر ڇاڪ گريبان مليو ۽ بس...!
دِل شڪسته ڪنوارين جون قطارون،
ينڪيل ڪونجن وانگي، بدن جي حصار ۾ رُلنديون رَھيون،
۽ جھار جي آڙ ۾ ڳوٺ جا جوانڙا، ڪنياڻين ۾ جوانيون پَري،
گُلابي اڳڻ مٿان اُڇليندا رھيا، پَر ڪوٽ ايان به اُسرندا رھيا!
آڪاش جي ھُن پار تائين، اسان جو سفر پَر نه ڪُٽو،
مگر قدم اسان جا وڌندا رھيا، دلدار تائين، ڪنھن ٻئي سنسار تائين.
ھِن صديءَ جي آخري لمحن ۾، لھوءَ اسان جي دلين جو،
بنديا ٻڌجي، اُداس صُبحن جي پيشانيءَ مٿان چمڪندو رَھيو،
پَر اڌ تتل دلين جو قافلو، پرينءَ جي پار ڏي وڌندو رھيو،
ننڍي لاڪئون جا دوست، چند لمحن لاءِ اڻ ڄاتل آدرش، ڪتابن ۾ بند ڪري،
ڳوٺ ۾ گُذاريل ڏينھن جوپن جا ياد ڪرڻ لڳا.
جن جي ياد جا رنگ، شھر جي شور بي انت ۾ ترندا رھيا، ٻُڌندا رھيا.
ڪنھن اڪيلي وڻ مٿان وينل، پکين جھڙيون، جتي جون چوڪريون،
سرنھن جي فصل جيان لڻجي ويون، جن جي جواني، مُڇن کي مکي وڏيرا ڳوٺ جا،
شھر جي آوارگيءَ جا ٽڦڙ سھندا رھيا...!
۽ ڪاريون ڪيل چوڪرين جي لاشن سان، سنڌو اجرو ٽيندو رھيو،
۽ اسان جيڪي مؤت کي معنيٰ ڏيڻ لاءِ، بي نشان منزل پويان نڪتا ھناسين،
تن کي ڏسي، ڏور ڏسائن ۾ چاندني تڙپي اُٽي، بند چپن ۾ چُمي تڙپي اُٽي.
تڏھن پھرين ملاقات ۾ ماري ويندڙ، سيني چوڪريون ياد آيون، وفائون ياد آيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرده راتين ۾، زنده خواهشون،
سُڏڪا سُڏڪا رئندیون رهیون،
۽ بي صبر، بي چٹن جوانیون،
برف جي هنجن ۾ سُمهاريون ويون،
پيار جن پي ڪيو، سنگسار ٿيندا رهيا،
جذبن متان وار ٿيندا رهيا،
اوهان جي ڇُهاءِ سان،
گهاءِ مهڪي اُٿيا، ساهه مهڪي اُٿيا،
چَپن تي پهتا ته شراب مهڪي اُٿيا،
تن جي چپن متان، اسان جو ڪو حق نه رهيو،
رهياسين سدا بس دلين جي حوالي،
مؤسمن جي، گُلن جي، ڪلين جي حوالي،
اوهانجي شهر جي پڪين جي حوالي،
جن ڏينهن ڏينهن ڇُڪي حياتي اسان جي،
۽ حياتيءَ ۾ جو اوچتو،
سَڏ عدم جي اسان کي اُتاريو،
جوانيءَ جي اڏوري خواب مان،
ته وسري ويل سَڀ ڇوڪريون ياد آيون،
جن جي بدن جا بند ڪتاب،
خوابن جهڙي ڇُهاءِ سان ٿي مُون ورق ورق اتلايا،
جن جي ڪورن ڪاغذن جي ڪنواري خوشبوءِ،
سانوڻ جي مينهن کي شرمايو روز ٿي،
اسان جي نينهن کي تڙپايو روز ٿي،
سَڏ عدم جي اسان کي جو اُتاريو،
جَوانيءَ جي اڏوري خواب مان!!

❖

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نامُرادين جي باهه ۾ سڙندڙ خواهشن جو صندل

دِل جا سيئي معاملا طئہ ٿي ويندا،
خواهشون، جي صندل جيان، نامُرادين جي ٿڏي باهه ۾ سڙي چُڪيون،
جذبا، جَن مٽان سَدا، عقل جا رَسا وِڌا ويا،
نگاهون، جَن تي اُڇلايون ويون، زنجيرون اخلاق جُون،
وڌا ويا رَچ احساسَن جي چولين مٽان ڏينهن ڏٺي،
راتيون اڪيليون، پهاڙن جي پنڌ جيان ڪُٽيون نہ ڪُٽيون،
زندگي وڃي بچي، گذارڻ لئہ ئي سَکي،
احساس جَواني جو ويو معنيٰ وڃائيندو،
آهستي آهستي، گُمان ۾، ڌيان ۾،
جي به هُيون تصويرون، ٽيندين رهيون ڏڏلين،
نقش يار جا، سنسار جا، سندءِ دوار جا،
وياسين پُلجي سيئي طريقا اظهار جا، پيار جا،
خزان پوکيو چهري مٽان، فصل نئون چانديءَ جو،
چَهرن جي شهرن ۾ ٽي ڳولیوسين پاڻ کي،
پنهنجن ئي گهرن ۾ ٽي ڳولیوسين پاڻ کي،
دِل پنهنجيءَ جا معاملا، ٻين ٽي نبيريا،
ڪڏهن سوچيو هو پاڻ ائين ٽي ويندا سين!
اسان فقط جيئڻ لاءِ ئي رهجي ويندا سين!
تڏهن به الاءِ چو؟ پاڻ کي لڳي ٿو،
اوهان جي پڪاريو ته فاصلا طئہ ٿي ويندا،
دِل جا سيئي معاملا طئہ ٿي ويندا!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهائيءَ کان خالي هِڪ سپني جو دُک

زندگي فقط مشڪل هُئي پنهنجي،
جنهن سامان آڇيا ٽي رُسوائيءَ جا،
چاندنيءَ ٽي جڏهن سڏ ڪيا اسان کي،
ٽي واسينگ وڇڙيا تنهائيءَ جا،
اُداس راتين جي اڪيلي دُک ۾،
ٽي ڏاڪاسين خواب سُهائيءَ جا،
اسان کان ڪٽي پٽ ڪنيا ٽيا،
بار تُنهنجي بيوفائيءَ جا،
وئي اسان کي ڦري اسان کان،
ڪهڙا ارمان دِل پَرائيءَ جا،
ڪنوٽيون ٽي ڪالهه رستو پُليون،
ڏسي جلوا تنهنجي انگڙائيءَ جا،
اوهان ٽي سمجهيا لڙڪ ۽ سڏڪا،
شوق پنهنجي واندڪائيءَ جا،
ويئي زيان ٽي حياتي پنهنجي،
قسم ڪٽندي سَدا سچائيءَ جا،
ڪليون هُيون امين تُنهنجي حجاب جُون،
پٽر هُيا شاهد تُنهنجي پڪائيءَ جا،
ٽي ڪاڏا ڪٽيا رقيبن سَدا،
عاشقن جي ڪمائيءَ جا،
ڪٽي ٽي سهي هي ڪمزور جان،
درڪا تُنهنجي جدائيءَ جا،
هُيا بَدن تُنهنجي ۾ سبق سوين،
ٽيا افشان راز خدائيءَ جا!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ذات سان جوڙيل هڪ لاتعلقيءَ جو رشتو

ائين حياتي ڪيئن گذرندي ٻُنهنجي،
زماني کان ڇا سرندي تُنهنجي!
بهار آئي ڇو اُداس هجين ٿو،
بس پنهنجي ئي آس پاس هُجين ٿو،
چهري تي ڇو سدا تُنهنجي لڪير غم جي،
ڇو نٿو رکين خبر ڪنهن موسم جي؟
ڪُجهه سالن کان ٿو رهين بلڪل اڪيلو تُون،
اڳي ته هُئين ذات پنهنجيءَ ۾ ميلو تُون،
ڇو تُنهنجي مُرڪ ۾ آهي ايڏو زهر پريل؟
خالي لڳي ٿو ڪيڏو نه هي گهر پَريل!
ٿو رهين ڏينهن سارو ڪمري ۾ بند،
هي ڪهڙين سوچن جي تون گهيري ۾ بند،
رنگ توکان ٿا پوپٽن جا وسرندا وڃن،
نالا پي دوستن جا ٿا وسرندا وڃن!
نه لهن خواب ٿا اکين جي ڪناري هاڻي،
زندگي توسواءِ ٿي گهاري هاڻي،
شيون تُنهنجون تڙي پڪڙجي ويون،
جي عُمر پَر هُيون تو سانڍي رکيون،
نه تو ڳوليون نه تو کي لڌيون،
تتليون يادن جون اُڏري ويون،
مڃون ٿا دنيا جي سفاڪي،
بي ثباتي، هي خشڪ بي رنگ و بي ثمر حياتي،
بي نيازي دنيا کان لاتعلقي تُنهنجي،
ڇا اُن ۾ به آهي لڪل کا دِل لڳي تُنهنجي،
ڪنهن دِل جي دريءَ مٿان رکي پاڻ کي،
ڇو وئين ڪٽڻ وري پُلجي پاڻ کي؟!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچو ته بهار کي مؤسمِ گُل لکون

پُلجي به تو وٽ نه اچبو هاڻ،
گهٽيءَ مان نه گذربو، پلي وجيو پاڻ!
نقش تُنهنجا ذهن قرهيءَ تان مٽائي ڇڏبا،
خيال تُنهنجا جي آيا ته لنوائي ڇڏبا،
گُل تي رقص نه ڪندو،
هِي مَن نه ڪندو ضد پنهنجو،
ڪو گيت، سنگيت، غزل نه ٻُڌبو،
خواب کي به سمجهبو زيان وقت جو،
عشق کي ڪبو تصور ڪاروبارِ حيات،
نه ذڪر توهان جو نه ڪائي بات،
زندگيءَ کي هاڻي آسان بنائبو،
ٽِي سگهيو ته هڪ مڪان بنائبو،
جَنهن ۾ رکبو نِت نئون سامان،
بنجي جنهن سان زندگي آسان،
سوچ ڪوبه ويچار نه ڪبو،
گهاڻي جو ڪاروبار نه ڪبو،
ها پر، مقتل کي ڪيئن گهر لکنداسين؟
ويراني کي چا شهر لکنداسين!
قيد کي ڪيئن آزادي،
ءِ پيچري کي ڪيئن پَر لکنداسين!
مؤسم گُل هوندي وري به بَهار،
رات کي ڪيئن سَحر لکنداسين!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ اعتبار جيڪو ايمان ۾ تبديل ٿي ويو

تُون سمجهين ٿو!
هاڻ نه ڪڏهن بهار ايندي،
هاڻ نه ڪڏهن ٽڙندا گُلاب،
آنچل نه ڪوئي حجاب رهندو،
سارنگي نه ڪوئي ڇڙندو رباب،
گونجندا نه هاڻ گيت سنگيت،
شوق نه رهندو ڪوئي شباب.
ها پر، اسان ڇاٽون ٿا!
پن ڇڏ هاڻ نه ايندي ڪڏهن،
هاڻ نه مُرجهائيا گلاب،
لالي رقص ڪندي رهندي،
بنجي گُلن جو حجاب،
گونجندا رهندا گيت سنگيت،
هاڻ نه وڇڙندا ڪڏهن ميت.
اسان ڇاٽون ٿا،
ها اسان ڇاٽون ٿا.
قصا نوان قربتن جا،
جُڙندا سبق محبتن جا،
خواهشن جا ڪوئنرا گلابي،
ڦٽندا سنگ شرابي
گلن جا اڻ کٽ قافلا، سَفر تُنهنجي شهر جا،
خوشبوءَ جي هندورن ۾،
ڪڙندا قول سويرن ۾،
اسان جا گُمان يقين ٿيندا،
عشق جي فنا تي ايمان ناهي اسان کي،
ڪلين جي پاڪيزگي قائم رهندي،
اسان هجون نه هجون زماني ۾،
اسان جي محبت، هي بندگي قائم رهندي!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سفر جي ڪٿا

ٻارن ۽ گُلن جي فرق سَمجهڻ لاءِ،
مُون بَهار ۽ پيار کي سَمجهڻ چاهيو،
جنهن لاءِ مون کي فرق ڳولڻو پيو دِل ۽ ڏاڪڻ جي وچ ۾،
۽ ان لاءِ ٽي ڏَسڻو پيو خزان ۽ خار جو فرق،
جنهن لاءِ هو ضروري سمجهڻ دِل ۽ دلدار کي،
الڳ ڪري نٿي سگهيس يار کي پيار کي،
بدن جي چَمن ۾ خواهش ڪاٿي هُئي ۽ موهه هو ڪِٿي؟
غم حيات هو ڪِٽ، ثواب ڪِٿي، ڏوهه ڪِٿي؟
فرق هو ڪهڙو منزل ۽ سفر ۾؟
پنڌ ۽ پيرن ۾، دِل ۽ گهر ۾،
ڪوئل جي ڪُوڪ هُئي ڪهڙي؟
۽ دِل جي هُوڪ هُئي ڪهڙي؟
ڪهڙو هو فرق اسان جي يار ۽ هِن سنسار ۾؟
تُنهنجي نيٽن جو ننگر ڪهڙو هُيو؟
اسان نہ ڄاتو تہ سمندر ڪهڙو هُيو!
مَڏُ ڪهڙو، مڌهوشي ڪهڙي هُئي؟
دار ڪهڙي، سَر فروشي ڪهڙي هُئي؟
ڪلين جو حجاب هُيو يا تُنهنجو شباب،
چُپ ڪهڙا هُيا ۽ ڪهڙو هيو شراب!
اسان نہ سمجهي سگهياسين!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب ۾ ساڃيان جي فرق واري هڪ پريشاني

هڪ گيت کان، ٻئي گيت لکڻ تائين واري عرصي ۾ محبت ٿي وڃي ٿي،
يا ملڻ کان وڇڙي وڃڻ واري عرصي ۾ گيت لکجي وڃي ٿو.
محبت ۾ نفرت ۾ اُڇارن جو فرق آهي يا اُنهن ماڻهن ۾ کو فرق آهي،
جيڪي اِهي لفظ اُڇارين ٿا.
ماڻهو اُنهيءَ ۾ رهي ٿو، جَنهن سان پيار ڪري ٿو يا اُهو منجهس رهي ٿو،
جَنهن ۾ پاڻ کي محسوس ڪري ٿو.
ياد جا گُل ويسر جي ٻوٽي مان ڦٽن ٿا يا ويسر يادن جي ڪيت مان اُسري ٿِي،
حساب جي واڻ، ٻنهي سِرن کان شروع ٿئي ٿي،
پيار جي نصاب ۾
انتهائون ۽ ابتدائون ڪڏهن به طئ ٿي ناهن سگهيون!
ٿهڪ ۽ سڏڪا، ڳلي جي هِڪ ئي تار مان نڪرن ٿا.
مُنهنجي اِها پريشاني، هاڻي مون کي تنگ نه ٿي ڪري ته مُنهنجي زندگيءَ ۾،
خواب ڪهڙا هُٿا، ۽ ساڃيائون ڪهڙيون آهن؟
ڪهڙو ڏک هُيو ۽ خوشي ڪهڙي آهي،
تو ۾ ۽ مُون ۾ هو فرق ڪهڙو،
مؤت ڪهڙو ۽ زندگي ڪهڙي آهي؟
هُئي ڪهڙي تنهنجي مهرَ وفا ۽ ڪهڙي سنگدلي آهي؟
ڪهڙو هُيو رنگ رُخ يار جو، ڪهڪشان ڪهڙي، ڪهڙي چاندني آهي؟
هي ڪهڙو فرق هُيو، اسان نه ڄاتو،
دشت ڪهڙو، محفل ڪهڙي آهي؟!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيوفائيءَ جو ياد ڪيل نصاب

رستن تي پَن ڇڙ،
اڄ رقص ڪري ٿي پئي،
اڄ وري ڇو رستا ڪائڻ ٿا پيا اچن مُون کي!
ڇو هي مَن وري بي سَبب ياد ڪري ٿو ڪنهنکي؟
ڇو تصوير ۾ اُداس تنگيل ديوار تي؟
هي تنهائي آهي يا ايان ۾ ڪنهن ٻي وحشت جو اجنبي نالو!
جنهن جي معنيٰ سمجهڻ لاءِ، ڪنهن ڪتاب وانگي،
وُجود هِن سموريَ کي اُٿلائڻو ٿو پوي،
تو کي پُلائڻ لاءِ پاڻ کي ۾ پُلائڻو ٿو پوي،
هِي جان، جيڪا پنهنجي وس ۾ ناهي،
تنهن متان تي تون ڪُلين ڪنهن راز جيان،
ءِ پئي ٿِئي پنهنجي زندگي مشڪل، هي دِل لڳي مُشڪل،
ايڏي ڏُکيائي ڪتان سِکي آهين!
هي بيوفائي ڪتان سِکي آهين!
ادائون تُنهنجون ائين قاتل ته نه هُيون،
ڪوششون اسان جُون لاحاصل ته نه هيون،
هِي چَمن ۾ خزان جو وحشي رقص،
ڪِتي ٽيندي پُجاڻي پيار پَنهنجي جي،
هُني ڪنهنجي هٿ ۾ واڳ، سنسار پنهنجي جي،
اسان کي تُنهنجي مهرباني ڪپي ٿي،
بيوفائي سَهي، ڪُجهه آساني ڪپي ٿي!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاف جي ڳولا ۾ نڪتل هڪ ايف. آءِ. آر

اي خُدا!
مُنهنجي ديس جي هارڙن جا چَپ،
سُڪي چوڏاڙ ٿي چُڪا،
چا تو نه ڏٺا؟
ته انهن جا خالي چَڪ،
سندن مائرن جي ٽٽل ڪي زخمي پيا ڪن!
سندن جسم ۾،
ايترو رَت به ناهي رهيو،
جيترو ڪنهن گاڏيءَ ۾ پٽرول!
اسان جي ديس ۾ ماڪوڙن جو انگ وڌي چُڪو،
چا تو ڪي پسند آهي، فقط ماڪوڙن جو خُدا ٿي رهڻ؟
چا تون ٻُڌائي سگهندين!
ته بُک وگهي مري ويل هارڙن جي موت جي ايف. آءِ. آر
ڪنهن جي مٿان ڪترائجي؟!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اظهار

گُل!
جيڪو منهنجي ڪوٽ جي ڪالر ۾ لڳل آهي،
چا تو ڪي ايترو وڻي ٿو؟
جيترو مونکي وڻي ٿو،
گُل،
جيڪو تُنهنجن وارن ۾ پوتل آهي!!
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امڙ جي جھولي ۾ وساريل ننڊ

هِن شهر جا ٻار پڇن ٿا،
پوپٽ ڪاٽي آهن؟
رنگ، روشني،
گيت، سنگيت،
راندیڪا ڪاٽي آهن؟
رنگ برنگي پکي،
پکين جا آکيرا،
آکيرن ۾ پَرَ،
پَرن جا پيرا،
پوئنرا،
پوئنرن جا پيرا،
گلاب، ڪلين جو حجاب،
باغ ڪاٽي آهن؟
امڙ جي جھولي،
جھولي ۾ ننڊ،
ننڊ ۾ لولي،
لولي جي ٻولي،
ڪوئل جي ڪُوڪ،
ڪا آکاٽي، چاهي پُراٽي
آکاٽيءَ جو شهزادو،
ءِ ڪا شهزادي،
ڪاٽي آهي؟
شهزاديءَ جو پيجرو،
پيجري ۾ طوطو،
طوطي جي آزادي ڪاٽي آهي؟!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ رشتي جي نئين تشريح

چنڊ جھڙي تون نہ حَسين،
تون نہ گُلن جيان نازڪ،
زلف نہ تنھنجا گھٽائون،
تون نہ ڪنھن شاعر جي ڪوتا،
اکيون تُنھنجون ڪينجھر ناھن،
چيلھہ نہ تُنھنجي چھبڪ جھڙي،
پير نہ تنھنجا پَدم جھڙا،
پگھر نہ تُنھنجو عطر مِٹي،
نيٹ نہ تُنھنجا مٹخانا،
جام نہ تُنھنجو جلوو آھي،
رنگ نہ تنھنجو چانڊوڪي،
رُوپ نہ تُنھنجوانڊلڪ ريکا،
شمع ناھين تون ڪا سائنٹ،
ناھن تُنھنجا ڪي پروانا،
پوءِ ٻي توسان منھنجو ناتو ڇو؟
مان سوچيان ٿو!
مان ھاري،
تون ھارياڻي،
منھنجي ھٿ ۾ پاڃاري،
تنھنجي ھٿ ۾ ڏاتو آھي،
سوئي تہ پنھنجو ناتو آھي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار حقيقت کان به خوبصورت ٿئي ٿو

ڪاڪ ڪان لڳي ٿو ڪُجھ ٿيڻ وارو آھي،
ڪاڪ ڪان يار، تُنھنجي پار جي ھوا لڳي ناھي.
ھي جان، جنھن مٿان دعويٰ پنھنجي ٿھي ناھي،
اُن مٿان اوھان جي نظرِ ڪرم پئي ناھي،
اسان کي سکي تو نہ ويڙھي رکيو،
خوابن جَھڙي بَدن مٿان،
اسان جو بَدن ٿي لرزيو دُور،
ٿي ڪِلياسين پنھنجن پاڻ مٿان،
ءِ ھاڻ جو مُند گُلن جي آئي،
تڏھن اسان کي اي بيدردي،
نہ ڪپي گُلن جي ورکا،
نہ ڪپي ڪوئل جي ھمدردي،
ڪلين جي گفتگو ۾ ذڪر پنھنجو،
ھوائن جي جھوليءَ ۾ گھر پنھنجو،
ٿو وِسامي آھستي آھستي،
پنھنجي نگاھن ۾ شھر تُنھنجو،
ءِ وڃي ٽٽندو اندر پنھنجو،
ءِ ھي جا اوھانجي مھرباني آھي،
سا تہ مؤت جي ڪارستاني آھي!
ھا پر لڳي ٿو ڪجھ ٿيڻ وارو آھي،
ڪاڪ ڪان يار، تُنھنجي پار جي ھَوا لڳي ناھي!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيوفائي مؤت جو پيغام آهي

ڪيئن مَرندس مان؟
ڪُجهه به چَئي نٿو سگهان!
ڪا بيماري، سخت ڏاڍي،
جان ۾ بسيرو ڪندي،
ءِ ساهه جي تار کي ويندي اُکاڙي،
يار جي سار کي ويندي اُکاڙي،
يا ڪا اجنبي گولي،
پيچو ڪندي ءِ ماري ويندي،
ڪجهه به چئي نٿو سگهان!
زندگي جي بي ثباتي،
مؤت جي بي يقيني،
ٽِي بنائي سنسار کي پُراسرار گهٽو،
يار کي پُراسرار گهٽو.
انڪار جي، اقرار جي،
پُرخار رستن تي،
اڄ جو حياتي هي سَراپئه زخم آهي،
شهر جاڻي ٿو سمورو،
هِي ته اوهان جو ستم آهي.
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي حاصل ڪندڙ هڪ نظم

مُنهنجي ڪمزور ہانهن ۾،
هٿ ڪڑيون وڌيڪ مضبوط ٿي ويون،
پاڻ سپاهيءَ جو،
مُنهنجي بدن مٿان چهبڪ ٿي لڳو.
ڏکيون پنڌيون زندان جون،
مونکي ڏسي چرکي اٿيون،
۽ عملو جيل جو، ڪيڏو نہ ڏنو هو،
چو ته سچ سگهارو هو!
جنهن سچ لاءِ ٿي زندگيون گهوريون،
اسان جي ساڻين ٿي جوانيون گهوريون،
انهن جي خوابن جا تجريدي سلسلا،
شڪسته ڇڻ شامن جا قافلا،
تن جي منزل نہ ڪو گهر رهيو،
پنڌ رهيو مگر نہ سفر رهيو.
انهن ئي ڏينهن جي ڪهاڻي آهي،
جڏهن خواب ڏسڻ اسان جو ڪاروبار هُيو،
اکين ۾ هُئي جوت جگنوءَ جي،
۽ فرصت جو نالو پيار هيو.
اُهي ڏينهن ماضيءَ جي نالي ٿيا،
اسان جو ٿياسين تہ خير آهي،
خواب بہ مقتل جي حوالي ٿيا!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابن جي صُورتخطي

مُون پوپٽ جي پَرن متان جيڪي خواب چٽيا هٿا،
سي بندوق جي نالي ۾ قيد آهن!
مُنهنجا گهاءُ،
چانڊوڪي جيان چَمڪن ٿا.
تُنهنجي شروع ڪيل غير اعلانيہ جنگ ۾ مارجي ويل،
منهنجي ساٿين جي لهوءَ جو هر قطرو،
ايڪيهين صديءَ جي نرڙ تي،
بنديا بڻجي چَمڪي ٿو.
ءِ اسان جو هر دُک،
هڪ نئين بهار کي،
پليڪار چَئي ٿو.
انڌيارن جي درياهه مان هلي آيل اجنبي ملاح،
مُنهنجي شهر ۾ شڪار کيڏڻ ٿا،
هي نفرت ڪٿان هجرت ڪري آئي؟
مان ڪُجهه نٿو ڄاڻان،
اسان پنهنجا يادداشت ناما،
شهر جي سيني ديوارن متان هنيا،
جن جي وڃائجي ويل ڪنن جي ڳولا ۾،
شهر جا پاڳل ڪُتا،
اڪيون وڃائي،
پاڻ منجهه مسلسل وڙهي رهيا آهن!
ءِ مان ڄاڻان ٿو،
زندگين جا قرض مؤسمون ناهن ادا ڪنديون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنميرا جي اک ۾ رهجي ويل سنڌ

اڄ منهنجي ڪنميرا ۾،
سنڌ جي تصوير،
فوڪس نٿي ٿئي!
مان حيران آهيان ته سنڌ جا ڪهڙا نقش فوڪس ڪريان،
سنڌ جي تصوير ڏسندڙ،
جڏهن مون کان پڇندا ته،
"تنهنجي ڪيمل هن تصوير ۾،
صدين کان وهندڙ درياهه ڪاڻي آهي؟
سنڌ جو ويساهه ڪاڻي آهي."
تڏهن مان کين ڪهڙو جواب ڏيندس!
اڄ منهنجي ڪنميرا ۾،
سنڌ جي تصوير،
فوڪس نٿي ٿئي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ ڳالھين جي خبر دلين کي ناھي ھوندي

انتظار جي لڪير ڪڏھن بہ ختم ناھي ٿيندي،
ان جا ٻيئي ڇيڙا ختم ٿيڻ بجاءِ،
صدين جي اوسيئڙي ۾ تحليل ٿي ويندا آھن!
ھار ڪڏھن بہ پاڻ مٿان ڪِلندڙ اکرن سان،
دوستي ناھن رکندا،
سندن اکين کي،
ڪلاس ۾ لڳل بليڪ بورڊ،
۽ ان جي اڳيان بينل استاد،
جي بدارن،
انھن پوپٽن جا رنگ وڏيڪ سٺا لڳندا آھن،
جن کي پکڙڻ جي شوق ۾،
ھو پاڻ پوپٽن ۾ تبديل ٿي ويندا آھن!
۽ ائين ڇو ٿو ٿئي؟
ڪا خبر ناھي،
ڇو تہ ڪجھ ڳالھين جي خبر،
دلين کي ناھي ھوندي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دِل جي نوڪري ڪندڙ هڪ ملازم جو غم

اڄ به آفيس ويندي دير ٿي ويئي،
اڄ به منهنجي آهي غير حاضري لڳي!
اڄ به بٽڻ شرٽ جو ڪنهن نه ٽانڪيو،
تڙ تڪڙ ۾ وسري ويو ناشتو،
بوٽ پائيندي ڪهي ويئي ٽٽي،
ڪوپ چانهن جو به هٿ مان ڪري پيو،
ڳولي گهٽي پرپين به نه لڌي،
ڪالهه به مون ڪان ويئي هئي وسري،
گهڙيال به رات ڪان هو بيهي رهيو،
وقت جو ڪو پي پتو نه پيو،
سگريٽ ڪٽي الاءِ رکيا مون،
نه لڌا توڙي جو گهٽا ڳوليا مون،
تصوير لڳل ديوار مٽان تنهنجي،
مون کي ڏسي مرڪندي رهي!
ائين وساري گهر ۾ اڄ پاڻ کي،
ٻاهر نڪتس ته بس به ويئي نڪري،
اڄ به آفيس ويندي دير ٿي ويئي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خُودڪشيءَ جا خواب وساري ويٺل هڪ درياهه جي رسوائي

هان منهنجي خواهشن جو پوسٽ مارٽم نه ڪريو،
ڇو ته اُهي دل جي تابوت ۾ دفن تي چڪيون آهن.
جنهن درياهه کان، سمنڊ ۾ ٻڏي،
خودڪشي ڪرڻ جا خواب وسري ويا هجن،
ان ۾ سهڻيءَ جو عشق ڪيئن ٿو تري سگهي!؟
اکيون بند ڪري، مان هن جي احساس کي،
لُڙڪن سان ڇهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.
پر هن جي وصال جا آڪاس،
منهنجي نصيب جي نگاهه کان گهٽو اوجهل آهن.
پنهنجين ڇاهتن جا جبل چڙهي چڙهي،
هاڻ مان ٽڪجي چڪو آهيان،
۽ ان وڻ هيٺان ويهڻ چاهيان ٿو،
جيڪو سسئي جي پير جي نشان مٽان ڦٽو آهي.!!
۽ اها نند ڪرڻ چاهيان ٿو،
جنهن جي خاموش ساعتن مان،
خواهن جا گونج ڦٽي نڪرندا آهن،
۽ جن جي مهڪ سان،
درويشن جا سجدا وُضوءَ ڪندا آهن.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شناختي کارڊ جو نمبر ڪير ياد رکي

مان اهو ئي ته آهيان،
جنهن جون خواهشون شعر ٿي ويندیون آهن.
۽ جيڪو بهارن جي جواني ۽ جا قصا،
ڪتابن جي ورقن ۾ قيد گلن جي پتين کان پُڇندو آهي.
۽ شناختي کارڊ جو نمبر ياد ڪرڻ کان،
بهتر سمجهندو آهي ته لُڙڪن کان ،
خوابن جون ڪهاڻيون ٻڌي،
چو ته ٽُٽل دلين جو پڙاڏو،
اکين جي اداسي ۽ ۾ گهٽو وقت قيد ناهي رهي سگهندو،
۽ ڪلن تان ڪڙي پوندو آهي.
ها! مان اهو ئي ته آهيان،
جيڪو ڪتاب اڌ ۾ ڇڏي ڏيندو آهي،
۽ سگريٽ پوروڇڪيندو آهي،
جنهن جي ٻاروتڻ ۽ جواني جي وچ ۾،
هڪ خواب جو مفاصلو آهي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسيل ماچيس سان آزاديءَ جي آڳ نٿي ٻاري سگھجي!

سنڌ جي وجود مٿان،
زخمن جا گلاب ٽڙي چڪا آھن،
ءِ اسان جي وطن جا مسيحا،
دوائن جا دڪان بند ڪري،
ماڻھن کي دعائن جا سليقا سيکاري رھيا آھن!
سنڌوءَ جي لھرن کي،
اسان جي نئين نسل،
واريءَ جي ذرڙن ۾ تبديل ٿيندي ڏٺو آھي،
جن ۾ سھڻيءَ جو گھڙو،
ٺڪر ٺڪر رسوا ٿي رھيو آھي
ءِ تڏھن مان سوچيان ٿو،
اسان جي قوم پرست سياست،
ڇا ھاڻي پسيل ماچيس وانگر بنجي وئي آھي،
جنھن جي ڪا به تيلي ٻري نه ٿي سگھي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذوالفقار علي پٽو

منصور حلاج،
ڪنڌ ورائي هن کي ڏئو،
ءِ سرمد کان پڇيو!
هي ڪير آهي؟
ءِ ڪٽان آيو آهي ڪهي!
هن جو نالو ڇاهي، شجرو ڇاهي؟
ءِ ڪهڙو هن جوسنسار آهي؟
سرمد ڏسي، هن کي چيو،
هي ذوالفقار آهي!
سنڌ هن جو ديار آهي،
ڏور دهليءَ کان گهٽو،
سِنڌ ملڪ جو هي پٽو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويس دارا جو وٽي،
پنڌ پُڇي سقراط جو،
ڪهي اسان وٽ آهي آيو!
منصور پڇيو،
هن سان ٿيو ڇا هي؟
ڳچي هن جيءَ تي،
نشان ڦاهيءَ جو،
ڪنهن ڇڏيو؟
دارا ڇيو،
ضياء جي جُبي منجهه ڇُپي،
هن کي به اورنگ زيب مارايو آهي،
ءِ ڦاهيءَ تي لٽڪايو آهي،
دُور وينل شاهه عنايت،
ڏسي بلاول کي مرڪي ٿو،
ءِ هوشو هٿ هوا ۾ ڪٽي،
نعرو زور سان لڳائي ٿو،
ءِ ٻاڪر پُٽي کي پائي ٿو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وايون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مؤسمن وانگي دليون،
اکثر بدلجن ٿيون.
کھڙا رستا هيا، کھڙا هُيا، پيرا،
کھڙا سفر هُيا، کھڙيون منزلون،
اکثر بدلجن ٿيون.
هيءَ جا آهي اوهان جي درد شناسي،
پُلجي ويون درڪ، کيئي دليون،
اکثر بدلجن ٿيون.
اسان ساڳيا ءِ خواهشون ساڳيون،
اوهان جون نگاهون، هِي مهربانيون،
اکثر بدلجن ٿيون.
اسان ٿي پنهنجا ئي پنڌ پُڇايا،
عشق جا معاملا، هي محبتون،
اکثر بدلجن ٿيون.
اسان وٽ اُهائي، خشڪ زرد حياتي،
اوهان وٽ محبت جون معنائون،
اکثر بدلجن ٿيون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُل تو نہ پَتيا،
مُند گذري ويئي!
چپن جي چانڊني،
سَڏ مون کي ڪيا.
مُند گذري ويئي!
اکڙين جي آسري،
رُلي ويا قافلا.
مُند گذري ويئي!
پلڪن جي پويان،
اکيلا ڪيئي سپنا.
مُند گذري ويئي!
واعدا پنهنجا چو؟
پاڻ ٻنهيءَ کان وسريا.
مُند گذري ويئي!
مون کلي ٿي سَنا،
تُنهنجا سَپ ڏوکا!
مُند گذري ويئي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون تو بنان، ڪيان ته چا ڪيان؟
رات اڪيلي آهي!
آهين تون حَسين، برڪا بهار جيان،
رات اڪيلي آهي!
چُنري تُنهنجي چورائي، آئي چنبدرما،
رات اڪيلي آهي!
ڳوٺ سمورو سُتل، هي اوجاڳو ءِ مان،
رات اڪيلي آهي!
تو جو هٿ ڇڏايو، ڪِريس ڇڻ چوتيءَ تان،
رات اڪيلي آهي!
تون ٿي وڃين دُور، تو ڪي ڪيئن روڪيان،
رات اڪيلي آهي!
تو سواءِ مان، ميڃيءَ پاٽيءَ بنان،
رات اڪيلي آهي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي تُون نہ وِسار گوري! مونکي تون نہ وسار.
رِم جھم رِم جھم بادل برسن، اکيون ميگھ ملھار،
گوري! مون کي تون نہ وسار.
سِرجيا آھن سپنا، اکين جي ھُن پار،
گوري! مون کي تون نہ وسار.
پَن چَڙ جي پوياڙي، اِجھو آئي بھار،
گوري! مون کي تون نہ وسار.
چا سوچي ھُئي جوڙي، ھي دنيا سرجڻھار،
گوري! مون کي تون نہ وسار.
ھيل کيل انو کو تُنھنجو، اسان لئہ ھو پيار،
گوري! مون کي تون نہ وسار.
مون کي تون نہ وسار.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُني ڪائنات هي ڪا محو گردش،
يا تُنهنجي گهگهري جا ها گهير،
اسان کي ڪير ته سمجهائي!
چالاءِ پُلجي، ويئي رُلجي هِي دِل،
رکي تُنهنجن پيرن مٿان پير،
اسان کي ڪير ته سمجهائي!
هَوا ٿي وڃائي وٽن ۾ گهُنگهرو، يا،
تُنهنجي پايل جي آهي چير،
اسان کي ڪير ته سمجهائي!
چالاءِ تُنهنجون هي ناراض نهارون،
چالاءِ تو وٽ ايڏو آ انڌير،
اسان کي ڪير ته سمجهائي!
ٿي پُلائي مُنجهائي چاڪاڻ مسافر،
ڪولي ۽ لهرائي وارن کي ڇوڪير،
اسان کي ڪير ته سمجهائي!
هُن جي بَدن هُيون بهڪايون بَهارون،
چو ڪلين ٽڙڻ ۾ ڪئي هُئي دير،
اسان کي ڪير ته سمجهائي!
نوازي پَئي ٿي تقدير دُنيا کي،
اسان ڏي اوهان جو ايئر نه پير،
اسان کي ڪير ته سمجهائي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُون اپريل جي بَهار مِٽي،
تو ۾ روز گُلاب ٽڙن ٿا!
مون ۾ "مان" رهيو ئي ناهي،
چا جيت چا هار مِٽي،
تو ۾ روز گُلاب ٽڙن ٿا!
سوچيان ٿو تون سنسار ۾،
يا تو مِ سنسار مِٽي!
تو ۾ روز گُلاب ٽڙن ٿا!
نصيب ۾ ڪَنهنجي لکيل آهي،
هي بَدن هِي بهار مِٽي،
تو ۾ روز گُلاب ٽڙن ٿا!
مُنهنجي سيني ۾ ڏڙڪي ٿو،
تُنهنجو اوسيڙو، انتظار مِٽي،
تو ۾ روز گُلاب ٽڙن ٿا!
گهاڻ اسان جا مَهڪي اُٿيا،
چاندني، رات، هِيڪار مِٽي،
تو ۾ روز گُلاب ٽڙن ٿا!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندِ ڪِڙي ئي نڻو،
تُون جو نڻي مُرڪين!
گُلن مٿان پوئنرو،
اڄ مِڙي ئي نڻو،
تُون جو نڻي مُرڪين!
ساز تڻي پيا ءِ اڄ،
راڳ ڇڙي ئي نڻو،
تُون جو نڻي مُرڪين!
شمع ٻرندي رهي،
پتنگ سڙي ئي نڻو،
تُون جو نڻي مُرڪين!
خوشبو ڦهلجي نڻي،
گوڙنج ڙڙي ئي نڻو،
تُون جو نڻي مُرڪين!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي سُونهن کي تون رئي ۾ نه لڪاءِ،
شهر ۾ اسان کي روشني ڪپي ٿي.
ڏي لهڻ ڪونج کي چپن جي ڪناري،
مسافر ڇُميءَ کي زندگي ڪپي ٿي.
شهر ۾ اسان کي روشني ڪپي ٿي.
نه ٿي خفا تون رنگن سان ڪهڪشان جي،
رنگن کي وُسعت ڳلن جي ڪپي ٿي.
شهر ۾ اسان کي روشني ڪپي ٿي.
پنهنجن ٿي هٽن مان ٿي ڪِرين ۽ بَچين،
شيشي کي آخر ته ڪا دري ڪپي ٿي.
شهر ۾ اسان کي روشني ڪپي ٿي.
نهارين نٽي چو تون آرسيءَ منجهه،
آرسيءَ کي به ته ڪا آرسي ڪپي ٿي.
شهر ۾ اسان کي روشني ڪپي ٿي.
ٿي مَري جڏهن به ڪا ديوياپارتي(*)،
لڳي ٿو موت کي به زندگي ڪپي ٿي.
شهر ۾ اسان کي روشني ڪپي ٿي.

❖

(*) ديوپا پارتي (هندوستاني اداکاره) جيڪا جواني ۾ مري وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَدن تُنهنجو شيشي جهڙو نهيل،
پٽرن جي شهر ۾ گهر نه خريد ڪر!
اسان کي مارڻ لاءِ تنهنجون نگاهون ڪافي،
پيسا پري تون خنجر نه خريد ڪر!
پٽرن جي شهر ۾ گهر نه خريد ڪر!
ساگر آهي تشنہ، تنهنجي لبن جو سڪي!
چپن سان پيءِ تون، ساغر نه خريد ڪر!
پٽرن جي شهر ۾ گهر نه خريد ڪر!
اسان اڳيئي آهيون، مُنل تُنهنجي مجاز جا،
مارڻ لاءِ اسان کي زهر نه خريد ڪر!
پٽرن جي شهر ۾ گهر نه خريد ڪر!
عشق ۾ ڪاروبار! روا ناهي دوست،
دل جي بدلي تون، دلبر نه خريد ڪر،
پٽرن جي شهر ۾ گهر نه خريد ڪر!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دل! ديرِ ٿي ويئي گھٽي آ،
اڃ تہ موٽي واپس گھر هلئون!
سناٽو ويو آهي اندر منجھہ لهي،
خيالن جي تہ ڪنهن نئين شهر هلئون،
اڃ تہ موٽي واپس گھر هلئون!
سڀ وڃي سُتا آهن آکيرن ۾ پکي،
پاڻ ٻئي ڇو پيا ٻاٽا دربدر هلئون!
اڃ تہ موٽي واپس گھر هلئون!
ڇو رَسوا ڪريون، عشق کي پنهنجي،
رکي رستي تي هي سفر هلئون،
اڃ تہ موٽي واپس گھر هلئون!
رقيبن جي سازش آ ويئي وڏي ڏاڍي،
ڪاڏي به هلئون، هتان مگر هلئون،
اڃ تہ موٽي واپس گھر هلئون!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا ماڻيءَ تي ڪهڑو،
ها ها! ڪالهه سڄ لٿو ٿي.
تون ٿي وئين دور ڇڏي،
ڇ مون ٻيهي تو کي ڏٺو ٿي!
ها ها! ڪالهه سڄ لٿو ٿي.
ڇو ٿي اچي پن ڇڻ روز!
هڪڙي اداس گل سوڇيو ٿي.
ها ها! ڪالهه سڄ لٿو ٿي.
سُهٽي تري پهتي آهي پار،
عشق ۾ ته درياهه ٻڏو ٿي.
ها ها! ڪالهه سڄ لٿو ٿي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي شعرن جو فصل ڦٽي ٿو،
تنهنجي حُسن جي سرزمين تي.
ياد تنهنجي اچي تہ لڳي ٿو ائي،
باهہ مٽان جڙ ڪوئي گُل ڦٽي ٿو.
تنهنجي حُسن جي سرزمين تي.
حاصلات جي تصور ۾ چاڪاڻ دوست،
من ۾ خيال هر لاحاصل ڦٽي ٿو!
تنهنجي حُسن جي سرزمين تي.
منهنجا قدم چو ٿا مقتل ڏي وڌن،
تنهنجي نگاهہ ۾ چو نئون قتل ڦٽي ٿو.
تنهنجي حُسن جي سرزمين تي.
منهنجي دِل کي ڏي تون هجر جي موسم،
وڇوڙي ۾ زوز نئون وصل ڦٽي ٿو.
تنهنجي حُسن جي سرزمين تي.

❖

www.sindhsalamat.com boọks.sindhsalamat.com

ساريـن جي سُرهـاڻ،
ساري وايـي منـڊل ۾.
جل ٽل جل ٽل جَرڪي،
يـادن جو مـهـراڻ،
ساري وايـي منـڊل ۾.
گـهاءُ جيـان ٽي جَرڪي،
چوڏهـين جي چانـڊاڻ،
ساري وايـي منـڊل ۾.
رستـا رستـا خوشبـو،
تُنهـنجي اچڻ جا اهـجاڻ،
ساري وايـي منـڊل ۾.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـانـوڻ آئـي هـيـل،
ٽي جهيڙيو دِل ڇا لاءِ؟
مُنهنجي پُنهونءَ ڪني،
ڇو ڏاڍي آهـي اَويـل!
ٽي جهيڙيو دِل ڇا لاءِ؟
نـنڊ نـيـاڳي ڇاڪاڻ،
ڪـالهـه آئـي سـويـل!
ٽي جهيڙيو دِل ڇا لاءِ؟
تـو بـنـان هِي حـيـاتـي،
ڇا هي، جي نـاهي جيـل!
ٽي جهيڙيو دِل ڇا لاءِ؟
ويـا وڃـائـجي تـو مـٽـان،
جوانـيءَ جا رابـيـل!
ٽي جهيڙيو دِل ڇا لاءِ؟

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽن مان اکثر آهي ڪري پوندي،
منهنجي دِل سان تون راند نہ ڪر!
رقيب ٽو پيو منهنجا ڏينهن ڳڻي،
پوري هن جي هاڻ مراد نہ ڪر.
منهنجي دِل سان تون راند نہ ڪر!
دل مٺاري ۾ آهن وجي ستيون،
خواهشن سان چري چراند نہ ڪر.
منهنجي دِل سان تون راند نہ ڪر!
بدلي جي آگ ۾ جلي نہ وجين،
پلئو ڪو مون سان پلاند نہ ڪر.
منهنجي دِل سان تون راند نہ ڪر!
گدري جيان گوري جواني تنهنجي،
چريءَ سان هٿ چراند نہ ڪر.
منهنجي دِل سان تون راند نہ ڪر!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق عبادات کري آيو،
توسان ملاقات کري آيو.
سنگدل سان ملي، پنهنجا،
سنگين حالات کري آيو!
توسان ملاقات کري آيو.
جڏهن به ويو خيالن منجهه،
کڙي محلات کري آيو!
توسان ملاقات کري آيو.
هو روئڻ روکي سگهيو کين،
کهڙي بات کري آيو!
توسان ملاقات کري آيو.
کنهن نه ڄاتو ته اڄ "عزيز"،
ڏينهن کي رات کري آيو!
توسان ملاقات کري آيو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي واهيري آيا آهيون،
. اسان جو من ته پکين جيان آهي.
اکيون هُيون کوزه گر اسان جون،
پرين به ته اسان جو پَرين جيان آهي.
اسان جو من ته پکين جيان آهي.
پيو ڏڙکي ٿو خيال يار مِر سَدا،
عشق يار پنهنجو هِي دلين جيان آهي.
اسان جو من ته پکين جيان آهي.
چانيل اسان تي گهنگهور گهٽا جيان،
سانوڻ پي هُن جي اکين جيان آهي.
اسان جو من ته پکين جيان آهي.
ويو کري شاداب، سراب بَدن جو،
چهاءُ هُن جو نديين جيان آهي،
اسان جو من ته پکين جيان آهي.
چاهت پنهنجي آهي آوارگيءَ وانگي،
سُونهن اوهانجي، گهٽين جيان آهي،
اسان جو من ته پکين جيان آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چالاءِ هُيــو هُو خاڪ بَســر سَرِ شــام،
صحرا تہ مجنونءَ جي پيرن ۾ هُيو!
سندس گهيري ۾ هُيون سَڀ گردشون،
يا گردشن جي هي گهيرن ۾ هُيو.
صحرا تہ مجنونءَ جي پيرن ۾ هُيو!
ٿي سِکي سبق عاشقي مڪتب دِل منجهہ،
چالاءِ ڳوليو هُن چند کي انڌيرن ۾ هُيو.
صحرا تہ مجنونءَ جي پيرن ۾ هُيو!
پيو ڳولي مَن پنهنجو چٽن بي چٽيءَ ۾،
مليو نہ سُکون اسان کي سويرن ۾ هُيو.
صحرا تہ مجنونءَ جي پيرن ۾ هُيو!
پَکي ويا ها اُڏامي ڏور ڏسائن ڏانهن،
ويو رهجي پوئتي ٽڪ آکيرن ۾ هُيو.
صحرا تہ مجنونءَ جي پيرن ۾ هُيو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلڙي بيڪس بنجي ويئي،
بيدل جي هُن شهر ۾.
رُخ تان جو هن رئو هٽايو،
چاندني بيوس بنجي ويئي.
بيدل جي هُن شهر ۾.
هن جي مرڪ جو گل ٽڙيو،
بهار بي رس بنجي ويئي.
بيدل جي هُن شهر ۾.
اختر[1] اچڻ چاهي نٿو،
يا ريل بي حس بنجي ويئي.
بيدل جي هُن شهر ۾.
منهنجي هٿ مان نڪري دل،
ڪنهن جي هٿ وس بنجي ويئي.
بيدل جي هُن شهر ۾.

❖

(1) اختر درگاهي، روهڙي ۾ رهندڙ منهنجو پيارو دوست ۽ هم عصر شاعر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي ڦهلجي خوشبوءِ جيان سنسار ۾.
پنهنجي مُحبت جا قصا عام ٿيا.
ڪالهه هُيو مئخانو، سَمورو لڙکڙايو
دست و گريبان هُيا ڪيئي جام ٿيا.
پنهنجي مُحبت جا قصا عام ٿيا.
ڪيڏو شور ٿيو هيوبرپا گلستان ۾،
خوشبوءِ جا، ڪلين جا ها قتلام ٿيا.
پنهنجي مُحبت جا قصا عام ٿيا.
جن مشهور به نه ٿيڻ چاهيو هو ڪڏهن،
اُهي ئي آهن اڄ چو بدنام ٿيا.
پنهنجي مُحبت جا قصا عام ٿيا.
شوق يار ۾ ٿيا شهنشاهه به گدا،
حاڪمِ شهر پي ڪيئن نه غلام ٿيا.
پنهنجي مُحبت جا قصا عام ٿيا.
هوائن ٿي ڏسيا ڪالهه پتا پرينءَ جا،
الڪا اڪين جا هُيا پيام ٿيا.
پنهنجي مُحبت جا قصا عام ٿيا.

❖

تو بنان تڙپي اُٿي،
دِل اسان جي سيني ۾.
گيت اسانجا جرڪن ٿا،
گوري جي پسيني ۾.
دِل اسان جي سيني ۾.
وڃڙي ويئي آ ڇا لاءِ،
ملڻ جي مهيني ۾!
دِل اسان جي سيني ۾.
خواب پُوري ڇڏيا ڪنهن؟
نيٽن جي نگيني ۾.
دِل اسان جي سيني ۾.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُورج، چنڊ، ستارا جرکن،
روشن روشن تارا جرکن.
باک قُبّيءَ جي اوسئيڑي ۾،
جگ مگ جُگنو سارا جرکن.
روشن روشن تارا جرکن.
جرکي سارو جگ اسان جو،
جرکي ديس نظارا جرکن.
روشن روشن تارا جرکن.
چانديءَ جھڑو پاڻي جرکي،
سون ستدا ڪنارا جرکن.
روشن روشن تارا جرکن.
ماکيءَ جھڙو موھ اسان جو،
ماڻھو ڪير ڏارا جرکن.
روشن روشن تارا جرکن.

❖


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَدن جي ڪمان ۾ هُوءَ تير جيان تاڻيل،
حياتي پنهنجي ڏي اڄ خير ناهي.
گهر پنهنجي مَن جو آهي ٺهيل ڪچو،
انگڙايون هَن جُون ڪنوٽين سان واڻيل.
حياتي پنهنجي ڏي اڄ خير ناهي.
پيشانيءَ تي ستارا آهن جُهومر هُن جي،
چانڊنيءَ جي پَرڻ مان هُوءَ چاڻيل.
حياتي پنهنجي ڏي اڄ خير ناهي.
شفق کي دُور کان ٿي ڪارونجهر ڏٺو،
مور هيا ڪور ۾ سڀ برف بڻيل.
حياتي پنهنجي ڏي اڄ خير ناهي.
نشاني تي رکي دِل، ٿي ڪشي نگاهون،
جواني پُوري هِتي، ڪنهن کي نه حاصل.
حياتي پنهنجي ڏي اڄ خير ناهي.
خدا معلوم ڇا هُوندو ان ۾ لکيل!
اڄ مِلي تُنهنجي آهي تار اُماڻيل.
حياتي پنهنجي ڏي اڄ خير ناهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عزيز گوپانگ سنڌي ٻوليءَ جو مڃيل ليکڪ ۽ شاعر آهي. سندس شمار اُنهن شاعرن ۾ ٿئي ٿو جيڪي دل ۽ اُن جي معاملن کان علاوه قانون توڙيندڙ ڏاڍ مڙسين خلاف پڻ گيت لکندا رهيا آهن. عزيز سنڌ جي ليکڪن جي اُنهيءَ نسل مان آهي جنهن ضياءُ الحق جي آمريت واري دور ۾ شعوري طور تي اک کولي. هن دوست جمهوريت جي سج اپارڻ لاءِ نڪتل نوجوانن کي ٽکٽڪين ۽ ٽاهين تي جهولندي ڏٺو ۽ سنڌن لاءِ گيتن جا هارپوئيا ۽ هڪ فسطائي جنرل هٿان پنهنجي محسن ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاهيءَ واري موضوع جو مرثيہ نگار رهيو. عزيز گوپانگ جمهوريت جي بحالي لاءِ سرجندڙ شعري توٽي نثري ادب جو هڪ سرموڙ ليکڪ آهي. جنهن 83ع واري تحريڪ دوران. قلم ذريعي سنڌ جي نمائندگي ڪئي. پنهنجو هي دوست نہ رڳو سٺو شاعر پر هڪ معصوم ۽ درويش صفت انسان پڻ آهي.

حسن مجتبيٰ

عزيز نہ فقط هڪ رنگين مزاج شاعر جو نالو آهي پر هُو هِڪ پُرخلوص ۽ وضعدار دوست جو دل آويز پيڪر پڻ آهي. عزيز تخيل جي جهان جو هِڪ تجربيڪار ۽ استاد گهوڙيسوار آهي. جنهن جي مزاج ۽ سفر جي موسمن جي ڪيس ئي خبر آهي. آئون تہ بس ايترو ئي جاڻان ٿو تہ هو سدائين دل جي انگل ۽ اُن اڳيان بيوس نظر ايندو آهي ۽ اُن جي ئي مرضيءَ سان ڪنهن خيال جي گهوڙي جي رڪاب تي پير رکي لانگ ورائي ويهندو آهي.

سندس شاعريءَ جي هن مجموعي ۾ ڏنل غزلن جي ماکيءَ جو ذائقو جيڪو نج ۽ نئون آهي، اُن کي ڏسي محسوس ٿئي ٿو تہ هن هي ماکيءَ گيترن ئي خوابن، آرزوئن ۽ تمنائن جي گذري ويل موسمن جي گل گل مان، ذرو ذرو ڪري ميڙي آهي. عزيز جي شاعراڻي فن جي هِڪ الڳ ادا آهي. هن ڪڏهن بہ پنهنجن غزلن کي عروض جي پڇري ۾ قيد ناهي ڪيو، اهوئي سبب آهي جو سندس غزل چانگ چلانگون ڏيندي، ڪنهن سرسبز ۽ شاداب جبل تي چڙهندڙ ڏڪ جيان لڳندا آهن.

علي آڪاش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑهندڙ نسُل ۔ پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "**پڑهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاگر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڑهندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ٻِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَهکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آهي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِکَٻئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجِٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجِٽائِيز کرڻ کان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو کم کرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا کمائي سگهي ٿو تہ يلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليگکَن، چپائيندڙن ۽ چاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران کَنهن بہ رُکاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداڻيءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book